# سيتا هرڻ

قرة العين حيدر - ولي رام ولڀ

ايڊيشن ٽيون مئي 1997ع

روشني

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو-حيدرآباد سنڌ

# سنڌيڪار جي قلم مان

قرة العين حيدر، جنهن جو نالو اڙدوءَ جي چوٽي جي ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نويسن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، اڙدوءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار مرحوم سجاد حيدر يلدرم جي ڌيءُ آهي. سندس ماءُ بہ ناول نگار هئي. پاڻ 1927ع ۾ علي ڳڙهہ ۾ ڄائي، جتي پڻس مسلم يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار هو. 1947ع ۾ لکنئو يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب مان ايم-اي ڪيائين ۽ انهيءَ کان سواءِ چِتر ڪلا ۾ بہ نالو ڪڍيائين. ادبي زندگيءَ جي شروعات 1944ع ۾ ڪهاڻي لکڻ سان ڪيائين. جيڪا اڙدوءَ جي ماهوار رسالي ”همايون“ ۾ شايع ٿي ۽ پسند ڪئي وئي. انهيءَ وقت کان وٺي لاڳيتو لکندي پيئي اچي. سندس ڪهاڻين جا ڪافي مجموعا، ناول، ناوليٽ رپورتيج، آتم ڪٿا ”ڪارِ جهان دراز هي“ وغيره شايع ٿيل آهن. جن مان ”ستارون سي آگي“، سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي، ۽ ”ميري ڀي صنم خاني“ سندس پهريون ناول آهي، جيڪي 1947ع ۾ ڇپيا. اهو ناول ورهاڱي جي موضوع تي لکيل آهي ۽ اڙدوءَ جي پهرين ڌهن جديد ناولن ۾ ليکجي ٿو، پر مشهوري کيس ”آگ ڪا دريا“ کان پوءِ ملي، جيڪو 1959ع ۾ ڇپيو. اهو ناول 'Stream of Consciousness' ٽيڪنيڪ تي اڙدوءَ جو پهريون سڀ کان ڪامياب ناول سمجهيو ويندو آهي. اهو ناول هند و پاڪ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڇپيو ۽ نيشنل بوڪ ٽرسٽ پاران هندستان جي چوڏهن ٻولين ۽ روسي ٻوليءَ کان سواءِ، دنيا جي ٻين سنڌريل ٻولين ۾ ترجما شايع ڪيا ويا آهن. اهو ناول ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اڙدوءَ جي ايم-اي جي ڪورس تي نصاب طور پڻ رکيل هو. انهيءَ کان سواءِ ساهتيہ اڪادمي پاران سندس مجموعو ”پت جهڙ ڪي آواز“ تي، جيڪو ٽن ڀاڱن (Trilogy)- ”پت جهڙ ڪي آواز“، ”جلاوطن“ ۽ 'هائوسنگ سوسائٽي' تي مشتمل آهي، 1967ع ۾، ۽ ”آخِرشب ڪي هم سفر“ تي 1971ع ۾ انعام بہ ڏنا ويا آهن.“[1]

کيس تاريخ سان گهري دلچسپي آهي. سندس وڏا صوفي پرچارڪن مان هئا، جيڪي ٻارهين عيسوي صدي ڌاري بخارا کان هندستان لڏي آيا هئا. سندس پڙ ڏاڏو انگريزن سان 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ پڻس ”نوجوان ترڪ هلچل“ ۾ حصو ورتو هو ۽ ترڪي ڪهاڻيون جديد اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪيون هئائين.

قرة العين حيدر ڪهاڻي- ڪيتر ۾ انساني جذبن جو ڀرپور اظهار ڪري ٿي، جنهن ڪري سندس فن اعليٰ شاعريءَ جي اُتاهين تائين وڃي ٿو ڪلهو هڻي. وٽس نديءَ جي وهڪري جهڙي تيزي تہ ناهي، پر چانڊوڪي

رات ۾ باغ جي سگهڻ ضرور ملي ٿي. هوءَ انسان جا لڙڪ ۽ مرڪون، خوشيون ۽ خواب پنهنجي پلاند ۾ ڪٺي نڪري ٿي ۽ جيڪي پلاند ۾ اٽس. وندينيدي ورهائيندي ٿي وڃي. جيڪي انسان ضميرجي آرسيءَ ۾ جيون جي سپني دکن ۽ سپنن جو روپ ڏسڻ ٿا چاهين ۽ اِهو به چاهين ٿا ته انساني جيون ڪنهن سپني جي ساپيا بنجي پوي ته اُهي سندس رچنائن کي پسند ڪن ٿا. گهڻو ڪري حقيقي ڪردار ۽انهن جي سپنن جا پاڇولا، سندس ڪهاڻين جي تاجي پيٽي ۾ اُڻجيوائين ٿا گڏجيووڃن جو ڪين هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. وقت جيڪڏهن هڪ مسلسل حقيقت آهي، جو ڪڏهن به ڪٿي نٿو بيهي ۽ روان دوان آهي، ته وڏي ۾ وڏي ٽرئجڊي به اُن وقت تائين انسان جي عظيم جذبن ۽ اُمنگن جي ترجمان نٽي بنجي سگهي، جيستائين قرة العين حيدر جهڙين ليکڪائن وانگر اها ڪوشش نه ڪئي وڃي ته جيون جي ڏکن ۽ سکن جي رنگن مان جيڪي ڪردار جنم وٺن ٿا، اُهي سپيئي انهن سپنن جا پاڇولا بنجي وڃن ٿا، جن جو واسطو هڪ عظيم انساني سماج ۽ عظيم انساني تصور سان آهي. عظيم انسان مان منهنجي مراد خيالي انسان نه، پر هڪ اهڙو انسان آهي، جنهن جو درد سمنڊ جيترو گهرو ۽ آڪاس جيڏو وشال آهي. لڙڪن ۾ معصوم انسان جي مرڪ ۽ مرڪندڙ انسان جي منهن تي دکي انسانن جي ڏکن جا پاڇولا- اها اُس- ڇانوَ واري ڪهاڻي جيڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ ناهي، ته اها عظيم ڪهاڻي ٿِي نٽي سگهي.

”سيتا هرڻ“ ۾ فن جون بنيادي ڌارائون هڪ هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جنهن ڪري اهو ناوليٽ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ناوليٽ جو ڪينواس جاگرافيائي، تاريخي ۽ تهذيبي طور تي وسيع آهي، جنهن ۾ هندستان جي رزميه شاعري ”رامايڻ“ جي واقعن کي ’System of reference‘ بنائي سيتا ميرچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’Personal involvement‘ سان پيش ڪئي ويئي آهي.

ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار، سيتا ميرچنداڻي، هڪ پڙهيل لکيل عورت آهي پروگريسو سوچ جي حامي ۽ پرچارڪ آهي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان ”هندستان جي سماجي انقلاب“ جي موضوع تي ريسرچ ڪري پي ايچ- ڊي جي ڊگري ورتي اٿس. هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا جي هر شيءِ جي باري ۾ سوچي ٿي ۽ بحث ڪري ٿي. هندو آهي، پر سندس پهرين محبت ۽ پوءِ شادي جميل نالي اڙدو ڳالهائيندڙ هڪ مسلمان سان ٿئي ٿي، جيڪو فيض آباد (هندستان) جو رهاڪو آهي، پر نوڪريءَ سانگي آمريڪا ۾ رهي ٿو. هوءَ پاڻ اصل ۾ سنڌي ۽ حيدرآباد جي رهاڪو آهي. سندس ننڍپڻ سنڌ ۾ گذريو آهي.

سندس پيءُ ڪراچيءَ ۾ عامل ڪالونيءَ ۾ ميڊيڪل پرئڪٽس ڪندو آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ٿو وڃي.

ناوليٽ جي شروعات، جميل جي ٻي شاديءَ جي خبر سان ٿئي ٿي، سيتا علمي، ادبي ۽ ثقافتي قسمن جي گڏجاڻين ۾ مشغول رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ مٿئين طبقي جي امير پڙهيل لکيل نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دنيا آهي، جيڪا بيحد ذهين، خوبصورت ۽ آزاد آهي. سندس دلچسپيون، گفتگوءَ جا موضوع، ماحول ۽ گڏجاڻيون- سڀ هڪ جهڙا آهن. زندگي انهن لاءِ خوشيءَ جي ڪيڏ آهي، ڇهڇٽو آهي، پر زندگيءَ جي دک جو ايذاءُ ڪيس ڇُهيندو ۽ ڪُرائيندو رهي ٿو. ننيڙي پٽ راهُل جي ياد ۾ جميل لاءِ محبت جي چڪ، انهن ٻنهي ڪارڻن ڪري، زندگي ڪيس خالي ۽ فضول لڳي ٿي. پوءِ هوءَ هيڪلائي جي شديد احساس هيٺ حالتن جي بيرحم ۽ تکين لهرن ۾ بيوس بنجي اڳيان لڙهندي وڃي ٿي ۽ خبر نٿي پويس ته نيٺ انهيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. پر زندگيءَ جي دکن سکن مان گذرندي سندس بنيادي احساس پڻ وڌيڪ گهرو ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڏوهه جو احساس ڇاتيءَ تي بار بنجي بيهي ٿو وڃيس. انهيءَ بار کي جهڪو ڪرڻ لاءِ، آسائش جون پناهگاهون ڳولي ٿي. پڇاڙيءَ ۾ عرفان، جيڪو سندس آخري پناهه گاهه آهي، جي بيوفائيءَ کان ته سيتا جي دل بلڪل وساميو وڃي ٿي ۽ زندگي هيڪاري وڌيڪ اونداهي ٿي وڃيس ٿي. تمام شديد گهرو احساس سندس دل ۾ روح تي حاوي پئجي ٿو وڃيس.

سيتا جي جذباتي محرومي، هن ناوليٽ جي دل آهي. اها محرومي هڪ ماءُ جي محرومي آهي، هڪ زال جي محرومي آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي جنم ڀوميءَ کان به محرومي آهي، جيڪا ليکڪا پنهنجو وطن ڇڏي پرڏيهه ۾ اچي محسوس ڪئي هئي ۽ سيتا جي ڪردار ۾ سموئي، تاريخي فريم ۾ رکي، موضوع ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس. بنيادي طور تي سيتا جي ٽرئجدي، ليکڪا جي پنهنجي فطرت ۽ سياءُ جي ٽڪراءُ جو نتيجو آهي. پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي مان، ٽرئجديءَ جو عمل شديد ٿئي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ، جوان ٿيندڙ مهاجر نسل جون پاڙون ڪنهن زمين ۾ نٿيون ڪُپن. سندس جذبا جن علائقن سان ڳنڍيل هئا، ڪين اُتان نڪري ٻين هنڌن تي وڃي رهڻو پيو. ليکڪا انهيءَ جذبي کي شدت سان محسوس ڪري هيءُ ناوليٽ لکيو آهي. تهذيبن جومٽجڻ، لکين ماڻهن جو ڏتڙجي جلاوطن ٿي بي گهر ٿيڻ، قرة العين حيدر جا پسنديده موضوع آهن. هن ناوليٽ ۾ جلاوطنيءَ جي

مسئلي کي ننڍي ڪنڊ جي حدن کان ٻاهر وسيع پئماني تي ۽ ڀرپور انداز سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، جيڪا سندس فني پيٽرن ۾ هڪ نئين شيءِ آهي.

قرۃ العين جي ڪهاڻي- رچنا جي شروعات محدود ماحول ۽ خاص طبقي کان ٿي آهي، پر سندس ذهني اُڏام جو 'Aperture' آهستي آهستي کُلندو ويو آهي، ايتري قدر جو سموري ثقافت سندس موضوعن ۾ سميٽجي آئي آهي. پر سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ جيڪي موضوع داخل ٿيا آهن، انهن جو رنگ ۽ روپ سندس ذاتي تجربن جي روشنيءَ ۾ بلڪل بدلجي ويو آهي. جيئن سندس تجربن ۾ محرومي ڀريل آهي، انهيءَ ڪري انسانيت پرستيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي پيشڪش ۾ سندس لهجو مايوس ڪُن آهي. سندس لکڻيون ترقي پسند تحريڪ جي اوساري جي حيثيت رکن ٿيون، جنهن جي پويان سندس حساس شخصيت پوري آب ۽ تاب سان اُجاگر ٿئي ٿي. هيءُ ناوليٽ بي انت خلوص سان ڀرپور جذباتي تاثر جو نتيجو آهي، جنهن ۾ خوبصورت عورت جي محبت جو ڏکائيندڙ ڪلائمئڪس، سندس پنهنجي وطن جو وڇن مان لڏڻ جو تجربو ۽ انسانيت پرستيءَ جي روايت جي ناڪاميءَ جو اوسارو- اهي ئي موضوع، جيڪي قرۃ العين جي ڪهاڻيءَ ۾ تاڃي پيٽي جي حيثيت رکن ٿا- اڃي وڃن ٿا ۽ جذبات جي انهيءَ خانہ جنگيءَ کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهرجي.

ترجمي ڪندڙ کي ترجمي ڪرڻ وقت تخليق جي تجربي مان گذرڻو پوندو آهي. آءٌ جڏهن بہ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي ادب جي ڪنهن بہ صنف جي شهپاري کان متاثر ٿيندو آهيان، تہ اُن کي هڪدم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي خواهش جاڳندي اٿم. پر اهڙين شاهڪارن کي ترجمي ڪرڻ وقت ڪيترين ئي ڏکيائون پيش اينديون آهن ۽ پوءِ اهو ڪم هڪ فرد جي وِت کان ٻاهر بنجيو وڃي. ادب جي شاهوڪاريءَ جو مدار نہ رڳو ڌرتيءَ، جي اصلوڪين تخليقي لکڻين تي آهي، پر پرڏيهي ۽ ڌارين ٻولين جي ترجمي تي پڻ آهي. دنيا جون شاهوڪار ٻوليون- انگريزي، فرانسيسي، اسپيني، جرمن، روسي يا اٽالين وغيرهہ رڳو پنهنجي تخليقي ادب ۽ ڏيهي لکڻين جي ڪري مهندار نٿيون ليکجن، پر دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب کي پاڻ ۾ سمائڻ ڪري بہ اُتم آهن. رومن لٽريچر کي اينگلو سئڪسن ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ انهيءَ کان پوءِ جديد انگريزي ۾، نہ تہ روم جي زوال کان پوءِ سندن تهذيب جو خاتمو ٿي وڃي ها. نثر جي زبان، جيڪا تمدن جي زبان آهي، انگريزي نثر جي ٻوليءَ کي اليزبيٿ پهرين ۽ جيمس جي زماني ۾ مترجمن سڌاريو ۽ سنواريو. فيلسوفن جي فڪر جا ترجما ڪري

لبرل سوچ کي اڳاهون ڪيو ويو. ترجمن وسيلي ئي بحر روم جي رهاڪن جا خيال يورپ تائين پهتا ۽ پوءِ ارڙهين صديءَ ۾ انگليند ۽ هاليند جي نون بورجوائي (Dialectic) فيلسوفاڻي نظرين ۽ ترقي پسند تحريڪن ڏکڻ جو سفر ڪيو. اهو ڪم گهڻو ڪري فرانسيسي مترجمن ڪيو، جنهن ڪري فرانس ۾ انقلاب آيو، جيڪو آمريڪا جي انقلاب جو پيش خيمو بنيو.

اسان جي ٻوليءَ جو ادب به فڪر، ٽيڪنيڪ، فارم ۽ ڪنٽينيٽ جي جن مرحلن مان گذري، جنهن منزل تي پهتو آهي، انهيءَ کي ڏسبو ته اسان بيشڪ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي، معاشي، مذهبي ۽ سماجي حالتن جو ڪچو مال استعمال ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت پرڏيهي ادب جي مختلف ذهني ۽ فڪري لاڙن ۽ نظرين کي قبولي فارم ۽ ٽيڪنيڪ جا تجربا به ڪيا آهن. اهڙي قسم جا تجربا اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻين ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۾ مدد ڪن ٿا. ادب جي چاشنيءَ جا سمنڊ ڀريا پيا آهن، پر انهيءَ چاشنيءَ کي چکڻ لاءِ اسان کي پرڏيهي ادب جي هر صنف جي شاهڪار ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪم لاءِ جامع رٿابندي جي ضرصورت آهي، جيڪا قومي سطح جا ادارا ئي ڪري سگهن ٿا.

آخر ۾ هن ناوليٽ جي ترجمي بابت ذڪر ڪندس. ترجمو ڪيئن ٿيو آهي، انهيءَ جو فيصلو پڙهندڙن تي آهي، پر موضوع جي لحاظ کان اسان وٽ هيءُ نئون ۽ نرالو موضوع آهي، جيڪو جيڪڏهن محدود طبقي کي پسند ٿو اچي، ته انهيءَ جو بار نه ليکڪ تي آهي ۽ نه سنڌيڪار تي.

**ولي رام ولڀ**

2- شمس چيمبرس، ٺماڻ،

رسالا روڊ، حيدرآباد، سنڌ.

15- مئي 1977ع

(1) ويجهڙائيءَ ۾ سندس به ناول 'گردش رنگ چمن' ۽ 'چاندني بيگم' پڻ شايع ٿيا آهن، جن ۾ ليکڪ پنهنجي سموري ذات ۽ ڏاهپ سان موجود آهي.

# 1

اُها منجهند بہ هميشہ وانگر بلڪل عام منجهند هئي، جڏهن ڊاڪٽر سيتا ميرچنداڻيءَ کي سُڌ پيئي تہ جميل ٻي شادي ڪري ورتي آهي. گهڙي اڳي وانگر ٽِڪ ٽِڪ ڪري رهي هئي. نومبر ۾ پڪي اڳي وانگر آسمان ۾ ڦيرا ڏيئي رهيا هئا. 'ايشين ٿيئٽر انسٽيٽيوٽ' ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا 'ٻارن جي ٿيئٽر' جي ڪلاس ۾ اڳي وانگرڪٽ پتليون نا‌هڻ سکي رهيا هئا. ٻئي ڪمري ۾ اڳي وانگر 'ڳوٺاڻي ٿيئٽر' تي ليڪچر ڏنو پئي ويو. نئين دهليءَ جي رستن تي بسون اڳي وانگر هلي رهيون هيون. هوءَ للتا سان ملڻ لاءِ هتي آئي هئي. ٽين وڳي ڪيس هيما وٽ پهچي، شهزاد سان گڏجي 'مدرا راڪشس'[1] جي ريهرسل ۾ ويٺو هو. رات جو 'ماڊرن ٿيئٽر' جي ميمبرن ڪيس مسز ڊولي سين وٽ مانيءَ تي ڪوٺ ڏني هئي، زندگي ڪيتري مصروف هئي، (۽ ڪيتري خالي هئي). اڍائي وڳي هوءَ مٿرا روڊ کان بس ۾ علي پور روڊ ڏانهن رواني ٿي هئي ۽ ڪمشنر لين ۾ اچي 'پيلي ڪوٺيءَ' جي ڳاڙهي بجريءَ واري ڊگهي روڊ تي پهتي هئي. هوءَ 'پيلي ڪوٺيءَ' جي چبوتري تي ويٺل ڇوڪرين کي 'هيلو هيلو' ڪندي، 'پيلي ڪوٺيءَ' جي گارڊن هائوس جي گئلريءَ ۾ کِهڙي هئي. دروازي جي پرسان شهزاد جو ڪمرو هو. هُن پردي مان ڏٺو هو تہ شهزاد اجا تائين آرام سان ليٽيو پيو هو. هوءَ هيما جي ڪمري ڏانهن وڃي رهي هئي تہ گئلريءَ جي ٻئي فون جي گهنٽيءَ وڄڻ لڳي. گهنٽي ڪافي دير تائين وڄندي رهي ۽ وچ ۾ ڪجهہ ڪن بند ٿي ويئي هئي. شهزاد ننڊاکڙي آواز ۾ بيزاريءَ مان رڙ ڪئي هئي، "اڙي ڪو فون چو نٿو ڪٽي!؟"

هُن اُچل ڏيئي رسيور کنيو هو. اُن وقت ٽي وڳا هئا. ٻئي پاسي کان بلقيس زور زور سان چئي رهي هئي: "هيما، چا توو‌ٽ سيتا پهچي ويئي آهي؟"

"هاءِ... بليس.... مان سيتا ٿي ڳالهيان. ڪا خاص ڳالهہ آهي؟"

"اڙي تون تہ ڏاڍو جلدي پهچي وئينءَ. خاص ڳالهہ...؟ اوهہ... اڙي بابا ها ... اڄ ڏاڍو مزو آيو ... پرديپ، ڪامران کي چوڻ لڳو..."

"بلقيس، توهن وقت مون کي ڇو فون ڪئي؟"

”ڪجهه به نه ... ائين ئي ...“ بلقيس جو آواز معمول کان وڌيڪ پُر سُڪون هو، ”هي هي هي. مون سوچيو ته خبر وٺان ته اڄ جون ڪهڙيون خبرون آهن. تو للتا کي حميدا جو نياپو ڏنو يا نه؟“

انهيءَ کان پوءِ ويهه منٽ کن بلقيس شهرجي ٿيئٽر گوسپ (Theater Gossip) ڪئي هئي. ڊراما سيزن شروع ٿي چڪي هئي ۽ شهر جا ٽيهه چاليهه ڊراما گروپ قسمين قسمين ڊراما اسٽيج ڪرڻ ۾ رُڌل هئا.

هاڻي ساڍا ٽي وڳا هئا. سيتا بيزار ٿي چيو هو: ”بلي ڊيئر، ڇا تو مون کي اهوئي ٻڌائڻ لاءِ فون ڪئي آهي؟“

”اڙي... هو...“

”نيويارڪ کان ڪو خط آيو آهي؟“

”ها.“ بلقيس جي آواز جو جڙتو جوش هڪدم ڍرو پئجي ويو.

”ڇا ڳالهه آهي بلقيس؟“

”جميل ... جميل شادي ڪري ڇڏي آهي.“

گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ. شهزاد زور سان پاسو ورايو ۽ سندس پلنگ جي اسپرنگ مان چيڪاٽ جو آواز نڪتو. ٻاهر عنابي گلاب جي ٻارين پرسان هيما جو ٻار روئڻ لڳو. ڊائننگ روم ۾ بشن سنگهه ٺڪاءُ سان الماري بند ڪئي.

”ڪنهن سان؟“ سيتا اهڙي طرح پڇيو ڄڻ ڪنهن پراڻي قِتل ڪوهه مان ڳالهائيندي هجي.

”ڪا ڪانٽينينٽل ڇوڪري آهي.“ ڪئين ميل پري، چ اٽڪيا پوريءَ ۾، بلقيس جي گهر ۾ به زندگي هميشه وانگر جاري هئي. ٻار شور مچائي رهيا هئا. ڇانهه جا ٽانوَ ڪڙڪيا پئي. ننڍي ماسي، رام اوتار تي ناراض پئي ٿي. بلقيس جي وڏي ڀاڻيجي فرش تي اوڪڙو ويهي ٽيپ رڪارڊر وڄائي رهي هئي: ’تمام عمر رها غمزه و ادا ڪا شڪار‘ دروازو ٻيڪڙي ڇڏ. خاموش! اڙي ڳالهائڻ کان بس به ڪر. واهه واهه! خوب! ڪهڙي ڳالهه ڪجي ته غمزه و ادا ... ادا وري ته پڙهجو. ’تمام عمر رها ...‘ اهو غزل بلقيس وارن وٽ ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنهن شاعر ترنم سان پڙهيو هو ۽ سيتا کي ڏاڍو وڻيو هو.

انهن سيني آوازن سان بلقيس جو آواز ڇتو ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

”اڇا ڪجهه زور سان ڳالهاءِ. تو وٽ گهر ۾ ڏاڍو روج راڙو متل آهي.“ سيتا به ٿوري رڙ ڪري چيو هو.

”هڪ ڪانٽينينٽل ڇوڪريءَ سان. تفصيل جي تہ خبر ناهي پر فقط ايترو لکيو اٿس تہ يو اين ۾ سندس آفيس ۾ ڪم ڪندي آهي. ڪا هوندي اڙي مظفر. منهنجي مٿي تي ڇو ٿو لُڏين؟ ٻاهر وڃي ڪيڏ. اڙي ها. ڪا هوندي ويٽرس يا ٽائيپسٽ نيا ڳي! “

”هو منهنجي طرفان ايلزبيٿ ٽيلر سان وڃي شادي ڪري، منهنجو ڇا وڃي.“ سيتا رُڪائيءَ سان وراڻيو. هاٽي هوءَ فون پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي. گئلريءَ ۾ اونداهي ڇانيل هئي ۽ غير معمولي طور تي سردي ٻہ.

”انهيءَ ۾ فقط هڪ خرابي آهي سيتا ڊيئر. ايلزبيٿ ٽيلر تہ شادي ڪري ڇُڪي آهي ۽ ٻڌو اٿم تہ پرنسيس مارگريٽ جي هٿن ۾ بہ اڄ سياڻي ميندي لڳڻ واري آهي. سموري دنيا ۾ اهي ئي ٻہ ڇوڪريون ڪيس پسند هيون ۽ ٽين نرگس. هن بہ هاڻي وڃي پنهنجي گهر ٻار وسايو آهي.“

بلقيس انور علي، مُلڪ جي چوٽيءَ جي اسٽيج ايڪٽريس جي حيثيت سان هاڻي وري ڏاڍي نارمل آواز ۾ ڳالهائي رهي هئي. گذريل سال بمبئي جي ”انڊين اڪيڊمي آف ڊرئمٽڪ آرٽ“ مان ڊپلوما حاصل ڪئي هئائين. هن سال ڪيس ’دهلي ناٽيہ سنگهہ‘ طرفان بهترين ايڪٽريس جو ايوارڊ مليو هو. ’ماڊرن ٿيئٽر‘ جي ايندڙ پيشڪش ۾ هوءَ غضب جي اَلميہ اداڪاري ڪرڻ واري هئي. پوءِ هوءَ پنهنجي آواز مان ڪهڙي طرح ظاهر ٿيڻ ڏيندي تہ دراصل ڇا سوچي رهي آهي.

”بلقيس.“

”ها سيتا.“

”تون ايتري قدر ڪميٽي ڪيئن ٿي ٿِي سگهين! ڇڱو، مان هيما سان ملي وڃان. شام جو ملاقات ٿيندي.“

”باءِ سيتا.“

# 2

بلقيس رسيور رکي ڇڏيو ۽ لائونج مان لنگهي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. وچ واري ڪمري ۾ ننڍي ماسي، ناسي شال ۾ مٿي ڪان پيرن تائين ڍڪيل، تلسي پور ڪان آيل ڪنهن مائٽ سان ڳالهين ۾ رُڌل هئي. پوئين لان تي ٻار ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هئا. آخري سرءُ جو تمام ڌنڌليل سج لائونج جي شيشن مان ليٽا پائي رهيو هو. پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، بلقيس ڊريسنگ ٽيبل تان خط کڻيو جيڪو ڪلينڪس جي دٻي تي اڌ کليو پيو هو. اسٽول تي ويهي هن ٻيو پيرو پڙهڻ شروع ڪيو. سندس ماسات جميل هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين کان پوءِ آخر ۾ فقط هڪ پئرا وڌيڪ لکي هئي:

”مون گذريل آچر جو هڪ اسپينش ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. هوءَ منهنجي ئي سيڪشن ۾ ڪم ڪندي آهي. ڏاڍي معقول ڇوڪري آهي. انٽليڪچوئل ناهي. اسمٿ ڪاليج ۾ پڙهي آهي، جيڪو هتان جو وڏو ارسٽوڪريٽڪ ڪاليج آهي. انهيءَ ڪري دلجاءِ ڪجانءِ ته تنهنجي ڀاڃائي ’شاپ گرل‘ ناهي، جو توهان نيٽِو (Native) ڇوڪرين جو اجايو خيال آهي ته توهان جا بيهودا ڀاءُ مغرب ۾ اچي شاپ گرلز ۽ بقول تنهنجي، ڌوٻڻين ڪي ٻُهاري ايندا آهن. واقعي! توهان ڪيتري قدر زبردست سنوب (Snob) آهيو! بهرحال، تصوير جلدي موڪليندس. ڪارمن خوبصورت ناهي پر ساڻهيءَ ۾ بلڪل هندستاني لڳندي، ڇو جو ’آج ڀي اس ديس مين عام هئ چشمِ غزال‘ وغيره. اها ڳالهه امان کي ٻڌائي ڇڏج. راهُل بلڪل ٺيڪ آهي، ڪارمن سان هينئرئي هري مري ويو آهي ۽ خوب ٿلهو ٿيندو ٿو وڃي. ماشاالله.

تون اينڊڙ سال فال جي وقت هتي اچ. اُن وقت اپرندي ڪناري جي شاندار وڻڪار، ڳاڙهن پنن جي هوبهو باهه ۾ وڪوڙيل هوندي آهي. ٻڌو اٿم توکي هتي ايڪٽنگ سکڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي وئي آهي. ڪڏهن ٿي اچين؟ اسان ڪرسمس تي بوسٽن ويندا سين.“

سيتا جي باري ۾ هن هڪ لفظ به نه لکيو هو. سيتا، جيڪا سندس پٽ راهُل جي ماءُ هئي.

1951ع ۾ بلقيس وٽ جميل جو خط انهيءَ نيويارڪ مان آيو هو. انهيءَ ڏينهن به هوءَ ساڳي طرح هڪ ريهرسل لاءِ ٻاهر وڃڻ واري هئي. اهي ئي ماڻهو هئا. اها ئي دنيا، اهي ئي مصروفيتون.

ڪجهه گهڙيون ڳالهين کان پوءِ، هن پڇاڙيءَ ۾ لکيو هو:

”... ۽ ٻي ڪا خاص ڳالهه لکڻ لاءِ رهي ڪانهي.

ها، هڪ ڳالهہ البت ٻڌائڻ پلجي ويس. مون گذريل هفتي هڪ سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. هوءَ ڪولمبيا ۾ سوشيالاجيءَ ۾ پڙهي ٿي. بي حد ذهين ڇوڪري آهي، ڏاڍي زبردست انٽليڪچوئل قسم جي. ذات جي عامل آهي، جيڪا سنڌين ۾ وڏي ذات سمجهي ويندي آهي. انهيءَ ڪري امان کي گهٽ ۾ گهٽ دلجاءِ ڪرڻ گهرجي تہ مون ڪنهن ’نيچ فرنگڻ‘ سان پلؤ ڪونہ اٽڪايو آهي. هاڻي تون اهو ڄاڻڻ لاءِ بي آرام ٿيندي هوندينءَ تہ هن جي شڪل صورت ڪهڙي آهي. بي حد سهڻي آهي. سرخ ۽ سفيد. عورتن جي حسن جي تعريف جي معاملي ۾ مان هميشہ ڪنجوس رهيو آهيان، (ڇو تہ ٿوري تعريف سان سندن دماغ خراب ٿي ويندو آهي.) پر حقيقت اها آهي تہ هوءَ صورت ۾ من موهيندڙ آهي. قد ۾ توکان وڏي ٿيندي. اڙدو تمام صاف نٿي ڳالهائي پر وڏو پائنچو پائيندي تہ هوبهو چاندپور جي تلسي پور ضلعي فيض آباد جي سيداڻي لڳندي. دلجاءِ ڪج. اسان هينئر ئي طئہ ڪيو آهي، انهيءَ ڪري ٻڌائڻو پوندو تہ راهُل، گوتم ٻڌ جي پٽ جو نالو هو. هاڻي توکي ڏاڍو ڏک ٿيو هوندو تہ منهنجي بيبي ايڏي فروٽ آهي جو هاڻي ئي اهڙيون ڳالهيون ڊسڪس ٿي ڪري. تہ بابا قصو هيئن آهي تہ تون آهين پهرئين نمبر جي پراڻي اولڊ انڊين. پل ڪٽي اعليٰ تعليم يافتہ آهين ۽ ترقي پسند بہ. پر سماجي لحاظ کان اڃا تائين بيحد فيوڊل بہ آهين.س يتا بلڪل نئين عورت آهي. توهان وانگر ڳوٺاڻي ناهي. جيئن تہ هوءَ اڃا نئين ڪنوار آهي، تنهنڪري ٻار جو ذڪر ٻڌنديئي شرمائجي ڪمري مان ڀڄي ويندي ... لاحول ولا. بهرحال پُٽ جو نالو راهُل رکبو ۽ جيڪڏهن ڌيءُ ڄائي تہ انهيءَ جو نالو ’گل رخ‘ رکنداسين، جو اهو نالو سيتا کي ڏاڍو وڻي ٿو. چوي ٿي تہ ڪراچي گرامر اسڪول ۾ انهيءَ نالي واري هڪ هم ڪلاسڻ پناڻ ڇوڪري سندس پياري سهيلي هئي. آيئہ سمجهہ ۾؟“

بلقيس خط ميز تي رکي ڇڏيو. ڏاڍي لڳ ڪانداريندڙ ڳالهہ هئي. ٻئي خط هڪ جهڙا هئا. هڪ ئي ماڻهو لکيا هئا. پوءِ هن آهستي اُتي الماري کولي ۽ ساڙهيون ڪڍي اُٿلائيندي پٿلائيندي رهي. اڃا کيس تيار ٿي ’مدرا راڪشس‘ جي ريهرسل لاءِ وڃڻو هو. ايندڙ اڌ ڪلاڪ ۾ اُهي سڀ گڏ ٿيندا. اُهي سڀ پراڻا دوست، للتا، راڪيش، ڪامران، حميدا، شهزاد، ڄاتل سڃاتل چهرا، مانوس هستيون. زندگي هميشہ اهڙي طرح جاري رهندي.

# 3

گئلريءَ جي ٻئي طرف هيما جي ڊريسنگ روم ۾ ڪنهن شيءِ ڪِرڻ جو آواز آيو. هيما هاڻي ٽوال مٿي تي ويڙهي غسلخاني جي دروازي کان باغ ۾ داخل ٿي چڪي هئي. سندس ڪمري ۾ اُهو دروازو، جيڪو جمنا ڏانهن کليو ٿي، زرد گلاب جون وليون جهُڪي آيون هيون.

هوءَ فون رکي اُٿي ۽ دروازي تي بيهي سراپجي ٻاهر ڏسندي رهي. پوءِ پڙدو هٽائي هيما جي ڪمري ۾ ويئي. ڪمرو خالي هو. وارڊ روب تي گهٽائي پڪچر پوسٽ ڪارڊ ۽ هيما جي مرهئي مڙس جي تصوير سجائي رکيل هئي، جيڪو ڪنهن اعليٰ ٽريننگ لاءِ لنڊن ويل هو. ٻار جي بيڊ جي ٽوڪري پلنگ پرسان رکيل هئي. صوفي تي نيري رنگ جي ڪٽڪ جي ساڙهي پيئي هئي، جيڪا هيما انهيءَ صبح جو خريد ڪري آئي هئي. ڪنڊ ۾ ميز تي چغتائيءَ جي ”انڊين پينٽنگس“ جي ڪتاب تي ڪير جي بوتل رکي هئي. سرخ روغني فرش تي سرءُ جي مڏم سج جا مڏم ڪرڻا ڦهليل هئا. گارڊن هائوس جا سڀ دروازا باغ ۾ کليا ٿي، جتي پيلا پن اڏري چانئٺن ۽ درين جي شيشن سان ٽڪرائجي رهيا هئا. ڏاڍي ماٺ ڇانيل هئي.

ڪجهه ڪنن ڪانپوءِ پرواري ڪمري ۾ سُس پُس ٿي. هيما جو ننڍو ٻاءُ شهزاد ٽپو ڏيئي پلنگ تان لٿو ۽ پوءِ باٿ روم جي شاور مان پاڻي وهڻ جو آواز اچڻ لڳو. اُهو بيڊ روم جيڪو پيلي ڪوٺي جي ڏس ۾ هو، انهيءَ جي دروازي تي هيما جي ماءُ تڏو وڇائي گيتا پڙهي رهي هئي. ڪيڏي نه پراڻي مذهبي عورت هئي! ايڏي تعليم يافته روشن خيال اولاد جي اهڙي اولڊ فيشن ماءُ! عجيب لڳو هو! سندس پنهنجي ماءُ به ايڏي ئي مذهبي هئي. سندس سس به. بلقيس جي ماءُ به. شالن ۾ چنين ۾ ويڙهيل سيڙهيل گُڏين جهڙيون ننڍيون ننڍيون ڪمزور عورتون، جيڪي هر وقت پنهنجي اولاد لاءِ دعائون گهرنديون رهنديون هيون، چڱا مدا سوڻ ڏسينديون هيون، ورت ۽ روزا رکنديون هيون. مائون ڪلڻ جهڙيون ٿينديون آهن. هوءَ خود ماءُ هئي. هيما به هاڻي ماءُ بڻجي چڪي هئي، جيڪا پنهنجو سڄو جرمن فلسفو پلجي، ڪالهه کان پنهنجي پٽ جي معمولي بيماريءَ جي ڪري چوي ٿي پيئي هئي ۽ ڊاڪٽر کي فونن مٿان فون ڪري رهي هئي.

هوءَ گئلريءَ جي ڏاڪڻ لهي ٻاهر آئي. لان جي پرئين پر ”پيلي ڪوٺيءَ“ جي چبوتري تي واڻ جي ڪٺ تي ويهي، اُوما جيجي پنهنجي پٽ کي هڪ مشهور هندي نظم پڙهائي رهي هئي. ٻارين جي ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا گلاب هئا. هوءَ ٻارين تان لنگهي چبوتري تي آئي. اُوما جيجي سندس ڪڙڪي تي ڪنڌ کڻي ڏٺو، خاموشيءَ سان مشڪي ۽ وري ڪتاب تي جُهڪي پيئي. ها پڙهه:

بنديلي هر بولون سي يہ هم ني سني ڪهاني ٿي،

خوب لڙي مرداني وه توجهانسي والي راني ٿي.“

پر پٽس پڙهڻ بدران پنهنجي ماءُ سان ضد شروع ڪيو، ”ممي، مان نہ پڙهندس. چڱو، هڪ رپيو ڏي تہ پڙهان.“

”ڏنگائي نہ ڪر، اڳتي پڙهہ.“ اُوما جيجي کيس چيڀيو.

”اهو مرداني جو ڇا مطلب آهي؟“

”بهادر.“ اُوما جيجي ٺهڪ ڏيئي جواب ڏنو.

ٻار لُڏي لُڏي پڙهڻ شروع ڪيو. سيتا ڪجهہ ڪن اهو پُرسڪون منظر بيٺي ڏٺو. پوءِ هيما جي پراڻي ڪمري ۾ گهڙي، جتي هوءَ پنهنجي شاديءَ کان اڳ رهندي هئي. المارين ۾ ڪتاب بيڪسيءَ جي عالم ۾ پيا هئا. پٽين تي مني پوري ٽوپيون ۽ جڳن ناٿ جون مورتيون ٽنگيل هيون. پرواري ڪمري جي هڪ الماري ديوي ديوتائن سان ڀريل هئي. وچ واري تختيءَ تي ديويءَ جو ننڍڙو پلنگ هو. هر اڳاري تي ديويءَ کي اشنان ڪرائي پوڄن ڪرايو ويندو هو ۽ نوان ڪپڙا پارايا ويندا هئا. هن گهر ۾ ديوي ديوتائن جي ايڏي گهڻ هئي، جو سيتا جو جيءُ ڏڪي ويندو هو. هيما انهن مورتين کي فرنيچر جوهڪ حصو سمجهي، انهن کان بلڪل بي نياز هئي. هوءَ مذهبي يا غير مذهبي، ڪجهہ بہ نہ هئي. هوءَ هڪ تمام نارمل قسم جي ڇوڪريءَ هئي. اهو تہ سيتا جي دماغ ۾ خلل هو جو هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا ڀر جي هر شيءِ جي باري ۾ سوچي سوچي چري ٿي پوندي هئي. پر هاڻي هيما بہ پنهنجي تازي چاول ٻار کي وٺي، هر اڳاري جو پنهنجي ماءُ ۽ پڦين سان گڏجي، ڪالڪا جيءَ جي مندر ۾ ويندي هئي.

سيتا ڊرائنگ روم مان نڪري مهڙ واري ورانڊي ۾ آئي، جتان پرائيويٽ روڊ ور ڪائي علي پور روڊ ڏانهن مُڙيو ٿي. سامهون هيما جي هڪ ڪزن پرميلا پنهنجي آفيس کان اچي رهي هئي. هن هٿ لوڏي

سيتا کي ”هيلو“ چيو ۽ اڳتي هلي ويئي. سيتا وري اندر آئي ۽ سيني ڪمرن ۾ چڪر ڏيندي رهي. ڪيس اها ”ڪوٺي“ شروع کان پسند هئي. ڪيس گهر ۾ اچي، انهيءَ جي ڀاتين سان ملي، هڪ عجيب راحت ۽ حفاظت جو احساس ٿيندو هو. هنن ماڻهن جي زندگي ڪيتري نه پُرامن هئي. وٽن هتي ڪي دماغي يا نفسياتي يا جذباتي مونجهارا نه هئا. سٺ ستر ورهين کان هيءُ ڪٽنب پنجن ڇهن وڏين وڏين ڪوٺين ۾ اهڙي نموني رهندو آيو ٿي. سندن مرد اورنگزيب جي زماني کان مغل دربار ۾ وقائع نويس ۽ مُنشي هئا ۽ مغل بادشاهن انهن کي ”راءِ“ جو لقب ڏنو هو. سعيد احمد مارهروري جي ڪتاب ”امرائي هند“ جا ڪئين باب انهيءَ خاندان جي بزرگن جي تذڪري سان ڀريل آهن. دهليءَ جي ٽڪسالي اڙدوءَ جي سلسلي ۾ ڪائسٿ گهراڻي جي زبان به سند طور پيش ڪئي ويندي هئي. هيما جو ڏاڏو، صاحبِ ديوان هو. پڙڏاڏي لغت تصنيف ڪئي هئي، ۽ تڙ ڏاڏي فارسي شاعري جو تذڪرو لکيو هو. هيما جي ماءُ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا اصطلاح ڪم آڻي ونندي هئي، جيڪي سيتا جي سمجهه ۾ نه ايندا هئا. انهيءَ تي هوءَ چوندي هئي: ”اڙي لکنؤ ۾ تنهنجا ساهورا آهن، هاڻي ٻولي سکي وٺ.“ ۽ پوءِ نڪ کي موڙو ڏئي چوندي هئي: ”۽ لکنؤ وارن نياڳن کي به اڙدو ڪٿي ٿي اچي- پوربيا ته آهن.“

حقيقت ۾ اهي ايتري قدر شائسته، مهذب، نستعليق، بيحد وضعدار ۽ بي انتها غير سياسي قسم جا ماڻهو هئا، جو سيتا کي حيرت ٿيندي هئي. ايڏو وڏو هنگامو آيو ۽ لنگهي ويو، دنيا هيٺ مٿي ٿي ويئي، پر اهي ماڻهو انهيءَ سڪون سان انهن ڪوٺين ۾ وينا رهيا. هوءَ خود بي گهر بنجي، هندستان جي ڪيترن ئي ريفيوجي ڪيمپن مان ٿيندي، 1948ع ۾ دهلي آئي هئي. هتي سندس ملاقات هيما سان، بلقيس جي وڏي ڀيڻ فرخنده جي گهر ۾ ٿي هئي، جيڪا لوڪ سڀا جي ميمبر هئي. وٽس صبح کان شام تائين شرنارٿين ۽ هيسيل مسلمانن جي قطار لڳي پيئي هوندي هئي ۽ هوءَ نهايت ئي دردمندي ۽ صبر سان انهن سيني لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪندي رهندي هئي. هيما، جيڪا اُنهي سال آءِ. سي.ايس (I.C.S) ۾ پاس ٿي هئي، ريهيبليٽيشن منسٽريءَ ۾ نوڪري ڪندي هئي. انهيءَ ڏينهن فرخنده جي ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل هڪ ڊنل ڇوڪريءَ کي بلقيس پنهنجي پرسان سڏي هيما کي چيو هو. (جيڪا اوڏي مهل پنهنجي عنابي رنگ جي ڪار ”ديش“ ڊرائيور ڪندي اچي لٿي هئي)، ”هيما، اُما جيجي ڪالهه سنڌي پرت جي ساڙهي پرائڻ لاءِ چيو ٿي. سيتا جي ماءُ ڏاڍيون خوبصورت ساڙهيون ٿي پَري.“

”او، هائو ونڊرفل!“ هيما چيو هو. ”هڪ ڪاٽن ساڙهيءَ جو پلؤ ۽ ول توهان ڪيتري ۾ پري ڏينديون؟“

”ڏهہ رپيا.“ سيتا ڪَڙو ڍُڪ پيئندي وراڻيو هو. اُن وقت اهو محسوس ڪري تہ هوءَ غريب ۽ رحم لائق شرنارٿي آهي، سندس سڄو بدن ڏڪڻ لڳو هو. پوءِ هڪ ڏينهن هوءَ بلقيس سان گڏجي هيما جي گهر ويئي هئي. سندس ڪٽنب جي ٻين ڀاتين جون ڪوٺيون پرسان هيون ۽ پنهنجي رنگن جي مناسبت سان مشهور هيون. هيما پنهنجي ماءُ، پيءُ، ڀينرن ۽ ڀائرن سان گڏ ”پيلي ڪوٺي“ ۾ رهندي هئي. سندس وڏو چاچو ”نيري ڪوٺيءَ“ ۾، وچيون چاچو ”لال ڪوٺيءَ“ ۾، ۽ ننڍو چاچو ”سائي ڪوٺيءَ“ ۾ رهندا هئا. اهي سڀ بيحد زندهہ دل، خوش مزاج، دوست نواز ۽ پُر خلوص ماڻهو هئا. سندن لاتعداد ڇوڪريون ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ پڙهي رهيون هيو. ڇوڪرا بہ گهڻو ڪري زيرِ تعليم هئا. شهزاد، مهتاب، اقبال،گلزار، نهار، خوشونت ۽ الائجي ڪهڙا ڪهڙا...... وٽن غرور جو تہ نالو بہ نہ هو. انهيءَ جي باوجود سيتا شروع شروع ۾ ڪانئن پري پري رهندي هئي. هوءَ ان وقت عمر ۾ ننڍي ۽ بيحد حساس هئي. فرخنده ۽ هيما جڏهن ساڻس وڏين ڀينرن جهڙو ورتاءُ ڪنديون هيون تہ سندس اکين ۾ هڪدم لڙڪ اچي ويندا هئا.

هن سان اها ڪهڙي مصيبت هئي جو دردمندي ۽ اخلاص جي هڪ هڪ ننڍڙي ڳالهہ سندس دل تي لڪجي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اونهاري ۾ جڏهن سيني نرگس جي نئين فلم جو سيڪنڊ شو ڏسڻ لاءِ ڪنات سرڪس ويا هئا تہ ورانڊي ۾ ٽنين پرسان هڪ گلن وارو جوهي جي گلن جا هار وڪڻي رهيو هو. سيتا اوڏانهن پاسو ورائي ڏٺو ئي هو تہ نعمت مامي هڪدم ڪيس گلن جا هار وٺي آڻي ڏنا هئا. ان کان پوءِ جڏهن اُهي ٻيو ڀيرو سئنيما ڏسڻ لاءِ، انهيءَ جاءِ تي ويا هئا تہ نعمت مامو ڪار مان لهي خود ئي ڊوڙي وڃي گل وٺي آيو هو. ”مون کي خبر آهي، تہ توکي سفيد گل پسند آهن“ هن چيو هو. نعمت مامو هاڻي اُتر پرديش ۾ ڪٿي فارمنگ ڪري رهيون هو. سندس شادي ٿي ويئي هئي. شهزاد بہ هاڻي وڏو ٿي چڪو هو. ڪيس آءِ. سي. ايس ۾ آئي بہ ست اٺ سال ٿيڻ وارا هئا. هيستائين هو مغربي بنگال جي ضلعن ۾ مقرر ٿيل هوءِ تازو مرڪز ۾ بدلي ٿي هئس. هيما جي پيءُ کي گذاري وئي هاڻي ٿي سال ٿي چڪا هئا. هيما جي شادي ٿي چڪي هئي. هوءَ پنهنجي ٻار ۾ ايڏو رڌل هئي جو سيتا ڏانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ وٽس وقت ئي نہ هو. شهزاد ٽيئٽر موومنٽ ۾ رڌل هو. هيما جون سڀ ڪزنس تعليم پوري ڪري وڃي نوڪري کي لڳيون هيون. ڪن تہ وڃي پنهنجا گهر وسايا هئا. اقبال ۽ مهتاب فوجي آفيسر هئا ۽ ڪشمير ۾ مقرر ٿيل هئا.

گذريل نون سالن ۾ انهيءَ خاندان ۾ ڪافي تبديليون اچي ويون هيون. هيءُ گهر، جيڪو هميشه اَٽمت سُڪون جو هندورو معلوم ٿيندو هو، ٿورو ٿورو بدليل ٿي لڳو. شايد انهيءَ ڪري جو هوءَ پاڻ هڪدم بدلجي چُڪي هئي.

پراهي ڪمرا، اهي غاليچا، تصويرون، پڙدا، فرش جون ٽائيلس، باغ ۾ گل — هر شيءِ اُتي ئي هئي. هيءُ گهر هينئر به بندرگاهه تي بيٺل هڪ محفوظ خاموش جهاز هو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ هتان جي سڪون سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. چوڌاري رنگ برنگي ڪوئيون به هميشه وانگر پُرسڪون ڏسڻ ۾ آيون ٿي. هيٺ وڪڙ کائيندي ڊگهي خاموش سڙڪ جي پريان، جمنا ساڳئي سڪون سان وهي رهي هئي. ڇا سچ پچ ايڏو سڪون ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ ڪمرن مان چڪر ڏيئي، هوءَ وري هيما جي پراڻي ڪمري ۾ واپس آئي.

”اڙي سيتا، ڪٿي ٿي پيئي گهمندي وتين. بانورين وانگر. ٻاهر اچ. اندر ڏاڍي اُٻس آهي.“ چبوتري تان هيما جي ماءُ جو آواز آيو، جيڪا چاڪڙيون پائي کٽ کٽ ڪندي، پنهنجي ديوي ديوتائن واري ڪمري ڏانهن وڃي رهي هئي. هوءَ هن جي پويان پويان ڪمري ۾ ويئي ۽ ٿورو وسامجي دروازي پرسان بيهي رهي.

”اڙي، هن کي پرڻام ته ڪر. تنهنجو ڪهڙو نقصان ٿ ي ندو. ڀڳوان ته هر شيءِ ۾ آهي. اڙي بانوري ڊپ ڇاجو! منهنجي ٻن ڀائٽين به مسلمانن مان شادي ڪئي. اج ڪلهه ته هوا ئي اها پيئي هلي. ڪين گهرمان ٿوروئي ڪڍيو ويوآهي! پٽس ته ايڏي وڏي ’ايٽ هوم‘ ڏني هئي... نالو ڇا اٿس، مون کي ته نپاڳي جو نالو به ياد نٿو رهي. منهنجي پنهنجي هيما غيرن مان شادي ڪئي. ايڏو پري مرهٽن ۾ وڃي نڪتي. پوءِ ڇا ٿيو! زمانوئي اهڙو آهي.“ امان الماري ڪولي ديپ محل ۾ چراغ ٻاريندي چيو.

هوءَ الماريءَ جي سامهون اچي بيٺي جتي ديوي ديوتا سينگاريل هئا. انهن پويان ساڌن ۽ جوڳين جا فوٽوگراف رکيل هئا ۽ انهن تي گيندي جا هار پيل هئا.

هيما جي ماءُ سان سيتا جي ملاقات کي ايڏو عرصو نه ٿيو هو، انهيءَ ڪري هوءَ ڪانئس ٿوري ڊنل رهندي هئي. جڏهن 1948ع ۾ هوءَ دهلي ۾ هئي، تڏهن هوءَ پنهنجي پاءُ وٽ لکنؤ ويل هئي. ٽي ورهيه اڳ جڏهن هوءَ امريڪا مان ڪجهه مهينن لاءِ دهلي آئي هئي، تڏهن ئي پهريون ڀيرو سندس منهن تي چڙهي هئي. هوءَ هميشه وانگر گاهه تي مُوڙو رکي ويهي گيتا پڙهي رهي هئي. هيما اڳتي وڌي چيو، ”امان، هيءَ سيتا آهي.“

”آداب عرض.“ سيتا عادت مطابق هٿ سان سلام ڪندي چيو هو.

هيما جي ماءُ عينڪ پيشانيءَ تي چاڙهي پنهنجون وڏيون وڏيون شربتي اکيون ڇنڀي ڪيس غور سان ڏٺو ۽ ٿورو مشڪي چيو هئائين: ”نالو ته تنهنجو سيتا آهي ۽ ’جئه رام جي‘ جي بدران ’آدابِ عرض‘ ٿي چئين!“

۽ ٻاهر اچي ڪار ۾ ويهندي هن غصي مان چيو هو: ”تنهنجي ماءُ به ته عجيب آهي. مان ’جئه رام جي‘ چوچوان؟ I am no a bloody Hindu“

امان هڪ وڏي شديد چقمق جهڙين اکين واري جوان سنياسڻ جي تصوير جا هار مٿائڻ لڳي ويئي. ڳچيءَ ۾ تلسي مالها پاتل، وار وڪريل ۽ بنان بلائوزر جي ساڙهي ڍڪيل، اُها سنياسڻ هڪ ٻئي وڏيڪ چقمق جهڙين اکين واري نوجوان سنت سان گڏ صندل تي ويٺل هئي. سنت ڏاڍو هينڊسم هو.

”امان، هي ڪتي تا رهن؟“ سيتا سنت ڏانهن اشارو ڪري آهستي سوال پڇيو.

”هي، هي پنهنجو شرير ڇڏي چڪا آهن.“

”اوهه!! What a pity ڪيڏو خوبصورت هو ويچارو.

”۽ هيءَ؟“ هن سنياسڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

”هيءَ؟ راڌا؟ هيءَ به ٻه ورهيه ٿيا ته پنهنجو شرير ڇڏي چڪي آهي.“

”اهي ٻئي؟“

”ها، اهي ٻئي دنيا جي نظرن مان زال مڙس هئا.

نندپڻ ۾ راڌا جي ساڻس شادي ڪئي ويئي هئي پر اهي ڪهن زال مڙس وانگر نه رهيا.“

’What a nonsense!‘ سيتا دل ۾ چيو.

امان هاٿي ديويءَ جي پوشاڪ مٿائي رهي هئي.

”امان، توهان ڪي ساڌن سنتن جي سنگت ۾ وڏا وڏا طاقتور سنت مليا.“ سيتا ڪجهه دير رکي پڇيو. هن پنهنجي سمجهه مطابق ’Spritual power‘ جو ترجمو ’طاقتور‘ ڪيو هو. نيت ته هوءَ ڏهن سالن کان اڙدو پڙهي رهي هئي.

”مون کي جيڪي سنت مليا، اُهي تمام وڏي روحاني طاقت وارا هئا.“ هن اکيون بند ڪري جواب ڏنو.

”اوهه.“

”اڄ ديويءَ کي هيما جي پُڦيءَ جي گهر وڃڻو آهي.“ امان مورتيءَ تي مُکٽ سجائيندي چيو.

”چڱو.“

هوءَ ٻاهر آئي.

بي معنيٰ، بي معنيٰ، زندگي ڪيتري قدر بي معنيٰ هئي!

هاڻي لان تي هيما جون ٽي چار ڪزنس گڏ ٿي چڪيون هيون. هيما گلابي هائوس ڪوٽ ۾، گهمندي گهمندي ٻار کي سمهاري رهي هئي. شهزاد به وهنجي سهنجي اندران نڪتو هو. ساڻس دوست به گڏ هو. هو ايترو ته خوبصورت هو، جو سيتا ڪيس ڏسندي رهجي ويئي. هو عمر ۾ تمام ننڍو هو. وڏ ۾ وڏ ڇويهه ستاويهه ورهين جو هوندو. ۽ نياڻي جون اکيون قيامت هيون ۽ وار ڪيڏا نه خوبصورت هئس!

”هيلو سيتا، This is Kailash“ شهزاد چيو.

”هيلو.“

”مسز جميل اوهان اڄ اسان جي ريهرسل ڏسڻ اچي رهيون آهيو؟“ نوجوان ڏاڍي پنهنجائپ ۽ بيساختگيءَ سان ڳالهه شروع ڪئي. هن ڊراما گروپ وارن جي ڏاڍي عجيب جٿيبندي هئي.

”ڊاڪٽر ميرچنداڻي.“ هن آهستي چيو.

”اوهه! I do beg your pardon“ وري هن شهزاد کان پڇيو، ”يار مون خلل ته نه وڌو؟“

”اڙي نه يار، سڀ ٺيڪ آهي.“ شهزاد وراڻيو. پوءِ هن مُڙي سيتا کان پڇيو، ”تون هاڻي هلين ٿي يا پوءِ اچي پِڪ اَپ ڪريان؟“ هوءَ بي اختيار ڪيلاش جي اکين ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڪيس اهڙي طرح پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي ڪيلاش گهبرائجي ويو ۽ وڏيڪ ڏيان سان پرميلا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

”سيتا!“ شهزاد وري چيو.

”اوهه!“ هوءَ ڇرڪي. ”مان هيما سان گڏ ايندس. توهان پلي وڃو.“ هيما ٻار جي فڪر ۾ غلطان هئي. سندس بخار گهٽيو نه هو ۽ ننڊ نٿي آيس. هن سيتا جي ڳالهه ئي نه ٻڌي.

”هيما!“ سيتا چيو.

فضول. فضول. هر شيءِ فضول.

”اوهه ساري، ها سيتا، نه، مان ڪيئن ٿي وڃي سگهان. آنند جي حالت ته ڏس.“

”چڱو، تون ڇهين وڳي ڪافي هائوس پهچي وڃجان. ڪيلاش توکي اُتان پڪ اپ ڪري ويندو.“ شهزاد چيو ۽ ٻئي ڄڻا لان جي ڇپر تان لنگهي ڪار طرف هليا ويا.

سامهون ’نيري ڪوٺيءَ‘ جي چبوتري تي سيئي ڇوڪريون نتنگ ۾ مشغول هيون ۽ نيزا ڪائي رهيون هيون ۽ ڏاڍي آرام سان نارمل ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

هيما آيا کي سڏائي ڪيرجون بوتلون صاف ڪرائڻ ۾ لڳي ويئي.

”هيما، مان ٿورو پنهنجي گهران ٿي اچان ٿي.“ سيتا اٿندي چيو.

”گهر؟“

”ها قرول باغ، اتان ئي اوڏانهن هلي وينديس. گُڊ نائيٽ.“

”گُڊ نائيٽ سيتا.“

هوءَ پنهنجي بئگ کڻي ڳاڙهي بجريءَ واري روڊ تي آئي ۽ بس اسٽاپ ڏانهن رواني ٿي ويئي.

---

(1) ڇهين صدي ڏاري (؟) وساک دت جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ ’مدرا راڪشس‘ (وزير جي خانگي مُندي)، جنهن ۾ چندر گپت موريا کي تخت تي مضبوطيءَ سان وهارڻ لاءِ نند گهراڻي جي آخري راجا جي وزير، راڪشس جي منصوبن کي ناڪام بنائڻ لاءِ چاڻڪيا جي رٿائن جو بيان ڪيل آهي.

# 4

ڪامران هڪ ٿنڀي جي پٺيان لڪي ڪجهہ ڪِٽ پِٽ ڪري رهيو هو. پوءِ هن فرش تي پيل تارن تي جهُڪي سوئچ دٻايو. اسٽيج تي هلڪو سفيد اجالو ڦهلجي ويو. اسٽيج ڊائريڪٽر خالي آڊيٽوريم ڪي مخطاب ٿي چوڻ لڳو:

”مختصر بيان ڪريان ٿو. مون کي اڪيڊمي طرفان چيو ويو آهي تہ توکي گهرجي تہ ’راڪشس جي مُنڊيءَ‘[1] نالي ناٽڪ، جيڪو مهاراجا پاسڪر دت جي پٽ ۽ سامنت واتيشوردت جي پٽ تمثيل نگار وساک دت لکيو آهي، اڄ پيش ڪر. مون کي خوشي آهي تہ هيءُ ناٽڪ هڪ اهڙي ميڙ جي سامهون پيش ڪيو ويندو، جيڪو هڪ ادبي تخليق جي خوبين کي ساراهي سگهي ٿو، چو تہ اناج جي سٺي فصل جو مدار پوکيندڙ جي ذاتي خوبين تين ٿو ٿئي. هاڻي مان گهر وڃان ٿو جيئن پنهنجي زال سان گڏ سنگيت جي تياري ڪري سگهان.“ پوءِ هن اسٽيج جو هڪ چڪر ڏنو. ”هيءُ رهيو منهنجو گهر. هاڻي مان اندر وڃان ٿو.“ هن چوڌطرف نهاريو. ”آهہ“ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. ائين ٿو لڳي جڻ ڪنهن ڏڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. نوڪر پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رڌل آهن. هڪ داسي پاڻي ڪنيو پيئي اچي. ٻي خوشبودار جڙي ٻوٽيون ڪُٽي پئي. هيءَ ڇوڪري هار پوئڻ ۾ لڳي پيئي آهي ۽ هوءَ داسي تہ ڏسو جا ڪُٽڻ ۽ ڇاڻڻ سان گڏ راڳ بہ پيئي جهونگاري. هاڻي مان گهرڌياڻيءَ کي ٿو سڏيان.“

نڪاءُ سان پلاءِ وُڊ جو وڏو تختو هڪ پاسي سِرڪيو ۽ سردار پرديپ سنگهہ اوور آل پائي هٿ ۾ مترڪو ڪٽي ظاهر ٿيو.

”پرديپ توکي بہ هن وقت گوڙ ڪرڻو آهي.“ بلقيس هال ۾ رڙ ڪري چيو.

”منهنجي ڪَئي تي پاڻي ڦري ويو. شهزاد ڪٿي آهي؟“ پرديپ ڪاوڙ ۾ چيو.

”اڙي اڙي، هي تخت هيڏانهن گسڪاءِ.“

”اي پاڪباز عورت، سگهڙ ۽ خوش تدبيرا منهنجي گهر جي سياست جي ماهرا اي منهنجي گهر ٻار جي راڻي! هيڏانهن اچ.“ راڪيش چوندو پئي ويو.

هاڻي ’ايڪٽريس‘ سامهون آئي. ”مهاراج مان هتي آهيان.. پنهنجي هدايت سان مون کي سرفراز ڪريو.“

بلقيس وري چيو: ”راڪيش، جتي ظالم حملہ آور وارو جملو آهي، انهيءَ کان اڳتي ٿورو وري چئو.“

”چگُو ڏس! ’ظالم حملہ آور‘ ڪيتُو سان گڏ چندرما کي نيچو نِوائڻ ٿو چاهي. ها ڪير آهي!! جڏهن مان هتي بيٺو آهيان ۽ ...“

هاڻي ست وڳا هئا. ’سيتا اڃا تائين نہ آئي هئي.‘ بلقيس گهڙيءَ تي نظر وجهي سوچيو.

هاڻي پاٽليپترا جي نند راجا جو وزير راڪشس جو دوست ’چندن داس‘ چئي رهيو هو:

منهنجي مٿان بادلن جي گجگوڙ آهي

منهنجو پريتم پري آهي

هي ڇا ٿيو؟

امر ٻوٽيون برفاني جبلن تي آهن.

۽ انهن تي نانگ ڇَپ هڻي ويٺو آهي.

هاڻي چندر گپت چئي رهيو هو:

”هوءَ مغرورن کان ڪيٻائي ٿي، ڊڄڻن وٽ نٿي ترسي، ڇو تہ ڪيس ڊپ ٿئي ٿو. ڪيس بي آراميءَ کان، احمقن کان نفرت آهي. هوءَ وڏن وڏن گٺوانن سان بہ بي تڪلف نٿي ٿئي. بهادرن کان گهٻرائي ٿي. وئش ناريءَ وانگر ڪيس ڏاڍي مشڪل سان ريجهائي سگهجي ٿو.“

”سيتا اچي ويئي.“ ڪامران چاڻڪيا جي گهر جي دريءَ مان ڳچي ڪڍي للتا کي ٻڌايو. سيتا هال مان لنگهي، پاسي واري ورانڊي جي ڏاڪڻ تي ويهي رهي، جتي اونداهي هئي.

ڪامران سوئچ دٻايو. اسٽيج تي اُداس زرد روشني ڦهلجي ويئي.

هاڻي چندر گپت چئي رهيو هو:

”اُفق جي منظر کي، سرءُ ڪيڏو نہ خوبصورت ٺاهيو آهي. ڇو تہ آهستي آهستي سُڪندڙ ندين جي ٻنهي طرف واريا سا ڪنارا جرڪن پيا.

سارسن جا ٽولا ۽ ڪنول جي گُلن جا جهُڳٽا

۽ چانديءَ جا بادل ۽ اڏامندڙ ٻگهہ

۽ سانجهيءَ جو آسمان ۾ ڏڪندڙ ستارا!“

”سيتا!“ بلقيس ورانڊي مان نڪرڻ مهل سڏ ڪيو.

”هاءِ بلي.“

بلقيس سندس ويجهو وڃي ڏاڪڻ تي ويهي رهي. ”هتي ڪافي ٿڌ آهي، اندر هل.“

”نہ، هتي ئي ٺيڪ آهي.“

”اڄڻ ۾ دير ڇو ڪيئي؟ اسان ڪافي ٿاهڻ مهل تنهنجو ڏاڍو انتظار ڪيوسين. تنهنجون بہ ٽي فونون بہ آيون هيون.“

”ڪنهن جون؟“

”خبر ناهي، ٻڌ سيتا، انهيءَ وقت تو منهنجي پوري ڳالهہ بہ نہ ٻڌي ۽ هڪدم فون رکي ڇڏيو هيئہ.“

”هاڻي ڪهڙي ڳالهہ ٻڌائڻ رهجي ويئي آهي توکي؟“

”اهو تہ ٺيڪ آهي سيتا ڊيئر، پر...“ بلقيس بي چينيءَ سان پاسو بدلايو. ”اصل ۾ ڪالهہ رات وچين ماسي ڪراچيءَ مان ٽرنڪ ڪال ڪيو هو. قيصر جي شادي آهي نہ ايندڙ هفتي. تہ وچين ماسيءَ ڏاڍو زور ڀَڏو آهي تون انهيءَ ۾ ضرور شريڪ ٿي. وڏي ماسي تلسي پور مان نہ ٿي وڃي سگهي، ادا اصغر جي بيماريءَ جي ڪري. سندس نهن جي حيثيت سان سندس نمائندگي توکي ڪرڻي آهي وغيره.“ هن نڙيءَ صاف ڪئي. سردي هوندي بہ هوءَ پگهرجي پيئي هئي.

”ڪراچي!“ سيتا جي دل ڄڻ ٻيهي ويئي هئي. ”ڪراچي!“

”ها ها، ٻيو ڇا!“ بلقيس هڪدم پاڻ سنڀاليو ۽ وري ايڪٽنگ شروع ڪري ڏنائين: ”هلي هل، ڏاڍو مزو ايندو. سيني پاڪستاني مٽن مائٽن سان ملبو. انهن کي تہ مون نوَن سالن کان ڏٺو ناهي. اتن ڏينهن کان پوءِ هليا ايندا سين. نادر تمام ڊگهو پروگرام ٺاهي موڪليو آهي. موهن جو دڙو ڏسندا، ڪار ۾ لاهور ويندا سين.اُتي بہ ڏينهن اديءَ منور وٽ ترسي واپس دهلي، ڇا خيال آهي؟“ پوءِ هوءَ سيتا سان نظرون ملائي نہ سگهي ۽ تڪڙ ۾ تمثيل جو فائيل اٿلائڻ پٿلائڻ لڳي. ”هلي هل، سچ پچ وري ايندڙ مهيني مون کي ٿيئٽر سيمينار لاءِ بمبئي وڃڻو آهي.“

”مون کي خبر آهي تہ تون بيحد مصروف، بيحد اهم ماڻهو آهين. هندستان جي سڄي ٿيئٽر موومنٽ تنهنجي ڪري ئي تہ هلي ٿي.“

”بڪ نہ ڪر. اڙي اڙي... روئين ڇو ٿي ڪريڪ داس؟ سچ، هل مون سان گڏ ڪراچي.“ پوءِ هوءَ خوش دليءَ سان چوڻ لڳي: ”ٿورو سوچ، مان اڄ تائين ڪنهن فارن ڪنٽري نہ ويئي آهيان. هڪ فارن ڪنٽري تہ ڏسي اينديس. بقول مجاز...“

سيتا خاموش رهي.

”هلو، هتان مسز سين ڏانهن وڃڻ جي بدران سڌو گهر هلنداسين ۽ مانيءَ کان پوءِ ويهي اسڪريبل کيڏنداسين. هن پيري لئٽن لفظ ناهبا. ايڏي دير ڪري ڇو آئينءَ؟ پنهنجي گهر هلي ويئي هئينءَ ڇا؟“

”ها، مون ڪجهه دير مميءَ وٽ چپ چاپ ويهڻ ٿي چاهيو.“

”تو، توهن کي ٻڌائي ته نه ڇڏيو؟“

”ها، ٻڌائي ڇڏيم.“

”ڇا چيائين؟“

”ڪجهه به نه، چوڻ لڳي، سڀ ڪرمن جو ڦل آهي.“

اندران چندر گپت جو آواز وري اچڻ لڳو. هو پنهنجو ڊائلاگ ورجائي رهيو هو: ... ۽ چانديءَ جا بادل ۽ اڏامندڙ ٻگهه

۽ سانجهيءَ جو آسمان تي دڪندڙ ستارا...

”وچين ماسيءَ جو خط مون کي به آيو آهي.“

سيتا آهستي چيو: ”وڏي ادا جو به. هينئر مون مميءَ کي ائين به چيو ته وچين ماسي مون کي قيصر جي شاديءَ تي ڪراچي گهرايو آهي. چوڻ لڳي، ”ضرور وڃ، تنهنجو اصل گهر، تنهنجا ساهورا آهن. ڪراچيءَ ۾ تنهنجو وڏو ڏير رهي ٿو ۽ وڏو ڏير سهري جي برابر ٿيندو آهي. سندس چيو هرگز نه ٽارجانءِ. And so on and so forth“

بلقيس وراندي کان هيٺ لڳل گلن کي ڏسندي رهي. هاڻي ڪوهيڙو گهرو ٿيندو ويو. هڪدم هن هڪ فرض شناس ڊائريڪٽر جي حيثيت سان اندران ايندڙ چندر گپت جي صاف ۽ گهري آواز تي ڪن ڏنو.

هو چئي رهيو هو:

سانجهيءَ جو آسمان ۾ دڪندڙ ستارا

۽ پوءِ

ندين جون ايرندڙ لهرون، موسم جي ڳالهه ٻڌي، پنهنجي پنهنجي آرائن ۾ سمائجي ويون آهن.

فصل جا سنگ مروت وچان جهُڪي ويا آهن، مور پنهنجو غرور ڇڏي چڪا آهن.

عجب تہ انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ ڪيئن سموري دنيا ڪي پن چڻ، مقبوليت جي راهہ تي هلڻ ۾ ڊرو ڪري ڇڏيو آهي، اهڙيءَ قاتل وانگر جيڪا محبتن جا قصا ڏاڍي مهارت سان ٻڌائيندي هجي. پن چڻ، گنگا ڪي دريائن جي خدا وتپهچائي، سندس سڪون ڪي بحال ڪري ڇڏيو آهي.“

هاٿي پاٽ چئي رهيو هو:

”آسمان سندس گلن جي پيلي روشني

شِوجي جسم جي رڪ وانگر ڦهليل آهي.

سيتل ڪرٽن واري چنڊ، بادل وڪيري ڇڏيا آهن

اُهي شِوَجي هاٿيءَ جي ڪل وانگر متي هاٽا هئا.

تڪي چانڊوڪي سندس ڪوپرين جي مالها وانگر چمڪي پيئي.

هوا ۾ اڏامندڙ راج هنس سندس ٿهڪن وانگر جرڪن پيا.

خدا ڪري سرءُ، جيڪا وشنو جي بدن وانگر زرد آهي، تنهنجا دڪ دور ڪري.“

هاٿي چاٽڪيا چئي رهيو هو:

”چئني ساگرن جي وارياسن ڪنارن تائين

جي تاڙيءَ جي پنن سان اونداها جهنگ چانوَ ڪيو بيٺا آهن،

جن جو گهرو پاڻي هيبتناڪ مڇين جي ترڻ ڪري مضطرب آهي

تنهنجو حڪم، تازن گلن جي هارن وانگر

هڪ سؤ راجائن پنهنجي سر تي ڪنيو آهي.“

”بلقيس!“ پويان ڪيلاش جو آواز آيو. هو هال جي آخري دروازي مان نڪري ڏاڪڻ ڏانهن آيو.

”ها.“ بلقيس پويان مڙي پڇيو. ”What is it?“

”تعارف ۾ ڇا ڇا لکبو؟“ هو فرش تي گوڏن ڀر ويهي رهيو. ”آئوٽ لائين ڏاهي ڏي، مان اندر وڃي لکي وٺندس.“

”بس، اهو ئي لکي ڇڏ تہ هيءَ ماڊرن ٿيئٽر جي چوٿين ڪلاسيڪل پيشڪش آهي.“

”اها تو ڪيتري قدر نئين ۽ پروفائونڊ ڳالهہ ٻڌائي آهي، مڃان ٿو.“

”۽ پيو اهو لک تہ ...“ بلقيس سوچيندي مٿو ڪنهيو.

”ستن ائڪٽن جو جدا جدا اختصار! ۽ شروع ۾ ڇا لکان؟“

بلقيس فائيل کوليو. ”هتي ڪجھ پڙهڻ ۾ ئي نٿو اچي. اونداهيءَ ۾.اهو لک ته هي ناٽڪ چوٿين عيسوي صديءَ ۾ گُپتا عهد ۾ لکيو ويو. ڊراماٽسٽ وساک دت انهيءَ جو ليکڪ هو. ڏي، مون کي ڏي، مان پڙهندي وڃان ٿي.“ دروازي مان ايندڙ جهڪي روشني ڏانهن جھُڪي هن پنا اٿلايا. ”وساک دت انهيءَ جو ليکڪ هو. شهنشاهه چندر گپت ٻئي جي عهد ۾ پاٽليپترا ۾ پهريون پيرو اسٽيج ٿيو. چندر گپت ٻئي جو زمانو شايد سنه 375ع کان سنه 413ع تائين آهي. ڪتاب ۾ چيڪ ڪري وٺج.“

سيتا اُٿي بيٺي. ”مان ٿورو ٻاهر وڃان ٿي.“

بلقيس سندس ڳالهه نه ٻڌي. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ ٻيهر محو ٿي چڪي هئي. هيما وانگي هن کي به سيتا ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي فرصت نه هئي. هوءَ چئي رهي هئي: ”۽ اهو لک ته هيءُ ڏاڍو سيريس ۽ سياسي قسم جو پلي آهي. پوءِ ٻئي پئراگراف ۾ سنسڪرت ڊرامي ۽ پيور آرٽ ٿيئٽر جو ذڪر ڪج. رينو لي آئوٽ تيار ڪري ڇڏيو؟“

”گيلي پريس مان ايندي، تڏهن ته هوءَ لي آئوٽ ٺاهيندي.“

ڪيلاش وراڻيو.

اندر چاڻڪيا چئي رهيو هو:

”سرٽيون ۽ ڳجهون دونهين جي گول ڇلن وانگر،

آسمان تي چڪر هڻي رهيون آهن.

اُڏامڻ وقت سندن کنڀ بلڪل نٿا ڦڙڪن.

گهوڙن پنهنجي ٽاپن سان آسمان متي ڪٺي ڏنو آهي.

فوجن اڳيان هلندڙ هاٿي ساڪت بيٺا آهن

۽ ويرين جي لاهه چاڙهه جي نشانن وانگر سندن گهنٽيون خاموش آهن.“

سيتا سموري عمارت جو چڪر لڳائي وري ورانڊي ۾ آئي. بلقيس ۽ ڪيلاش اسٽيج ڏانهن وڃي چڪا هئا. وقت آهي جو اڏامندو پيو وڃي. هوءَ وري ڏاڪڻ تي ويهي رهي.

اندر پنجين ائڪٽ ۾ شهزاد ملايا ڪيشو جو جُڙتو دوست پاگورائين شهزادي سان مخاطب هو:

”راجڪمار اُهي آهن، جيڪي سياست ۾ عملي طور تي حصو وٺن ٿا. مقصدن جي ضرورت، دشمن، ساٿين ۽ غير جانبدار ڌرين جي گروهه بندي جو تعين ڪري ٿي. غير سياسي انسانن وانگر فقط ذاتي پسند جي بنياد تي، اهي دوستيون تسليم نٿيون ڪيون وڃن، شهزادا! سياسي مقصدن جي سبب ڪري، دوست دشمن ۾ ۽ دشمن دوست ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن. جهڙي طرح انسان پنهنجي موجوده زندگيءَ ۾ اڳئين جنم جون ڳالهيون پلجي ويندو آهي، تهڙيءَ طرح حڪمت عملي سيني پراڻين پابندين کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيندي آهي.“

هڪ عملدار اسٽيج تي اچي ٿو. ”مهاراج جي جئه ٿئي!“ هن چيو. ”حفاظتي چوڪيءَ جي نگران درگهه رڪش جو عرض آهي ته هڪ شخص جنهن وٽ راهداري جو پروانو نه هو، هڪ خط سان شاهي خيمي گاهه مان فرار ٿيڻ تي چاهيو، جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.“

هاٿي ياگورائين چئي رهيو هو:

”مهاراج ڪمار! اسان کي ڪُسم پوره تي حملو ڪرڻ گهرجي، جيئن لوڌرا جي گلن جي غازي سان سجايل ڳلن وارين گوڙڪيءَ عورتن جا چهرا مٿي هاٿا تي وڃن ۽ سندن پنورن جهڙن گهنڊيدار وارن جي چمڪ، اسان جي شهسوار دستن جي ٽاپن سان اُڏايل ڌوڙ جي ٿنين سان ڍڪجي وڃي. ۽ ڌوڙ جي واچوڙن جا اهي ٿنيا، اسان جي جنگي هاٿين جي سونڊن مان وسندڙ پاڻيءَ سان وڃجي وڃي دشمن جي ڪنڌن مٿان ڪرن.“

وراندي ۾ هڪ ٽولو ڳالهيون ڪندو گرين روم ڏانهن هليو ويو. برسات ۾ ڪنهن ڪار جي اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو. چنڊ املتاس جي اوٽ مان نڪري آيو هو.

ڪجهه دير کان پوءِ، اهي سيئي مسز دولي سين ڏانهن ويندا ۽ سگريٽ جي دونهين سان پريل ڊرائنگ روم جي غاليچن تي ويهي ڏاڍي جوش ۽ خروش سان پنهنجي پروفيشنل گفتگو ۾ مصروف ٿي ويندا.

پويان ڪيس ڪيلاش جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو گئلريءَ مان نڪرندي پرديپ کي چئي رهيو هو: ”مسز سين ڏانهن هلڻ کان اڳ ٿورو نڙي آلي ڪرڻ گهرجي.“

نڙي آلي ڪرڻ ڪيس به وڻندي هئي.انهن ڇوڪرين کي انهيءَ ڳالهه جي خبر نه هئي، نه ته جيڪر اُهي هڪدم ڪيس مدعو ڪري وٺن. سندن گروهه جي ڪا ڇوڪري ڊرنڪ نه ڪندي هئي. هاٿي يارهن وڃي

رهيا هئا. ٻارهن وڄندا. آڌي رات ٿيندي. فقط ڊرنڪ ڪري اهو احساس ٿيندو آهي ته وقت بيهي ويو آهي. ڪيلاش ڪيڏو خوبصورت آهي.

ڊرامو ختم ٿيڻ وارو هو ۽ سمڌير چئي رهيو هو:

”انهن دوستن کان جدائي، جن لاءِ دل ۾ جاءِ آهي، راڳ رنگ ۾ مشغول ۽ شراب خانن ۾ مئه نوشي ڪندي به دل ۾ ڪتڪي ٿي.“

ڪيڏو نه حال سان ٺهڪندڙ ڊائلاگ آهي! هوءَ مشڪي. ڪنهن جي جدائي؟ ڪنهن کان جدائي؟ ڪنهن ڪنهن جي جدائي؟ ۽ ڪتڪو ڇا جو؟ ڊيم ڊيم.

هاڻي آخري ايڪٽ جي شروع ۾ راڪشس آهستي آهستي چئي رهيو هو:

”هيءُ باغ ڪيڏو نه سنسان آهي ڇو ته هتي ٻارهه دري جيڪا هڪ طاقتور شاهي خاندان وانگر تعمير ڪئي ويئي هئي، پڃي ٽُڪر ٽُڪر ٿي ڪري چڪي آهي.

بنا گلن جي وڻ، نااهل بادشاهن جي سياسي ڪاروائين وانگر اُجڙيل آهن.

زمين تي گاهه بيوقوف انسانن جي دماغ جي ناقابل عمل منصوبن وانگر اُپري رهيو آهي.

۽ ڪهاڙين سان وڍيل ٽاريون، سرڻين جي ڪُوڪُو جي ڪري، جڻ درد وچان ڪنجهي رهيون آهن.

نانگ پنهنجي پيارن دوستن جي انهيءَ دک کي ڏسي، انهن جي ٽارين تي ائين ويڙهجي ويا آهن، جڻ سندن زخمن تي پٽيون ٻڌل هجن.

بناهه پنن جي، وڻ ائين بيٺا آهن، جڻ ڪنهن جي اچڻ سان وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هجن.“

اسٽيج جون بتيون وسامڻ لڳيون. ڪامران هال ۾ ڪيس پڪاري چيو:

”سيتا!“

هوءَ ڇرڪي.

”اوهان جي فون. مسٽر چوڌري آهي.“

هوءَ اُٿي اسٽيج جي پوئين ڪمري ۾ ويئي. بلقيس ۽ ڪيلاش ميز تي جهُڪي پوري ڌيان سان تعارفي ڪتابچي جو مضمون لکڻ ۾ رُڌل هئا.

”اڄ تنهنجون ڏاڍيون فونون آيون آهن.“ للتا اسڪرپٽ تان ڪنڌ کڻي چيو.

”هيلو.“ هن رسيور کنيو.

”هيلو، سيتا.“

”هيلو. يس.“

”سيتا، مان قمر ٿو ڳالهايان. اسان اڄ ئي ڪلڪتي ڪان آيا آهيون. فيسٽيول لاءِ پنهنجو پلي ڪٽي. توکي صبح ڪان ڪيترن هنڌن تي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيم. نيٺ پتو پيو ته تون هتي بلقيس جي ريهرسل ۾ اچڻ واري آهين. بلقيس ڇا پيئي پروڊيوس ڪري؟“

”هاؤ آر يُو قمر؟“

”فائين. تون ٻڌاءِ. نيويارڪ ڪان ڪڏهن آئي آهين؟“

”ڪافي ڏينهن ٿي ويا. تون ته گهڻي عرصي ڪان هتي ئي آهين.“

”ها. پر مارچ ۾ اسان ماسڪو پيا وڃون. انهيءَ پلي سان. ۽ ڪجهه پراڻيون ڳالهيون ٻڌاءِ سيتا. نيويارڪ اسان جي اچڻ ڪان پوءِ اُداس ته نه ٿي ويو هو؟ هاؤ از اولڊ جميل؟ پوءِ ساٽس ملڻ ٿيو؟ تنهنجو ڪهڙو پروگرام آهي؟ سيتاتوکي ڏسڻ تي دل ٿي چوي. ٻڌ. تون هيئن ڪر جو تون هينئر ئي ڪانسٽي ٽيوشن هائوس پهچي وڃ. هتان گڏجي اشوڪا هوٽل هلنداسين. پروجيش بابو پارٽيءَ ۾ مدعو ڪيو آهي. نه. تون گيٽ ڪريشنگ بلڪل نه ڪجانءِ. پروجيش ڪي نه ٿي سڃاڻين... پوءِ اڃا دنيا ۾ ڇا ڪيو آهي؟ مان تنهنجي ’نه‘ نه ٻڌندس. اچين پيئي نه؟ گُڊ. هينئر ئي پهچ.“

سيتا ڪلي ڪلي هن جي ڳالهين جا جواب ڏيندي رهي ۽ بلقيس لکندي لکندي ڪنڌ ڪڻي حيرت وچان ڪيس ڏسندي رهي.

# 5

سيتا سان ڳالهائڻ کان اڌ ڪلاڪ پوءِ، ابوالفصاحت قمر السلام چوڌري اشوڪا هوٽل ڏانهن روانو ٿيو. ڪي منٽ اڳ ماڌوري رنگاراڄ پنهنجي ڪار ۾ ڪيس وٺڻ لاءِ اچي پهتي هئي ۽ چيو هئائين: ”جلدي هل، پارٽيءَ ۾ تنهنجو گهڻي دير کان انتظار پيو ٿئي.“ ۽ انهيءَ وقت تائين ڪيس وسري ويو هو ته هن سيتا کي ڪانسٽي ٽيوشن هائوس ۾ ملڻ لاءِ چيو هو.

قمرالسلام چوڌري مرشد آباد جو رهاڪو هو. سندس آواز ڏاڍو خوبصورت هو. ڊگهيون ڊگهيون اکيون، سانورو رنگ، نج رومانٽڪ شڪل. هو اهڙو ماڻهو هو، جنهن لاءِ ڪاليجن جون شاعر پرست ڇوڪريون زهر کائينديون آهن. ڪلڪتي مان ايم-اي ڪرڻ کان پوءِ، ڪيترائي سال هو ترقي پسند ڊراما پروڊيوس ڪندو رهيو، فلمن ۾ ڪم ڪيائين، بنگالي ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري ڪيائين. فنڪارن جي ڊيليگيشن سان روس، مشرقي يورپ ۽ عوامي چين جا چڪر ڏنائين ۽ پوءِ آمريڪا ويو، جتي سندس انگريزي شاعريءَ کي ڊسڪوَر ڪيو ويو. تازو ويجهڙائيءَ ۾ سندس نظمن جو پهريون مجموعو لنڊن مان شايع ٿيو هو، جنهن انگريزي ادب ۾ نالو پيدا ڪري ڇڏيو. ڊوم موريز کان پوءِ هيءُ ٻيو هندستاني هو، جنهن جي شاعرانه صلاحيت کي انگلينڊ ۽ آمريڪا جي عظيم ترين نقادن به داد ڏنو. ’نيو اسٽيٽسمين‘ ۽ ’ٽائمز لٽرري سپليمنٽ‘ ۾ سندس باري ۾ ڊگها ڊگها مضمون لکيا پئي ويا. ايڏي بين الاقوامي شهرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو ڇوڪرين جي نظرن ۾ اڃا وڌيڪ گليمرس ٿي ويو هو، پر قمرالسلام لباڙي ۽ غير ذميوار هو. دوستن کان پيسا اڌارا وٺي واپس نه ڪندو هو. گهڻو ڪري بيروزگار هوندو هو. هو اهڙي قسم جو ماڻهو هو، جنهن کي عورتن تي خود عاشق ٿيڻ جي تڪليف ئي نه وٺڻي پوندي هئي. عورتون ڪيس پنهنجو محبوب بنائڻ وڌيڪ پسند ڪنديون هيون.

بلقيس کي ته هُو ڏنو نه وٽندو هو ۽ ڪيس ابوالقباحت قمرالسلام چوڌري چوندي هئي. سندس غير پروفيشنل حرڪتن کان ساڙ ٿيندو هوس ۽ سندس پوز کي برداشت نه ڪري سگهندي هئي. اڄ ڪلهه ماڌوري رنگاراڄ مٿس اور گهور هئي. هوءَ مالاباري حسن جو نمونو هئي ۽ سيتا کان گهڻو وڌيڪ دلڪش ۽ فرمانبردار هئي ۽ ڪيس سيتا کان گهڻو وڌيڪ گرمجوشيءَ سان چاهيائين ٿي. سيتا جي باري ۾ ڪيس يقين نه هو ته هوءَ هاڻي هن سال ڪهڙي قسم جو رويو اختيار ڪندي.

۽ قمر السلام چوڌريءَ جو انگريزي زبان جي انهيءَ مثال ۾ يقين هو ته هٿ تي ويٺل هڪ جهرڪي، وڻن جي جهنگتي ۾ ويٺل ٻن جهرڪين کان وڌيڪ بهتر آهي.

(1) ’مدرا راڪشس‘ جي پهرئين منظر جو پهريون ڊائلاگ

# 6

ڪنوار پيڪن مان موڪلائي وڃي چڪي هئي. وچين ماسي ڪنڌ پاسي لڙڪ پئي لاڙيا. وڏو پاءُ گهڙيءَ گهڙيءَ لڙڪ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ماڻهن جي رواني ٿي وڃڻ ڪان پوءِ, شاميانيءِ ۾ صوفا ڪجهه بي ترتيبيءَ سان پيا هئا. مسند, جتي نڪاح ۽ بعد ۾ آرسيءَ ۾ منهن ڏسڻ جي رسم ادا ٿي هئي, اُتي هاڻي ٻار ڪيڏي رهيا هئا. گلن جا هار وکريا پيا هئا. ميراثڻيون ڳائيندي ڳائيندي ٿڪجي چڪيون هيون. شهرجي وڏي سوسائٽيءَ جا فرد ميزبانن کي خدا حافظ چئي موٽرن ۾ سوار ٿي رهيا هئا. بلقيس مائٽن جي هجوم اندر زور زور سان کلي رهي هئي. ڪاري شيرواين ۽ چوڙيدار پاجامو پاتل سندس ڪزن نادر, مهمانن کي سگريٽ پيش ڪري ڪري ٿڪجي صوفي تي وڃي ويٺو هو. سندس پاپي شامياني جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي دوستن جي ميڙ ۾ بيهي زوردار تقرير ڪري رهي هئي. 'هيءَ اسان جي پَت وڃائيندي'- نادر ٿورو پريشان ٿي سوچيو ۽ پوءِ ڪافي گهرائڻ لاءِ ڪوٺيءَ ۾ هليو ويو.

هوءَ ساڳي طرح بحث ۾ رڌل هئي ته هڪ تمام شاندار شخص هٿ ۾ ڪافي جو ڪوپ کڻي سندس پرسان لنگهيو ۽ ڪيس ڏسي ڏاڍي اُداسيءَ سان مشڪيو, ڄڻ سندس اکين ۾ ترندڙ بي انت دک کي سمجهندو هجي يا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. سندس وارن جي انداز ۾ جميل جي ٿوري جهلڪ هئي, جنهن هڪ کن لاءِ ڪيس ڏاڍو بي چين ڪري ڇڏيو. ڪجهه دير اڳ هن ڏٺو هو ته هو مسند جي پرسان بيهي بلقيس سان ڏاڍي اخلاق سان ڳالهائي رهيو هو ۽ هوءَ به انهيءَ اخلاق سان ڳالهين جا جواب ڏيئي رهي هئي. هڪ مائٽياڻي ڇوڪري ڪافيءَ جي ٽري کڻي ڏانهس آئي. "هيءُ صاحب ڪير آهي؟"

"هي ئي ته عرفان آهي." ڇوڪري جواب ڏنو ۽ اڳتي هلي ويئي.

پوءِ نادر سُڪل ميوي جي پليٽ کڻي وٽس ويجهو آيو. هن ٿورو هٻڪي وري اُهوئي سوال ڪيو: "هيءُ صاحب ڪير آهي؟"

"اڙي! توهان اجا هنن سان مليون ناهيو؟ ترسو, هاڻي ته سڏيانس ٿو." هو ڊگها ڊگها قدم کڻندو انهيءَ شخص وٽ پهتو. "عرفان, هيڏانهن اچو, اوهان اسان جي پاڇائيءَ سان اجا تائين مليا ئي نه آهيو؟" هو

ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي واپس آيو. ”سائين، هيءَ اسان جي ياءُ جميل جي ڪنوار آهي، ڊاڪٽر سيتا جميل.“

هن ڏاڍي ادا سان عادت موجب ’آداب عرض‘ چيو.

’آداب‘ انهيءَ شخص جواب ڏنو. ’اچو هيڏانهن ٿا وهون. اوهان ايتري دير بيهي ٿڪجي ته نه پيون آهيو؟ مان اڌ ڪلاڪ کان توهان جي تقرير ٻڌي رهيو آهيان.“ اهي ٽيئي پريان هڪ ڪنڊ ۾ رکيل صوفي تي وڃي ويٺا.

”مان پنهنجي ڪيس جو نقطء نظر ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هيس، پر توهان ٻيءَ ڌر جي نقطء نظر سمجهڻ لاءِ تيار ئي نٿا ٿيو. هونئن ٿورو منطق استعمال ڪريو. جلدي اموشنل ٿي ويندا آهيو توهان. مون ڏٺو آهي ته توهان جا گهڻا پڙهيل لکيل ماڻهو به ڏاڍا سادا آهن.“

”Every case is emotional, the rest is argument“ عرفان مشڪي جواب ڏنو.

هوءَ ٿورو تعجب سان ڪيس ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ سندس هڪ ٻيو ساهوراڻي سڱ جو مائٽ ناصر اچي پرسان ويٺو. ”ياجائي، ڪافي گهرايان؟“ نادر پڇيو.

”اوهان ڪي ڪراچي ڪيئن لڳي؟“ عرفان پڇيو. ڪيڏو شديد بيوقوفاڻو سوال فقط سوشل گفتگو خاطر مون کي به ڪرڻو پيو آهي. هن دل ۾ سوچيو.

هاڻي نادر، ناصر ۽ عرفان، ٽنهي ساڻس هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون. عرفان کانئس پڇيو: ”اوهان ڪهڙيون ڊاڪٽر آهيو؟ دوائن واريون يا ٻيون؟“

”جي نه سائين. هيءَ دل جي دارونءَ جو ڪاروبار ڪن ٿيون.“ ناصر ڏير جي ناتي ساڻس مذاق ڪيو. جڏهن کان هوءَ هتي آئي هئي، تڏهن کان هڪ ميڙ سندس پويان پويان هوندو ئي هو. سڱ ۾ ڏير ۽ نڙاڻون هر وقت کيس ڇيڙينديون رهنديون هيون.

تلسي پور جون ميراڻيون، جيڪي سندس خاندان سان گڏ هجرت ڪري ڪراچيءَ آيون هيون ۽ هتي لاکيت ۾ رهنديون هيون، رات جو قيصر ۽ بلقيس کي وري وري ٻڌائي، ساڻس مخاطب ٿيون ٿي:

ساس هماري يون ڪهه گئي ٿين
پر جوگي ڪو چٽڪي دي دينا ناري
مين البيلي ڀول گئي ٿي

مين ني جوگي ڪوننڌي دي ڏاري ري.

نادر هُن جي لاءِ طرح طرح جا پروگرام ٺاهيا ٿي، خاص ڪري انهيءَ خيال کان ته جميل ڪيس طلاق ڏيڻ کان سواءِ ٻي شادي ڪئي آهي. اهي سڀ ڪيس خوش رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۾ لڳل هوندا هئا.

”ڪنوار، اسان ته تو اڳيان ڏاڍو شرمسار آهيون.“ وچين ماسي هر هر چوندي هئي.

”جميل منهنجي سامهون ناهي، نه ته جيڪر ماري ماري سڌو ڪري ڇڏيانس ها. ڪيس منهنجي غصي جي خبر آهي.، وڏي ٻاءُ ڪيس چيو هو.

وچين ماسيءَ راهُل جون تصويرون هر اينڊرُ ويندڙ کي ڏيکاريون ٿي: ”ڏس، ڪهڙو نه چنڊ جهڙو آهي، بلڪل منهنجي جميل تي ويو آهي.“

”اسان جي ڀاڄائي ڏاڍي قابل آهي.“ نادر وڏي فخر سان عرفان کي ٻڌايو. عرفان نظرون کڻي سيتا ڏانهن ڏٺو. هوءَ ٿورو گهٻرائجي ويئي.ايتري ۾ وڏو ٻاءُ اُتي آيو. سيتا هڪدم ساڙهيءَ جي پلؤ سان مٿو ڍڪيو ۽ ٿيئي ڇٽا ادب وچان اُتي بيٺا.

”ڪنوار،“ وڏي ٻاءُ مخاطب ٿي چيو، ”بلقيس چوي ٿي ته هوءَ اينڊرُ آچر جو واپس وڃڻ تي چاهي، تُنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟“

اينڊرُ آچر جو، هوءَ وسامجي ويئي. ايتري جلدي، ايترو جلدي هوءَ هتان هلي ويندي ۽ پوءِ شايد انهيءَ شخص کي ڪڏهن سموري ڄمار ٻيهر ڏسي نه سگهي.

”اسان جي ته مرضي آهي ته توهان اجا ڪجهه ڏينهن هتي رهو. هيءُ به توهان جو گهر آهي. پر بلقيس جلدي ڪري رهي آهي جو ڪيس جلدي بمبئي پهچڻو آهي.“ وڏو ٻاءُ چئي رهيو هو.

”ادا سائين! اسان سوچيو هو ته ڪار ۾ لاهور ويندا سين.“ نادر چيو،

اڇو ڀاڄائي، اندر هلي بلقيس کان پڇو ٿا.“

هوءَ عرفان کي، ’شب خير‘ چئي نادر سان گڏ ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي.

انهيءَ رات، جڏهن هوءَ ڏاج واري ڪمري ۾، سامان ۽ شيون سنواري رکڻ ۾ ڇوڪرين جي مدد ڪري رهي هئي تڏهن وچين ماسي اوچتو ڪانئس پڇيو: ”ڪنوار تو عرفان کي ڏٺو؟“

”جي ها.“

”سندس ماءُ، هن جو بلقيس جي سڱ لاءِ دهلي  پيغام موڪليو آهي. اسان بلقيس کي، عرفان ڏسڻ لاءِ ئي تہ گهرايو آهي، پر هوءَ اهڙيءَ تہ عقل جي اُبتي آهي جو ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي. “

”ائين آهي تڏهن؟“ سيتا هڪ سعادتمند هنن وانگر خانداني مسئلن ۾ دلچسپي وٺندي چيو. ”مون کي تہ چڱو معقول ماڻهو ٿو لڳي. “

”معقول تہ آهي، پر بلقيس بہ جڏهن سمجهي. “

”ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟“

”تمام وڏي نوڪري اٿس. هزار بہ پگهار اٿس، ڇوڪريءَ کي ڇا کپي؟ گهر بہ سنو اٿس. “ وچين ماسي تحفن جا پئڪيٽ هيٺ مٿي رکندي جواب ڏنو.

”هر دوئي جو رهندڙ آهي. هردوئي جي خبر اٿيئي؟“

”جي نہ، جي ها. “ هن مُنجهي جواب ڏنو.

”اسان جي بلقيس جي دماغ ۾ پاڪستان اچڻ جي ڳالهہ ئي نٿي اچي. هاڻي ڏس نہ، عرفان تہ پاڪستاني آهي. “ سيتا ٽانڪيل جوڙا کٽي پلنگ تي رکندي ويئي.

”سياڻي تون نادر سان گڏجي وڃي پنهنجي کوٺي تہ ڏسي اچ “

ڪراچي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هوءَ بلقيس کي پنهنجي گهر قرول باغ وٺي ويئي هئي. بلقيس کي هن اڄ تائين گهر ڪوٺ بہ ڏني هئي. هوءَ پنهنجي دوستن مان ڪنهن کي پنهنجو صحيح پتو نہ ٻڌائيندي هئي، پر جنهن ڏينهن  هوءَ ڪراچيءَ لاءِ سامان ٻڌي رهي هئي تہ سندس ماءُ زور ڪيو هو تہ هوءَ بلقيس کي مانيءَ تي سڏي.

”ڪيڏي نہ خراب ڳالهہ آهي جو مون اڄ تائين تنهنجي نڙاڻ کي ڏٺو بہ ناهي. “

سيتا ڪجهہ مهينن کان هڪ سرڪاري کاتي ۾ نوڪري ڪري رهي هئي ۽ آفيس مان هن بلقيس کي فون تي دعوت ڏني هئي.

انهيءَ کان هڪدم پوءِ بلقيس، هيما کي فون ڪيو تہ هوءَ شام جو سيتا جي گهر وڃي رهي آهي ۽ ڪيس پڪ اپ ڪندي ويندي. ٻن پهرن جو هوءَ لنچ جي وقت ڪناٽ سرڪس جي ريسٽارنٽ ۾ بلقيس سان ملي تہ بلقيس ڪيس چيو هو: ”مان پراڻي دهليءَ وڃي، هيما کي وٺندي، ائين وڳي تائين تو وٽ پهچي ويندس. “

”هيما ڪي وڻندي ايندينءَ؟“

”ها ها، ڇو؟“

”هيما ڪي ڇو سڏيو اٿيئي؟

بلقيس حيران ٿي ويئي هئي. ”هيما تنهنجي ايتري پراڻي سهيلي آهي، ڪيس سڏڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟ منهنجو ته خيال هو ته اڳ ۾ ئي ڪيس ٻڌائي چڪي هوندينءَ“

”پر بلقيس، هيما ايڏي شاندار حويليءَ ۾ رهي ٿي، مان ڪيس پنهنجي گهر ڪيئن سڏيان. مون وٽ ته ويهڻ جي جاءِ به ناهي. تون منهنجي مائٽياڻي آهين، تنهنجي ٻي ڳالهه آهي.“

”سيتا!“ بلقيس جو منهن حيرت وچان کليو رهجي ويو. ”سيتا! ۽ تون ڪلاس ۾ طبقاتي شعور جي باري ۾ ايتريون تقريرون ڪندي آهين!!“

”اهو سڀ ٺيڪ آهي.“ هُن چڙي جواب ڏنو هو.

“But I happen to have a lot of personal pride”

”Good heavens ته هاڻي مان هيما ڪي ڪيئن منع ڪريان.“

”هاڻي ڪيئن منع ٿي ڪري سگهين؟“

انهيءَ شام جو بلقيس هيما کي ساڻ ڪري سيتا جي ٻڌايل پتي تي قرول باغ جي هڪ گهٽيءَ ۾ پهتي. دريءَ مان سيتا جون ننڍيون ڀينرون جهاتي پائي ڏسي رهيون هيون. سيتا جي ماءُ دروازو کوليو. اهو ڪنهن هيٺين وچين طبقي جي مسلمان جو ڇڏيل تنگ ۽ اونداهو ننڍو گهر هو. ممي ٻنهي ڇوڪرين کي وچين ڪمري ۾ وٺي ويئي ۽ گلم تي ويهاريائين. هڪ طرف پلنگ پيل هو ۽ پٽ سان ٽرنڪون هڪ ٻئي مٿان چڙهيل هيون. الماڙيءَ جي مٿان سري ڪرشن جي وڏي تصوير ٽنگيل هئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ ممي الماڙيءَ جي پويان فريم ڪيل ڪلمو ڪڍيو ۽ چنڊي اچي ميز تي رکيائين. ”بلقيس، هيءُ ڪلمو هن ڪمري ۾ لڳل هو. مون اهو لاهي احتياط سان رکي ڇڏيو آهي. ڪيترا ڀيرا سيتا کي چيم ته توکي پهچائي ڏي، متان غلطيءَ سان هتي ڪنهن کان بي ادبي ٿي نه وڃي. هاڻي تون کڻيو وڃجان.“

”ٺيڪ آهي.“ بلقيس جواب ڏنو هو.

ممي ٽالهيون ۽ ڪٽوريون گلم تي پرچي رکيون. هيما ۽ بلقيس ڊاڍي آرام سان ٽنگون سڌيون ڪري ديوار جي سهاري ويهي، مميءَ ۽ سندس نندين پينرن-ليلا ۽موهنيءَ سان ڳالهيون ڪنديون رهيون. سيتا ٻيءَ ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ويٺي انهن سيني کي تڪيو. سامهون ديوار تي هنومان جي تصوير ٽنگل هئي، جيڪو جبل ترِيءَ تي کنيو اُڏامندو پئي ويو. مون به زندگيءَ جو جبل کڻي آسمان تي اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي هئي — هن دل ۾ سوچيو هو.

”پُٽ، ڪراچيءَ جي عامل ڪالونيءَ ۾ اسان جي ارڙهن ڪمرن جي به ماڙ جاءِ هئي.“ مميءَ گلاسن ۾ پاڻي اوتيندي، بلقيس سان مخاطب هئي.

سيتا ڊاڍي بيزاريءَ سان ڪيس ڏٺو هو. اهو قصو هرڪنهن هڪ کي ٻڌائي ڪيس ڪهڙي قسم جو اطمينان محسوس ٿئي ٿو؟

”انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب، سيتا جي ڊيڊي ڇهن ڪمرن ۾ سنگ مرمر جو فرش هڻايو هو.“

”ممي، هاڻي اها رام ڪهاڻي ڪٽي ختم ڪر.“ سيتا چڙي چيو هو.

”بلقيس تون وڃي ضرور ڏسج، منجهس نيري رنگ جي شيشن جون دريون آهن. ’دولت راءِ محل‘ لکيل آهي، جو پري کان ئي پيو ڏسبو آهي، جمشيد روڊ کان موتي لعل نهرو روڊ ڏانهن جڏهن مڙنديون.“

”ممي هاڻي ٺيڪ آهي. ڏسي وٺنداسين. هيما تو ڌهي بڙا ڪنيا؟“

انهي وقت ڊيڊي اندر گهڙيو هو.

”چو هي توکي دولت محل جا قصا پيئي ٻڌائي نه؟ هن جي اها عادت مشڪل سان ويندي.“ هن کلندي چيو ۽ اُتي ئي گلم تي ويهي رهيو هو. پوءِ هن مهمان ڇوڪرين کي چيو هو: ”پٽ،توهان ٻئي هيترن ورهين کان پوءِ اچ پهريون پيرو اسان جي غريب محل ۾ آيون آهيو، انهيءَ کي دولت محل سمجهي وري به اچجو.“

”صبح جو نيرن ڪانپوءِ نادر توکي تنهنجي جاءِ ڏيکاري ايندو.“ وچين ماسي برتن سليقي سان رکندي وري چيو.

”جي نه، نه ڏسنديس. ڪهڙي ضرورت آهي!“ هن جواب ڏنو. وچين ماسي چپ ٿي ويئي.

چاندپور هائوس ۾ هڪ هفتو گذري ويو. چاندپور هائوس سندس وڏي ڏير جي اسڪينڊنيوين طرز جي به ماڙ ڪوٺيءَ جو نالو هو، جيڪا هن هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ ٺهرائي هئي.

”اهو ٻڌائڻ جي خبر ناهي ڪهڙي ضرورت آهي ته توهان هڪ پراڻي قسم جا سابق تعلقيدار آهيو ۽ هڪ پراڻي قسم جو اوهان جو چاند پور تعلقي تلسي پور، ضلعي فيض آباد ۾ 1947ع تائين موجود هو. ٻيو ڪجهه نه ته هتي پاڪستان اچي اوهان رفيوجي ماڻهو، پراڻن نالن سان اجا تائين چنبڙيل آهيو.“

بلقيس هڪ ڏينهن صبح جو نيرن تي عادت مطابق پنهنجي پاڪستاني مائٽن سان جهيڙو لائي ڏنو.

”اسان جو چاندپور هائوس هو يا نه، لکنؤ وچي پلنگ روڊ تي ڏسج.“

وچين ماسي چيو. سندس آواز ۾ سيتا کي پنهنجي ماءُ جي آواز جي جهلڪ ٻڌڻ ۾ آئي. هوءَ بيزاريءَ وچان دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي.

ڊرائيور تي سندس ڪار اچي بيٺي. هو لٿو ۽ وراندي جي ڏاڪڻ چڙهي ڊائننگ روم ۾ گهڙيو، جتي بلقيس بي نيازيءَ سان ٽوسٽ تي مکڻ لڳائڻ ۾ مشغول هئي.

انهيءَ هڪ هفتي جي دوران هو هر روز صبح شام چاند پور هائوس ايندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سيني سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو، پر هميشه انهيءَ موقعي جي تلاش ۾ رهندو هو ته سيتا جي پرسان ويهي سگهي، پر ڪنهن کي اها خبر نه پوي ته هو ڪو سيتا جي قربت جو خواهان آهي. وچين ماسي اهو سوچي پيئي خوش ٿيندي هئي ته هو بلقيس جي ڪري اچي پيو. جڏهن ڪو ايڏي خوشامد ڪندو ته ڇوڪريءَ کي پاڻيهي ها ڪرڻي پوندي. هن هڪدم بلقيس جي ماءُ کي، جيڪا سندس وڏي ڀيڻ هئي، تلسي پور اهڙو خط لکي موڪليو ته ماشاالله بلقيس جي ڳالهه هتي تقريباً پڪي ٿي ويئي آهي.

نوجوان پارٽيءَ جو گهڻو وقت نادر جي ڪمري جي سامهون وراندي ۾ گذرندو هو. هڪ ڏينهن اُهي وراندي ۾ ويهي ٽپهريءَ جي چانهه پي رهيا هئا ته عرفان، سيتا کي چيو: ”توهان کي واپس وڃڻ جي ايتري جلدي ڇو آهي؟ اسان پاڪستاني ايترا خراب ته ناهيون! ڪجهه ڏهاڙا اجا ترسي پئو.“

”مان ته دنيا ۾ ڪنهن کي به خراب نٿي سمجهان. مذهبي جنون ۽ شاؤنزم جو فلسفو ته اوهان جهڙن غير اشتراڪين جي برڪت سان مليو آهي.“

”بلڪل پاڃائي! هڪ مهينو ٻيو ترسو، اوهان جي ويزا مان وڌائي ڏياريندس فٽافٽ.“ نادر چيو.

”ڪيئن ترسان مان؟ منهنجي پويان سي-آءِ-ڊي نه لڳي پوندي!“

”خير سيتا، اجا تون ايتري اهم بہ ناهين جو سي —آءِ-ڊي وارا رڳو تنهنجي لاءِ پنهنجي ننڊ خراب ڪن.“ بلقيس کلي چيو. ”ڪجهہ سالن کان پوءِ جيڪڏهن انهيءَ رفتار سان ترقي ڪندي رهينءَ تہ انٽرپول وارا تنهنجي پويان البت لڳندا.“

هن اداسي سان انهن ٽنهي ڏانهن ڏٺو.

فضول. فضول. دنيا ڪيڏي نہ فضول جاءِ هئي.

”توهان جو ميڊن نالو ڇا آهي؟“ عرفان پڇيو. هُو 'پروڊڪشن' رسالي جا پنا اٿلائي رهيو هو، جيڪو نادر ڏاڍي شوق سان پڙهندو هو.

”ميرچندائي.“

”اسان وٽ هردوئيءَ ۾ هڪ سنڌي انجنيئر بدلي تي آيو هو، مان تڏهن ننڍو هوس.“ عرفان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”سندس نالو ميرچندائي هو. هڪ ڏينهن هو ملڻ آيو تہ نوڪر اندر اچي چيو تہ بيگم صاحب، مچرداني صاحب آيو آهي. انهيءَ کان پوءِ هو ڪافي ڏينهن تائين ڪيس مرچ داني چوندو رهيو. اهو واقعو مون کي اجا تائين ياد آهي. اسان انهيءَ زماني ۾ سنڌي ڏٺا بہ نہ هئا. گنج ۾ ٻن ٽن سنڌين جا دڪان هئا ۽ بس.“

”ها.“ نادر چيو. ”بلقيس توکي فروٽ مارٽ وارو سنڌي ياد آهي، جڏهن تو اندر والترز لاءِ ڪانئس پڇيو هو تہ ڇا سندس شادي ٿي ويئي ۽ ڇا هوءَ واقعي تمام گهٽي ڪريڪ آهي، تہ هن جواب ڏنو هو:

“Yes madam, she is mad and married both”

”ها ها ها.“ اسان سڀئي سندس حاضرجوابيءَ تي ڪيڏو نہ کليا هئاسين.

”ها ها ها.“ عرفان بہ کليو ۽ پوءِ رسالو ڏسڻ لڳو. نادر پراڻين يادن ۾ گُم ٿي ويو.

فضول. فضول وقت گذري رهيو آهي.

اوڏيءَ مهل هن عرفان کان پڇيو: ”توهان کي خبر آهي تہ ٽرڊ ڊگري ڪهڙي طرح ڪيو ويندو آهي؟“

”ڇو؟ توهان کي انهيءَ جو خيال ڪيئن آيو؟“ عرفان پڇيو.

”ائين ئي. خيالن ۾ ربط ۽ منطق جو ڪهڙو ذڪر؟“ عرفان ڪيس غور سان ڏٺو ۽ وري ڳالهہ ٽارڻ چاهيائين: ”اوهان اهو لطيفو ٻڌو آهي؟“

”ڪهڙو؟“

”اهو ئي تہ هڪ دفعي نيويارڪ ۾ ليفٽ ونگ اديبن جي هفتي وار ميڙ ۾ اڌ ڪان وڌيڪ خفيہ پوليس جا ماڻهو هوندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ جلسي ۾ هڪ اديب اتي حاضرين کي هن ريت مخاطب ٿيو:

“Comrades and gentlemen of F.B.I”

”ها ها ها.“ نادر ٺهڪ ڏنو.

پوءِ اهي چارئي کوکلا ٺهڪ ڏيندا رهيا.

شام ٿي تہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هاڻي ڇا ڪجي.

”هلو پڪچر تي هلون، ياجائي.“ نادر ڪيس چوندو هو، ”روز پڪچرا ايتريون انگريزي آمريڪي فلمون ڏسي توهان جي دل نٿي ڀرجي؟“

عرفان سان بحث ڪندي ڪندي هوءَ بيزاريءَ مان چوندي هئي: ”ڪا پوليٽيڪل انڊرسٽينڊنگ ناهي، ڪتاب ناهن، سٺيون فلمون ڏسڻ لاءِ نٿيون ملن، اخبارن ۾ بس وڃي رهي آهي، اهائي هڪ ’مارننگ اسٽار‘ جيڪا قوم ’مارننگ اسٽار‘ پڙهي ۽ انهيءَ جا ڪارٽون ڏسي سڄي عمر گذاري ڇڏي، انهيءَ جي سائيڪالاجيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو!“

”ياجائي، توهان بيشڪ اسان جا لاهہ ڪڍائينديون. پاڻ تہ هليون وينديون پر اسان جو جيڪو حشر ٿيندو، اهو دنيا ڏسندي. هر محفل ۾ اهڙيءَ طرح اُبتيون سبتيون فضول ڳالهيون اُڏائيندي رهنديون آهيو.“

هن نادر جي احتجاج جو ڪو نوٽيس نٿي ورتو ۽ اهڙيءَ طرح چوندي رهندي هئي.

عرفان جون موڪلون ختم ٿي چُڪيون هيون ۽ ڪيس لاهور واپس وڃڻو هو. آخر اهو فيصلو ٿيو تہ اُهي سڀ ٻن موٽرن ۾ گڏجي لاهور ويندا.

انهيءَ ڏينهن شام جو وقت سيتا ورانڊي ۾ اڪيلي ’لائيف‘ رسالو ڏسي رهي هئي تہ هو آيو. اهو پهريون موقعو هو جو هنن ٻنهي وٽ ٽيون ڪو بہ نہ هو. ”پربڻءَ صبح جو انتظام ٿي ويو آهي، ڊاڪٽر صاحب.“

هو ٿورو پريرو هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”مون کي ڊاڪٽر صاحب نہ چوندا ڪريو. ڏاڍو خراب ٿو لڳي.“

”پوءِ ڀلا ڇا چئجي؟ مسز جميل بيگم صاحبا، شريمتي جي؟“

”توهان کي خبر آهي تہ منهنجو سڏو سنئون نالو سيتا آهي.“

”بيحد پيارو نالو آهي، انهيءَ ڪري نالو وٺندي ڊپ لڳندو اٿم.“

هوءَ خاموش ٿي ويئي. هوءَ بلقيس جي سڳي ماسات جي زال هئي. هو ڇڙ سندس ٽيڻ وارو نڙان جو مڙس هو ۽ انهيءَ لحاظ کان مذاق جي رشتي جو پهلو نڪتو ٿي. شايد انهيءَ ڪري هو ڪيس مستقل چيڙيندو رهندو هو.

شايد.

”اوهان جو رامچندر جي پنهنجو راڄ پاٽ سنڀالڻ لاءِ اجوڌيا ڪڏهن پڌاربو؟“ عرفان پڇيو. ڪيس اهو ٻڌايو نہ ويو هو تہ جميل ٻي شادي ڪري ورتي آهي. اهو نجي خانداني معاملو ۽ عرفان پوءِ بہ ڌاريو هو.

”هاڻي سندن ٽرم وڏيڪ ٻن سالن لاءِ وڌي ويو آهي. اوهان نيويارڪ ويا آهيو؟“

”جي ها.“

”جڏهن توهان اُتي نہ هيو.“

”مان تہ اُتي 1949ع کان آهيان.“

”مان بہ اُتي 1949ع ئي ۾ پهريون ڀيرو ويو هوس. دراصل منهنجا ۽ توهان جا حلقا مختلف رهيا هوندا. هاڻي آمريڪا ڪڏهن ٿيون وڃو؟“

”اڃا ڪجهہ طئہ ناهي.“ هن گهبرائجي دروازي ڏانهن ڏٺو ۽ دعا گهرڻ لڳي تہ بلقيس يا ڪو ٻيو اتي اچي وڃي ۽ اهو موضوع ختم ٿئي.

جنهن ڏينهن صبح جو اُهي سڀ سفر تي روانا ٿيڻ وارا هئا، انهيءَ رات جو بلقيس کي فِلو ٿي پئي ۽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ وڃڻ ملتوي ڪرڻو پين.

هاڻي جو بلقيس بيمار ٿي پيئي تہ سيتا ئي اڪيلي نادر ۽ عرفان سان گڏجي ٻاهر ويندي رهندي هئي. ايتري عرصي ۾ هوءَ نادر جي دوستن جي حلقي ۾ ڏاڍي مقبول ٿي ويئي هئي. نادر جا دوست گهڻو ڪري انٽلڪچوئل قسم جا هئا. انهن سيتا کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. عرصي کان پوءِ کين هڪ جيئري جاڳندي هندو ڇوڪري نظر آئي هئي. پهريون ڀيرو جڏهن نادر پنهنجي ڪجهہ انٽلڪچوئل دوستن کي سيتا سان ملائڻ لاءِ چاند پور هائوس ۾ ڪوٺ ڏني تہ وڃين ماسي پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان جهاتي پائي پڇيو هو: ”هيءَ نادر جي پارٽي آهي يا شوجيءَ جي ڄڃ، هڪڙو ٻئي کان ڪسر هليو پيو اچي.“

”اهي سڀ پاڄائيءَ سان ملڻ لاءِ گهرايا ويا آهن.“ هڪ ڇوڪري جواب ڏنو هو.

”تنهنجي ياڇائي پڻ خبطڻ آهي.“ وچين ماسي چيو هو.
هاڻي عرفان بي تڪليفيءَ سان سيتا جو نالو وٺندو هو ۽ کيس ’تون‘ چئي مخاطب ٿيڻ لڳو هو. قيصر چالي (1) لاءِ آيل هئي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي مڙس سان گڏ پشاور وڃڻ واري هئي.

فٽ نوٽ

(1) چالي جي رسم، شاديءَ کان چاليهن ڏينهن کان پوءِ، ستاوڙي وانگر ٿيندي آهي.

رات جو قيصر جي ساهورن جي مان ۾ چاندپور هائوس ۾ تمام وڏي ڊنر هئي. بلقيس هاڻي چاق ٿي چڪي هئي ۽ نادر انهن ٻنهيءَ سان گڏ شام جو ريڪس ۾ پڪچر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو هو.
ٽپهريءَ جو سيتا جلدي جلدي تيار ٿي ٻاهر وڃڻ لڳي ته بلقيس کيس سڏ ڪيو.
”يس بلِي.“ سيتا دروازي ۾ رڪجي پڇيو.
”هاڻي ٻاهر پيئي وڃين؟“
”ها. تون ساڍي پنجين وڳي پئليس هوٽل اچجان. مان توکي اُتيئي بار ۾ ملنديس.“
”بار ۾؟“
”ها ها. منهنجيءَ اُتي ڊڪ سان اپائنٽمنٽ آهي.“
هو ڪلهه اتفاق سان مون کي الفنسٽن اسٽريٽ ۾ ملي ويو. مون سان گڏ ڪولمبيا ۾ هو. هتي ورلڊ بئنڪ جي سلسلي ۾ آيل آهي. چو؟
”سيتا ڊارلنگ،“ بلقيس پلنگ تان لهي هائوس ڪوٽ پائيندي چيو، ”تون ضرورت کان وڌيڪ Emancipated ٿي ويئي آهين. هي آمريڪا يا انگلينڊ ناهي.“
”اوهه، مون کي انهيءَ ڳالهه جو خيال ئي نه آيو. چڱو تون پوڻي ڇهين وڳي تائين عرفان جي گهر پهچ. مان ڊڪ کي چونديس ته مون کي اُتي لاهي ڇڏي. عرفان پئليس هوٽل پرسان ئي ترسيل آهي. ڪچهري روڊ تي ڪلهه اسان کيس اتيئي ڊراپ ڪيو هوسين نه.“
”عرفان جي گهر!“ بلقيس وڌيڪ پريشان ٿيندي چيو، ”ڊارلنگ، هو بيچلر آهي، اڪيلو رهي ٿو. تون سندس گهر ڪيئن ٿي وڃين سگهين؟“
”او ماءِ گاڊ! چڱو ساري. مان توکي وڌيڪ ڏکوئڻ نٿي چاهيان.“

”ڊنر لاءِ هينئر کان ئي مهمان اچڻ شروع ٿي ويندا. توکي واپس اچي تيار به ٿيڻو آهي. نادر کي چئينس ته اج پڪچر گول ڪري.“ بلقيس چيو.

”چڱو.“ هن فرمانبرداريءَ سان وراڻيو.

پنهنجي امريڪن ڪلاس فيلو سان پئليس جي بار ۾ ملاقات ڪرڻ کان پوءِ پوءِ هن ڪائونٽر تي وجي عرفان کي فون ڪيو. هاڻي ڪيس جلدي چاندپور هائوس واپس وڃڻ گهربو هو، پر سندس دل چئي رهي هئي ته هوءَ شام هيڪلائيءَ ۾ عرفان سان گذاري.

ڪجهه منٽن کان پوءِ عرفان پهچي ويو. ساڻس گڏ سندس دوست عثمان به هو. اهي ٽيئي وجي لائونج ۾ ويٺا.

سيتا کي سُرخ رنگ جي سونهري پرت واري ساڙهي پاتل هئي جيڪا کيس تمام ٺهي رهي هئي. ڊنر جو وقت اچي پهتو پر هوءَ بيپرواهيءَ سان ڳالهيون ڪندي رهي. عرفان سندس ويجهو صوفي تي ويهي مٿس نهن کان چوٽي تائين نظر وجهي مشڪندي پڇيو:

”ميلا هي چاند گنج مين سورج گهن ڪا آج

تم ڪس لئي نہ غيرت شمس و قمر گئي؟“

هوءَ کلڻ لڳي. ”سچ پچ توهان اڙدو دانن ۾ ڦاسي منهنجو ته بقول نادر، چڱو حشر ٿيو آهي.“

”ءِ اڙدودان به وري ڪهڙا- لکنؤ جي رند ۽ آرزو کان گهٽ ته ڳالهه ئي نتا ڪن.“ عرفان جي دوست چيو.

ڪجهه دير کان پوءِ هن سيتا کان اجازت ورتي ۽ هليو ويو.

هاڻي رات جي اونداهي ڇانئجي ويئي هئي. پئليس هوٽل جي اُنهيءَ حصي ۾ نسبتاً خاموشي هئي. ماڻهو لاگورمي ڏانهن وجي چڪا هئا.

”ڪافي پيئنديينءَ؟“ عرفان پڇيو. کيس خبر نہ هئي هت هو سچ لهڻ ڪانپوءِ فقط ڪاري قهوي تي گذارو ڪرڻ پسند نہ ڪندي آهي. هو کيس غور سان ڏسندو رهيو.

”تون سچ پچ ڏاڍي خوبصورت آهين.“

”مهرباني.“

پوءِ هن سيتا جي وارن تي نظر وڌي. ”تون سينڌ ۾ سيندور چو نٿي لڳائين؟“

”دراصل... اها منهنجي سينڌُور جي دٻي ڪٽي وڃائجي ويئي – ڪراچي ڪان ايندي. وچين ماسي ڪيترا ڀيرا چئي چڪي آهي تہ ڪنوار تو سينڌُور لڳائڻ چو ڇڏي ڏنو آهي. تنهنجي ٻُسي سينڌ ڏسي مون کي پوُ ٿو وٺي. هن جي خاطر مون سوچيو آهي تہ ضرور لڳائيندس، پر هتي ملي ويندو سينڌُور؟“

”خبر ناهي.“ عرفان آهستي آهستي ورائيو. ”ڇا ڪرائينس.“

”توهان ڪٿان ڳولا ڪرائي گهُرائي ڏيو.“ پوءِ هوءَ هڪدم چپ ٿي ويئي ۽ سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. ڪيڏي نہ عجيب و غريب صورت حال هئي! هُن ڪيس سينڌُور آڻڻ لاءِ چو چيو، جيڪو هوءَ جميل جي نالي تي لڳائيندي.

او ماءِ گاڊ! هو دل ۾ ڇا سوچيندو هوندو هن وقت. هن طئہ ڪيو تہ ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي.

”توهان کي خبر ناهي.“ هن رُڪي رُڪي چوڻ شروع ڪيو. ”مان سينڌُور ڪنهن جي لاءِ لڳايان! جميل مون کي ڇڏي چڪو آهي.“ پوءِ هوءَ نرڙ ۾ گهنج وجهي اکين جا ڇپر ڇنڀيندي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي، جيئن لڙڪ نہ لڙي پون.

”مون کي خبر آهي.“ عرفان ڏيمي آواز ۾ جواب ڏنو. ”مون کي ڪنهن بہ نہ ٻڌايو هو، تڏهن بہ مون کي خبر پئجي ويئي هئي. پهرئين ڏينهن جڏهن تو کي شامياني جي هيٺ مليو هوس، تڏهن تنهنجي اکين کي پڙهي ورتو هئم تہ تون ڪيڏي نہ دُکي آهين. اڇ،“ هو هڪدم اٿي بيٺو. ”چاندپور هائوس هلون. توکي قيصر جي دعوت ۾ دير سان پهچڻ نہ گهرجي. تون هن گهراڻي جي نهن آهين.“

”۽ توهان کي بہ دير ڪرڻ نہ جڳائي. توهان انهيءَ گهراڻي جا ناني بنجڻ وارا آهيو.“ سيتا آهستي چيو: ’ڇا ڪريان! ڇا تو تي سگهي؟‘

”بلڪل نہ. توکي خبر آهي تہ بلقيس منهنجي تہ ترجيتري بہ پرواهہ نٿي ڪري.“

”۽ توهان کي، توهان کي بہ سندس پرواهہ ناهي؟“

”بلڪل نہ، پر توکي انهيءَ جو يقين ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هل، اٿي دير نہ ڪر.“

انهيءَ رات هو چاندپور هائوس جي ڊنر مان جلد واپس هليو ويو. گهر پهتو تہ دير تائين ننڊ نہ آيس. سنسان ڪمرو کائڻ ٿي آيس. نيٺ بيزاريءَ مان هن عثمان کي فون ڪئي.

”مان اعظم جي اسٽيگ پارٽي ۾ وڃان ٿو. تون بہ جيمخاني هليو اچ.“

عثمان جواب ڏنو.

”مان هاڻي وڏيڪ ڪنهن پارٽيءَ ۾ نٿو وڃي سگهان.“

”يار، تون اچ تہ سهي، هڪ ڪنڊ ۾ ويهي تنهنجي سيتا جون ڳالهيون ڪنداسين. آءٌ حسين يار ڪي باتين ڪرين!“

”چڱو ڀلا اچان ٿو“

هو پنهنجي فليٽ مان لهي گهمندو جيمخاني پهتو. عثمان اجا ڪونہ آيو هو. هو ورانڊي ۾ تمام پري وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو.

سيتا سيتا.

”سيتا جميل ڏاڍي زبردست فلرٽ ٿي لڳي.“ هو ڇرڪي ويو. پام جي ڪونڊين وٽان زور شور سان گفتگو ٻڌڻ ۾ پئي آئي. شايد اُهائي اسٽيگ پارٽي جاري هئي، جنهن لاءِ عثمان ڪيس ڪوٺ ڏني هئي. هو اکيون بند ڪري ٻڌي رهيو هو. ڪيس محسوس ٿيو ڄڻ سندس دماغ تي هٿوڙن جا ڌڪ لڳي رهيا هجن.

”بلڪل ديسي خالص ’ڪُمايون جي آدم خور‘ (Man-eater of Kumayun) ٿي لڳي.“

”۽ مٿان وري پنهنجو پاڻ کي پروگريسو ٿي پڌرو ڪري.“

”سُرخن وٽ اخلاق جو تصور تمام بلند آهي.“

”تڏهن اها ڳالهہ آهي!“

”روسي تہ انهي سلسلي ۾ چڱا خاصا وڪٽورين آهن.“

”بڪواس، انهن ۾ سڀ شيون مشترڪ، ٿينديون آهن.“

”شايد اوهان کي خبر ناهي تہ روسين کي ’پاڻيءَ جي گلاس جي ٿيوري‘ رد ڪئي بہ عرصو گذري ويو.“

”توهان کي انهيءَ خاتونِ محترم برين واش ڪري ڇڏيو آهي.“

”واهہ سائين واهہ! هوءَ ويچاري ڇا برين واش ڪندي، پر توهان انهن ماڻهن مان آهيو جن جي دلين تي الله سائين مهر هڻي ڇڏي آهي. سچ آهي، جهالت ۾ وڏي برڪت آهي.“

”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ انسان جي ذاتي زندگيءَ کي سندس سياسي عقيدن جي ڪسوٽيءَ تي ڇو ٿو پرکيو وڃي.“

”افسوس جو فقط انهيءَ ڇوڪريءَ سان ملي، جا ايڏي ڪنفيوزڊ آهي، اوهان سڀني ڇوڪرين کي هڪ ئي تارازيءَ ۾ تا توريو. بدقسمتيءَ سان هتي آئي به ته ڪير: سيتا جميل. انڊيا کان هتي فقط بي ڪلاس فلمون گهرائڻ جي اجازت آهي ۽ سيتا جهڙيون Phoney ڇوڪريون.“

”خير، ڳئون کي ٻئي جي ٻنيءَ جو گاهه هميشه سرسبز نظر ايندو آهي.“

”ڳالهائي ڏاڍو ٿي. ڪلهه رحمان جي مانيءَ تي ڪلاڪ کن سڀني سان ڇاڙي هڻندي رهي.“

”ٻڌو آهي ته ڏاڍو سٺو نچي ٿي ڇاٽي — ڪٿاڪلي.“

”اڙي عورتون ڪٿاڪلي ناچ نه نچنديون آهن.“

”هلو خير. مان ڪو ناچو ته نه آهيان جو مون کي ناچ جي قسمن جي خبر هجي.“

”ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي يائو. بس ٿورو پيئندي سرس آهي. جيئن چوندا آهن: مڇيءَ وانگر پيئندي آهي.“

”اهائي سندس هڪ ادا آهي، جيڪا اسان کي ڏاڍي وڻي.“

”واهه! جان عالم واجد علي شاهه توهان ئي ته آهيو.“

”اسان ٻڌو آهي. ته پنهنجي مڙس کي ڇڏي ڏنو اٿس.“

”پوءِ ته موقعو آهي. قسمت آزمائڻ گهرجي. اوهه! هوڏانهن عرفان صاحب لڪو ويٺو آهي. اڙي عرفان، ڇا خيال آهي؟ تون هن معاملي تي روشني ته وجهه.“

”عرفان صاحب سان ڳالهائڻ بيڪار آهي. ولي الله آهي.“

هو خاموشيءَ سان اتان اُٿي هليو آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سيتا ڪيس چاند پور هائوس جي ڦاٽڪ تي ئي ملي ويئي.

”رات توهان مانيءَ کان پوءِ ايترو جلدي هليا ويا. اُتي خوب ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو رهيو.“ هن چيو.

”هون.“

”مون توهان کي ڪافي رات گذرئي کان پوءِ فون به ڪئي هئي پر نوڪر ٻڌايو ته توهان جيمخاني هليا ويا آهيو.“

”هون!“

”چو، توهان کي ڇا ٿيو آهي؟“ هن ٿورو وسامجي پڇيو.

”سيتا!“

”جي.“

”ماڻهو تنهنجي باري ۾ طرح طرح جون ڳالهيون ڪن ٿا. مون کي بلڪل سٺو نٿو لڳي. ڇا دهليءَ ۾ به تنهنجي لاءِ ماڻهو اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا اهن؟“

”ضرور ڪندا هوندا. مون کي خبر ناهي.“

”پرواهه به نه اٿيئي.“

”اونهن.“ هوءَ هڪدم جهنجهلائجي ويئي. اُهي ورانڊي جي ڏاڪڻ تائين پهچي ويا هئا. ”اندر هلو. سامان ٻڌجي تيار ٿي ويو آهي. توهان جو انتظار پيو ٿئي.“ هن سردي مهريءَ سان جواب ڏنو.

اندر باقاعدي روئڻ پٽڻ متل هو. ڪراچيءَ جون مائٽياڻيون شاديءَ ۾ آيل هندستاني عورتن سان ڀاڪر وجهي زارو قطار روئڻ ۾ رڌل هيون. بلقيس سُون سُون ڪندي پئي ڦري. مرد ماڻهو به نڪ سڻڪي لڙڪ اگهي رهيا هئا. وچين ماسي ڀاڪر وجهي سيني تان گهور پئي ويئي.

عرفان گيلريءَ جي دروازي تي بيٺي، اهو منظر پئي ڏٺو ۽ ڪيس بي اختيار کل اچي ويئي. ”اهي سڀيئي ڪيڏا نه گڏهه آهن.“ هن آهستگيءَ سان سيتا کي چيو.

هندستاني سڀ مائٽ هوائي جهاز ۾ واپس وڃي رهيا هئا. بلقيس ۽ سيتا، نادر ۽ عرفان سان گڏ لاهور وڃڻ واريون هيون. ڪراچيءَ کان به ٻه ٽي ڪزن لاهور تائين ساڻن گڏ وڃي رهيا هئا. سموري پارٽي ٻاهر اچي موٽرن ۾ لڏجي ويئي. سيتا، بلقيس سان گڏ نادر جي ڪار ۾ اچي ويٺي. عرفان ٻين عزيزن کي پنهنجي ’شيو‘ ۾ ڀريو. امام ضامني جي گوڙ ۾ موٽرون ’فارٽي سيڪنڊ اسٽريٽ جي ڏنگن ڦڏن ۽ آڏن اُبتن رستن مان نڪري ڊرگ روڊ تي آيون ۽ نئي طرف روانيون ٿيون.

# 7

”تنگر ٺٽوا“ نادر، شاھ جهان جي مسجد جي سامهون ڪار بيهاريندي چڻ انائونس ڪيو.
جڏهن اُهي تاڪ منجهند جو جامع مسجد جو چڪر هڻي واٽين جي گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئا، تڏهن انهن اُجاڙ گهرن ۾، جيڪي سرن ۽ مٽيءَ جي گاري مان ٺهيل هئا، هوا هڪدم ڏاڍي تيزيءَ سان لڳڻ لڳي ۽ ائين ٿي لڳو ڄڻ انهيءَ هنڌ، دنيا جي سڀني بي گهر، رولو ۽ مفلس روحن جو واسو آهي. سيتا خاموشيءَ سان بلقيس جي پويان پويان هلندي رهي. ڪجهه دير کان پوءِ عرفان ساڻس گڏوگڏ هلڻ لڳو.
”توهان کي خبر آهي، هن شهر جو نالو ٺٽو ڇو آهي؟“ هن گوگلز لاهيندي عرفان کان پڇيو.
”نہ.“
”مغل گورنرن جي وقت جي هيءُ شهر ايڏو رونق وارو ۽ آباد هو، جو هتي سڄي ايشيا مان آيل ماڻهن جا ٺٽ جا ٺٽ لڳا رهندا هئا، توهان کي تاريخ پڙهڻ جو شوق آهي؟“
”بلڪل نہ.“
”اوھا“
جڏهن اُهي ڪارن ۾ سوار ٿيڻ لڳا تہ بلقيس ڪيس آهستي چيو: ”تون عرفان جي ڪار ۾ وڃي ويهہ. مان ٿورو ادي نسيم وغيرهہ سان گپ شپ ڪرڻ چاهيان ٿي. پر مان هن جي ڪار ۾ وڃي ويهنديس تہ عرفان ۽ مان بئي خوامخواهہ بيزار ٿينداسين، خاص ڪري اديءَ نسيم جي سامهون. مان انهن سڀني کي نادر جي ڪار ۾ سڏائي ٿي وٺان.“
هاڻي اهي سپ صحرا مان گذري رهيا هئا. سيتا عرفان کان پڇيو: ”توهان انهيءَ ڏينهن مون کان سوال پڇيو هو تہ مون کي ڪراچي ڪيئن لڳي. هاڻي اهوئي سوال توهان کان مان پڇان تہ منهنجي سنڌ توهان کي ڪيئن ٿي لڳي؟“
هو مٿس نظر وجهي چپ رهيو.
”هاڻي مون کي اهو سوچي سوچي پريشاني ٿي رهي آهي تہ ڊيڊي مون کان سوال مٿان سوال ڪري منهنجو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيندو، تہ تو فلاڻي جاءِ ڏٺي، فلاڻي ڳوٺ مان لنگهي هُئينءَ. ممي ايترو چيو هو تہ پنهنجي جاءِ ڏسج تہ ڪهڙي حال ۾ آهي. مون تہ اها بہ نہ ڏٺي.“
”تنهنجو ڊيڊي ڪراچيءَ ۾ ڇا ڪندو هو؟“

”ڊاڪٽر هو. رام باغ ۾ سندس ڪلنڪ هوندي هئي.“

”رام باغ؟“

”رام باغ ڪراچي ۾ آهي. توهان ڏٺو ناهي ڇا؟“

”اڙي ها، جنهن کي آرام باغ چوندا آهن.“

سامهون اُتن جو قافلو وڃي رهيو هو. هڪ ٻڪري رستو پار ڪندي ڪار جي اڳيان آئي ته هن زور سان بريڪ هنئين. لوڏي اچڻ سان سيتا تقريباً عرفان جي مٿان وڃي ڪري. ”ساري“ سيتا گهٻرائجي چيو.

”قصور منهنجو هو، ٻڪريءَ جو نه. اڇا، اڇا تنهنجو ڊيڊي دهليءَ ۾ پرئڪٽس ڪندو هوندو.“ عرفان به گهٻراهٽ ۾ پنهنجي گفتگو جو سلسلو اتان ڪان ئي جوڙڻ چاهيو.

”جي نه، هو ڪيترن سالن کان بيمار آهي، تنهنڪري ڪجهه به نه ڪندو آهي. منهنجو ڀاءُ ڀلائيءَ جي اسٽيل مِل ۾ انجنيئر ٿي ويو آهي. هن ويچاري جي ڪري گذر سفر پيو ٿئي.“

”اوهه!“

”هو سامهون ڏسو، اسين حيدرآباد ويندي گهٽو ڪري هن وڻ هيٺان ڪار بيهاريندا هئاسين. هتي ئي هڪ پيرو منهنجي ٽنگ ۾ ڏاڍو ڏک لڳو هو.“

هو چپ چاپ ڪار هلائيندو رهيو.

”ڇا توهان کي اهو احساس ناهي ته هيءُ منهنجو ديس آهي، منهنجون ٻنيون، منهنجا ڳوٺ، منهنجي پيرن جون مزارون؟“ هن فڪرمنديءَ سان پڇيو.

”مون کي خبر نه هئي ته تون ايتري قدر سنٽيمينٽل آهين.“ عرفان چيو.

”جڏهن به توهان دهلي ايندو ته رستي ۾ جمنا جي پُل تان گذرندي مان ڏسنديس ته توهان سينٽيمينٽل ٿيو ٿا يا نه؟“

”مان يادن جي بيماريءَ کي ويجهو اچڻ نه ڏيندو آهيان.“

”چڱو ٿيو جو اوهان مون کي اها ڳالهه ٻڌائي ڇڏي!“

”ٻي ڳالهه ته مان دهلي به ڇو ايندس.“

”ڇو ته اُتي توهان جا ٽيڻ وارا ساهوار جو آهن.“

”لاحول ولا قوة. تو وري پيڪن – ساهورن جو وظيفو شروع ڪري ڏنو. عورتن واريون پراڻيون ڳالهيون.“

هن ڪار جي رفتار اچا وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي. هو بلڪل نادر جي ڪار کان اڳيان اڳيان پئي ويو ۽ خيال رکيائين ته هنن جي پٺيان نه رهجي وڃي، جيئن ٻئي ڄڻا پوئين موٽر ۾ ويٺلن جي نظرن جي سامهون هجن.

’ڪيتري قدر محتاط ماڻهو آهي.‘ سيتا سوچيو.

ڪجهه دير خاموشي رهي. هڪ ترڪ ڏوڙ اڏائيندي پرسان لنگهي ويئي. هاٿي اهي هڪ قديم قبرستان جي پرسان لنگهي رهيا هئا.

”سموري سنڌ قبرن جو ملڪ آهي.“ عرفان ڪجهه لمحن کان پوءِ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو.

”توهان کي خبر آهي ته هيءُ ڪيترو پراڻو ملڪ آهي؟“ هوءَ شايد سندس معلومات ۾ اضافو ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ويٺي هئي.

’سچ پچ ڏاڍي بڪ بڪ ڪندڙ ڇوڪري آهي. ڪجهه دير مات ڪري نٿي ويهي سگهي؟ پر شايد انسان پنهنجي گهٻراهٽ لڪائڻ لاءِ لاڳيتو ڳالهيون ڪندو ويندو آهي. ترڊ ڊگريءَ جو هڪ طريقو اهو به آهي.‘ عرفان سوچيو.

”نه.“ هن زور سان چيو، ”مان تاريخ ۾ هميشه ڏڏ هوندو هوس.“

”ممي ٻڌائيندي هئي ته پُراڻن ۾ لکيل آهي ته راجڪمار سبيءَ جو اولاد بلوچستان ۾ پکڙيو ۽ اجوڌيا جي رامچندر جو پاءُ پيرت، سنڌو ديس جي راج گديءَ تي ويٺو. هوءَ ڏاڍي يقين سان چوندي آهي ته مهاڀارت کان پوءِ ڪلجگ شروع ٿيو، جنهن ڪري انهيءَ کان پوءِ پُراڻن ۾ سنڌ جو ذڪر نٿو ملي.“

”اها ڳالهه آهي؟ پوءِ وڌيڪ ٻڌاءِ.“

”چرچو نه ڪريو.“

”اڙي نه نه. ٻڌاءِ نه. مان ڏاڍي دلچسپيءَ سان پيو ٻڌان.“

”يوناني هن ملڪ کي اندوسيٿيا چوندا هئا، ڇو ته لاڙ جا ماڻهو آريا نه، پر سٿين هئا.“

”اها ڳالهه آهي! مون کي انهن ٻنهي نالن جي فرق جي خبر ناهي. مان ته آهيان اڻ ڄاڻ ماڻهو، پر تون ٻڌائيندي هل. تنهنجي آواز ٻڌڻ ۾ مون کي ڏاڍو لطف ٿو اچي.“

”گڊ گاڊ!“

هاٽي اُهي حيدرآباد جي ويجهو ايندا پئي ويا. ”ويسٽ ايشيا کان آيل اهي ئي ستين لوڪ ڪاٺياواڙ ۽ راجستان تائين پکڙجي ويا، جيڪي هاٽي راجپوت سڏبا آهن.“

”اها ڳالهہ آهي!“

”پراچين زماني ۾ ميرپورخاص ۾ برهما جي هڪ وڏي سُندر مورتيءَ جو مندر هو ۽ ملتان ۾ سُوريہ جو مندر هو. سيوهڻ ۾ پراڻن آرين شِوجا مندر جوڙيا هئا.“

”تون ڪڏهن مندر ويئي آهين؟“

”ها، ننڍپڻ ۾ گهڻو ويندي هيس. ٺٽو آدم ۾ بي شمار شِوالا هئا. انهيءَ ڪري اهو سنڌ جو ڪاشي سڏبو آهي. هيم ڪوٽ ۾ مهاديو جو مندر. ماسيءَ سان گڏجي هڪ ڀيرو ويئي هيس ۽ ڪلفٽن تي جيڪو مندر هو، اُتي مان شِوراترِيءَ جي ڏينهن مميءَ سان گڏجي ويندي هيس. منهنجي ڏاڏي ڪاليءَ جي گهڻي پوڄا ڪندي هئي. اسان وٽ ڪاليءَ جي هڪ روپ کي ٿر مائي چوندا آهن، جنهن جو مطلب آهي، ٿر- ريگستان جي ديو.“ پوءِ هوءَ چُپ ٿي ويئي. ڪجهہ دير کان پوءِ هن پاڻيهي ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”ممي وڏي رام ڀڳت آهي. ڪراچي ۾ هئي تہ ڏاڍي تمنا هيس تہ تيرٿ ڪرڻ لاءِ اجوڌيا وڃي. جڏهن مون جميل سان شادي ڪئي تہ ڪيس ٻڌايم تہ جميل جو ڳوٺ تلسي پور، اجوڌيا کان فقط چار پنج ميل پري آهي. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي!“

”ڪا خاص ڳالهہ تہ ناهي. تون زندگيءَ جي هر معمولي کان معمولي واقعي کي بہ حد کان وڌيڪ ڊرئميٽڪ بنائي ٿي ڇڏين.“

”اوڪي اوڪي. توهان مون کي بلڪل مورک سمجهو ٿا. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻ آهي تہ عورت جو عقل سندس کُڙيءَ ۾ هوندو آهي ۽ سچ لهڻ کان پوءِ اُتان بہ نڪري ويندو آهي. توهان جو بہ شايد اهوئي خيال آهي! پر مان تہ ساڌ ٻيلي بہ وينديس.“

”ضرور وڃ. تون جذباتي سفر تي نڪتي آهين. هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي!“

”هيلو! ڪجهہ منهنجو ادب ڪر.“

”لائيڪ هيل. (Like hell)“

”هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ.“

”جي؟“

”توهان هندو پيرجي تاريءَ وڏڻ تي وڙهڻ لاءِ چو تيار ٿي ويندا آهيو؟ هر دوئيءَ ۾ جڏهن بہ تعزيو پپر ۾ لڳو ناهي ۽ متاقاڙ ٿي ناهي.“

”پپر ۾ مهاديوجي جو رهي ٿو.“

”اوهہ، آءِ سي!“ هو ٺهڪ ڏيئي کلي پيو. پوءِ، ڪجهہ دير کان پوءِ هن چيو: ”پپر جي بہ اسان جي زندگين ۾ عجيب و غريب اهميت هئي. امان چوندي هئي تہ پپر ۾ ڏائٽيون رهنديون آهن. پپر جي هيٺ شهيدن جون مزارون هونديون هيون. هردوئيءَ ۾ منهنجي گهر سامهون پپر جو جيڪو وڻ هو، امان اسان ٻارن کي ٻن وقتن جي ملڻ مهل، نماشام جو، انهيءَ جي هيٺيان ڪڏهن وڃڻ نہ ڏينديءَ هئي، متان چانوَ نہ ٿي پوي ۽ روز شهيد جي مراز تي چراغ روشن ڪرائيندي هئي.“ هن جو آواز جذباتي ٿي ويو هو.

”هاڻي سينٽيمينٽ: ڪير ٿي رهيو آهي؟“ سيتا چيو.

”شٽ اپ.“

پري کان حيدر آباد جا منگهہ نظر اچڻ لڳا.

”هاڻي سُون سُون ڪري روئڻ شروع نہ ڪج. وٺ رومال.“

عرفان ڪيسي ۾ هٿ وجهي رومال ڪڍيو. هوءَ کلي پيئي. سرڪٽ هائوس جي رستي ڏانهن ڪار موڙيندي هن سيتا کي چيو: ”تون مون کي سنڌ جو داستان ٻڌائي رهي هئينءَ، اُهو تہ پورو ڪر. سٿين لوڪ آيا، پوءِ ڇا ٿيو؟“

هوءَ هٿ تي هٿ رکي سنجيدگيءَ سان ويهي رهي جڻ يونيورسٽي لئبرري ۾ ويٺي هجي. ”پوءِ هتي ٻُڌمت خوب ڦهليو ۽ هتي سارسوت برهمڻ رهندا هئا ۽ راجپوت ۽ جاٽ، اروڙ شهر جا رهاڪو. مسلمان جي حملي جي وقت پنجاب پڇي ويا. منهنجي ممي لاهور جي اروڙا آهي. سنڌي، مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ پنهنجي پراڻي مذهب جي عزت ڪندا رهيا. بيشمار درگاهون ٺهي ويون. انهن سيني پيرن مان هڪ هڪ نالو هندُو هو ۽ هڪ هڪ نالو محمدن“

”سچ پچ؟“

”ها. راجا پرتري هري، لال شهباز جي نالي سان مشهور ٿيو. پير پٺو، پير سلطان سڏجي ٿو. زندهہ پير کي خواجا خضر سڏين. اڏيرو لال کي شيخ طاهر چون ۽ لالو جسراج، منگهو پير ٿي ويو.“

”منگهو پير، اڙي اهوئي ڪراچيءَ وارو منگهو پير؟“

”جي ها.“

”اهو تہ ڪمال آهي.“

”ڪڏهن توهان منهنجي ڊيڊيءَ سان ملو تہ هو توهان کي اهي سڀ قصا ٻڌائيندو. ڪيس سنڌ جي هسٽريءَ جي گهٽي ڄاڻ آهي. هاڻي بہ اڪثر ويٺو وچ نامو پڙهندو رهندو آهي.“

”اچا ٻڌاءِ.“

”بس، جيئن هندُن وٽ هر شيءِ جو ڪونہ ڪو ديوي، ديوتا ايجاد ڪيو ويندو آهي، تيئن مسلمانن وٽ بہ هر شيءِ جا جدا جدا پير بنجي ويا. راڳن جا پير، مٽيءَ جي برتنن جا پير، پينگهي جو پير. سموري سنڌ پيرن جو ديس ٿي وئي. نانگن جي منتر جنتر جا چاٽو جوڳي سڀ مسلمان هوندا هئا، پر شو جي فرقي سان تعلق ٿي رکيائون ۽ گرو گورکناٿ کي مڃيندا هئا. انهيءَ سان گڏوگڏ رمضان جو مهينو هندُون لاءِ پوتر بڻجي ويو ۽ اُهي تعزين جي اڳيان نذر و نياز چاڙهڻ لڳا. توهان وٽ بہ ائين ئي ٿيندو هوندو؟“

”ها.“

”مذهب سچ پچ اسان لاءِ اوائلي سوين سالن تائين زبردست آفيم جو ڪم ڪيو آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ گولي بارود جو.“

”هاڻي تون پنهنجي تقرير متان شروع ڪرين. مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. سرڪٽ هائوس پهچندي ئي مانيءَ جو انتظام ڪر منهنجي لاءِ.“

”توهان کي سمجهائڻ بلڪل بيڪار آهي. ري ايڪشنري!“

رات جو مانيءَ کان پوءِ نادر، سيتا کي سگريٽ دکائي ڏنو ۽ هوءَ بلقيس ۽ ٻيا ڳالهيون ڪندا ڊرائنگ روم ۾ هليا ويا. هوءَ ميز تي ويهي گلدان مان هڪ گل کڻي انهيءَ جون پنکڙيون جدا ڪندي رهي. عرفان سامهون ڪرسيءَ تي آهلجي ڪيس سگريٽ جا ڪش لڳائيندي ڏسي رهيو هو.

”مون کي خبر نہ هئي تہ تون ڪو سگريٽ بہ ڇڪيندي آهين.“

”انهي ’بہ‘ جو ڪهڙو مطلب آهي؟“

”ڪجهہ نہ. تون، تون هن وقت ضرورت کان وڌيڪ اُداس آهين. تو هتي جو باغ ڏٺو؟ ڪيڏو نہ خوبصورت آهي!“

”جي.“

”اڄ چانڊوڪي رات آهي، انهيءَ ڪري پاڻ ڪي وڏيڪ وٽي ٿو.“

”جي.“

ڊائننگ روم مان ٿهڪن جا آواز اچي رهيا هئا.

عرفان کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڪيس ڪهڙي طرح خوش ڪري. نفسيات جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن انسان جا مونجهارا متائڻا هجن ته ساڻس ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪريو.

”مون کي ڪجهه پنهنجي ننڍپڻ بابت ٻڌاءِ.“ هن وڏي ماهرِ فن وانگر پڇيو.

”توهان ته ائين پيا پڇو ڄڻ يُنگ جو روح توهان ۾ داخل ٿي ويو آهي.“

”ها ها ها.“ هو وري پنهنجي ڪوڪلي کِل کلڻ لڳو.

”پوءِ توهان پنهنجي ننڍپڻ بابت ٻڌائيندؤ. معاف ڪجو، اِها به تمام پراڻي ٽيڪنڪ ۽ گسيل سچوئيشن آهي.“

”لاحول ولا قوة. تون ته ڪا به ڳالهه ئي ڪرڻ نٿي ڏين. توکي بيريسٽر هئڻ گهربو هو.“

جميل به ڪيس پنهنجي ننڍپڻ بابت ٻڌايو هو. هن ڏاڍي جذباتي آواز ۾ چيو هو: ”اسان جو گهر گهاگهرا ڪان ٿورو پرڀرو آهي. منهنجي ماءُ ماني ڏاڍي لذيذ پچائيندي آهي. منهنجي ننڍي ڀيڻ جو نالو قيصر آهي — وڏي ڏائڻ آهي. هاڻي ته هوءَ وڏي ڀاءُ سان گڏ پاڪستان هلي ويئي آهي. مان ڪيس ڏاڍو ماريندو هوس. هڪ ڀيري ڪيس وٺي وڃي مٽي ڪمري ۾ بند ڪري هيٺيان ڪڙو ڏئي ڇڏيم. پوءِ منهنجي به چڱي دُرگت ٿي. منهنجون به ماسيون آهن. ادي فرخنده، ننڍي ماسي جي ڌيءُ آهي. ادي فرخنده وڏي ديش ڀڳت ۽ وڏي گريٽ عورت آهي — بلڪل ديوي آهي هڪدم. تون ساڻس دهليءَ ۾ ڪڏهن ملڻ نه ويئي آهين؟ مان چاهيان ٿو ته تون به هن جهڙي بڻجي پئُ. سندس ننڍي ڀيڻ جو نالو بلقيس آهي. مان ۽ بلقيس تُلسي پور ۾ وڏي بابا جي باغيچي ۾ وڃي خوب زيتون چوري ڪندا هئاسين ۽ جڏهن نياڳي قيصر وڃي چغلي هندي هئي ته...“

فضول، فضول وقت گذري پيو.

پر اوڏيءَ مهل هن محسوس ڪيو ته سندس تلخ لهجي عرفان کي رنج پهچايو هو. هن سچ پچ عرفان جي خلوص جو جواب بدتميزيءَ سان ڏنو هو ۽ هن ڪيس ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو. هن ته جميل کي به ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو. پوءِ هي ڇا ٿيو!؟

”مان، مان هن حيدرآباد ۾ پيدا ٿي هيس.“ هن ٿورو ڏوهہ جو احساس هيٺ چوڻ شروع ڪيو ۽ اکين جا چپر ڪٽي ڪيس ڏنائين تہ هو ٻڌي بہ ٿو يا نہ.

اسان چار پائر پينر هئاسين، اسان چار ...“ پوءِ سندس آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

”دراصل،“ عرفان ڪيس چيو، ”مان ورهاڱي کان اڳ ڪڏهن بہ سنڌ نہ آيو هئس. تنهنڪري ڪوٺي ٽوڪان سوال مٿان سوال پيو پڇان. مون کي ڪا خبر ناهي تہ اڻ ورهايل هندستان ۾ لاهور ۽ پشاور ڪراچي ۽ حيدرآباد سنڌ ڪهڙا شهر هئا ۽ اتان جا رهواسي ...“

”انهن شهرن مان هڪ جي رهواسڻ تہ مان پاڻ ئي توهان جي سامهون موجود آهيان.“

’رهواسڻ‘ تي هو بي اختيار کلي پيو ۽ ڏاڍي پيار سان سيتا کي ڏسڻ لڳو. والله، تون بہ خوب شيءِ آهين.“

پوءِ هن چيو: ”دراصل سيتا تون مون کي بيحد غيرجذباتي سمجهين ٿي. پر جلاوطن جو مسئلو مون کي بہ ڏاڍو پريشان ڪندو آهي. مغربي برلن ۾، هانگ ڪانگ ۾، هر هنڌ مون پناهگيرن کي ڏٺو آهي. آمريڪي شهرن ۾ مشرقي يورپ مان ڀڄل ماڻهن سان مليو آهيان. جاردان ۾ فلسطيني مهاجرن جي حالت ڏٺي اٿم. ۽ مان جيڪو ڳالهہ ٻولهہ ۾ توسان اٽڪيو بيٺو آهيان ۽ تنهنجي هر ڳالهہ چرچي ۾ ٽارڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ اسان هڪ اهڙي دؤر ۾ زنده آهيون، جنهن ۾ چاليهہ ڪروڙ ماڻهن جي نفسيات هڪدم بدلجي ويئي آهي. سندن خيال، نظريا، جذبا، ردعمل. منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ هاڻي ڪو قدر مشترڪ بچيو ناهي. مون کي خبر ناهي تہ تون ڇا ٿي سوچين، ڇا ٿي پڙهين، ڇا ٿي ڪرين؟ جڏهن بلقيس پنهنجي ٿيئٽريڪل مصروفيتن جو ذڪر ڪندي آهي، تڏهن ائين لڳندو اٿم، ڄڻ ٻيءَ دنيا جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هجان. چڏينس، اسان وري پاليٽڪس شروع ڪري ڏني، جنهن کان مون کي نفرت آهي.“

”توهان منهنجي نندپڻ بابت پئي پڇيو؟“

”ها ها.“

”اسان چار پائر پينر هئاسين.“ هن فرمانبرداريءَ سان وري ٻارن وانگر ڄڻ سبق ٻڌائڻ شروع ڪيو. ”پهرين اسان هتي حيدرآباد ۾ رهندا هئاسين. هيرآباد ۾ اسان جو گهر هو. جيڪو اسان جي ڏاڏي ٺهرايو هو. پوءِ ديدي ڪراچيءَ ۾ پرئڪٽس شروع ڪئي ۽ اتي گهر بہ ٺهرايائين. مان گرئمر اسڪول ۾

انهيءَ کان پوءِ سينٽ جوزفز ڪاليج ۾ پڙهندي رهيس. اسان جو تمام وڏو خاندان هو. چاچا، ماما ۽ ماسيون. انهن مان ڪي عامل ڪالوني ۾ رهندا هئا ۽ ڪي لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾. منهنجو پاءُ فقط هڪ آهي ۽ بہ پيٽون اٿم. اهي ٿيئي پارٽيشن جي وقت گهڻو ننڍا هئا.“ پوءِ سندس آواز اُداس ٿيندو ويو. ”اُنهيءَ سال اسان جهاز ۾ ڪاٺياواڙ جي هڪ پورٽ تي وڃي لٿاسين. آگسٽ کان پوءِ وارن ٽن مهينن ۾ لکين شرنارٿي هوائي جهاز، ريل ۽ سمنڊ رستي هتان ويا هئا.“

”انهيءَ زماني ۾ ترين هلندي هئي؟“

”جي ها. اسپيشل ريفوجي ترين هلائي هئائون جيڪا ميرپورخاص کان مارواڙ جنڪشن تائين ويندي هئي. اُتي ٽرانزٽ ڪيمپون قائم ڪيون ويون هيون، جيڪي ماڻهو هتان ويا، اُهي گهڻو ڪري شهري واپاري هئا. ڪليل زمين تي رهڻ، انهن جي لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. اهي سيئي بمبئي پريزيڊنسي، مڌيو پرديش ۽ راجستان جي رفيوجي ڪيمپن ۾ موڪليا ويا. منهنجا مائٽ احمد آباد، جوڌپور، ونڌيا پرديش ۽ الائجي ڪٿي جو ڪٿي پکڙجي ويا. گهڻا سنڌي شرنارٿي ڀوپال موڪليا ويا.“

”توهان ڪٿي وڃي رهيا؟“

”اسين پهرين گانڌي ڌام ۾ رهياسين، پوءِ الهاس نگر ۾. اهي سنڌين لاءِ نيون سيٽلمنٽ وسايون ويون هيون. گانڌي ڌام ۾ ڊيڊي تمام سخت بيمار ٿي پيو. سڀني سنڌي شرنارٿين وانگر ڪيس ٻن سالن تائين مالي امداد ڏيندا رهيا. اها امداد 1950ع جي شروع ۾ بند ٿي ويئي. ڪن ڪيمپن ۾ بيمارن ۽ پوڙهن کي رکيو ويو هو. ڊيڊيءَ کان پوءِ اسان سڀيئي دهلي آياسين. انهيءَ وقت تائين سڀ شرنارٿي ڪاروبار جي ڳولا ۾ سموري هندستان ۾ پکڙجي چڪا هئا.“ هن هڪ ڊگهو ساهہ کنيو.

ڊرائنگ روم ۾ هاڻي رمي شروع ٿي ويئي. عرفان سگريٽ ڊکايو پر ڪيس پيش نہ ڪيائين.

”هاڻي اسان اُهي ماڻهو آهيون، جن جو ڪو پنهنجو ديس ناهي. پنجابين کي گهٽ ۾ گهٽ مشرقي پنجاب تہ مليو.“

”تنهنجو ڊيڊي هاڻي ڪجهہ بہ نہ ڪندو آهي؟“

”نہ، مون ٻڌايو نہ، تہ هو مستقل بيمار گذاري ٿو. اسان عامل گهڻو ڪري ڊاڪٽر، وڪيل، پروفيسر — اهڙا ماڻهو هئاسين. توهان وٽ ڪائسٽ آهن نہ يو — پيءَ ۾، اهڙي طرح اها بہ هڪ ڪاسٽ هئي.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪومت ۾ اهي ئي ماڻهو سموري ائڊمنسٽريشن هلائيندا هئا. انهيءَ ڪري عامل چوائڻ ۾ آيا."

"توهان ڪير آهيو، برهمڻ؟"

"نه. عامل ڪتري ٿيندا آهن. پر هن لڏ پلاڻ جي ڪري سڀ طبقا هيٺ مٿي ٿي ويا. عاملن ۽ برهمڻ ڪي بہ اُتي فٽ پاٿ تي دڪان کولڻا پيا. پراڻيون ريتون رسمون، پير فقير، درگاهون، مندر، سڀ هتي رهجي ويا. هتي جو اصل مذهب صوفي ازم هو. انهيءَ صوفي ازم جي اثر ڪري اسان ڪٽر قسم جا مذهب پرست ڪڏهن بہ نہ رهيا آهيون."

چند منٽن تائين هوءَ ميز جي چادر تي ڪانٽي سان ليڪون ڪڍندي رهي.

"تون سنڌي پڙهي سگهندي آهين؟"

"ها بلڪل. توهان ڇا ٿا سمجهو تہ مان ايڏي ميم صاحب آهيان جو پنهنجي ٻولي بہ نٿي ڄاڻان؟ توهان تہ هتي سنڌي ضرور سکي ورتي هوندي؟"

"نہ." عرفان ڪجهہ هٻڪي جواب ڏنو. وري پڇيائين: "تنهنجو ڊاڪٽريٽ ۾ ڪهڙو مضمون هو؟"

"اهوئي 'سنہ 1947ع کان پوءِ هندستان جو سماجي انقلاب' توهان وٽ بہ انهيءَ سبجيڪٽ تي ڏاڍو ڪم ٿيو هوندو. مون ڪي ڪجهہ ڪتابن جا نالا ٻڌائجو. منهنجو موضوع 'پنجاب جا شرنارٿي' هو."

"هاڻي سادا ٻارهن وڄن ٿا، وڃي سمهہ."

"بهتر." هوءَ ساڳي فرمانبرداريءَ سان اٿي ۽ کيس 'گڊنائيٽ' چئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي.

صبح جو هوءَ نيرن ڪانپوءِ ورانڊي ۾ ويٺي هئي تہ ايتري ۾ سرڪٽ هائوس جو مالهي گُل ڪٽي آيو. عرفان سندس پرسان ويٺو هو. "بيگم صاحب لاءِ گل ڪٽي آيو آهيان سائين!" مالهيءَ چيو.

"چڱو، بيگم صاحب کي ڏينس." عرفان مشڪي جواب ڏنو. هوءَ تيزيءَ سان اندر هلي وئي.

موٽرن ۾ سوار ٿيڻ وقت عرفان کيس چيو: "ڪالهہ تو منهنجو ڏاڍو دماغ ڪاڏو آهي. اڄ مان ٿورو آرام ڪرڻ ٿو چاهيان. انهيءَ ڪري تون نادر سان گڏجي وڃ".

جنهن وقت اهي سڀ خيرپور مان گذريا پئي تہ سيتا هڪدم چيو: "مان پير الله بخش جماليءَ سان ملڻ چاهيان ٿي."

سيني کيس سوالي نگاهن سان ڏٺو.

هن بيگ مان نوٽ بوڪ ڪڍي ڏس پتو ٻڌايو. ”ڊيڊيءَ جو دوست هو. ڊيڊي چيو هو ته ٻئي ڪنهن سان نه ته گهٽ ۾ گهٽ هن سان ضرور ملج.“

گهڻي دير تائين اهي پير الله بخش جماليءَ جو بنگلو ڳوليندا رهيا.

”هلو، سرڪٽ هائوس هلي، اتان پڇا ڪرايون.“ بلقيس رٿ ڏني. اسٽيٽ گيسٽ هائوس ويندي پير صاحب جو بنگلو نظر اچي ويو.

شام جي چانهه کان پوءِ هڪدم اونداهي ڇانئجي ويئي.

”مون کي وسري ويو هو ته سياري ۾ سج جلدي لهي ويندو آهي.“ نادر چيو. ”هلو، هاڻي توهان کي توهان جي پير صاحب وٽ ڇڏيون. ادا عرفان، توهان پاڃائيءَ کي وٺي وڃو. اسان جي هن سموري ڇڄ جي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”هاڻي تون وري منهنجي مٿان سوار ٿي وئينءَ.“ عرفان ڪار جو دروازو کوليندي ڪيس آهستي چيو. ”منهنجو خيال هو ته  هاڻي جند ڇٽي.“

پير صاحب جي بنگلي تي پهچي هن سيتا کي چيو. ”تون اندران ٿي اچ، مان ڪلاڪ کن کان پوءِ اچي توکي وٺي ويندس.“

”واهه! توهان ڇو نه هلندؤ؟“

”مون کي سنڌين سان ملندي ذرا گهبراهٽ ٿيندي آهي.“ عرفان شڪي تي شرمندگيءَ سان چيو.

”اها ڳالهه آهي!“

”تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ، هو هوندو پراڻي قسم جو ’اصلي تي وڏو‘ وڏيرو. نه مان سندس ڳالهه سمجهي سگهندس ۽ نه وري هو منهنجي سمجهندو. ۽ اها ته ڏاڍي زيادتي ٿيندي جو ٻاهران اچي توکي هن جي جذبن جي ترجماني ڪرڻي پوي.“

سيتا ڪار ۾ ويٺي ويٺي باغ جي گهاٽن وڻن کي ڏسندي رهي. ”مان ننڍپڻ ۾ ڊيڊيءَ سان گڏ هتي ايندي هيس. ڊيڊي پير صاحب جو فيملي ڊاڪٽر هو. اسان جو ڏاڏو حيدرآباد جو مشهور وڪيل هو. حُربخش ميرچنداڻي جو نالو توهان اڃا به ٻڌندا هوندؤ.“

هن اهو نالو نه ٻڌو هو تنهنڪري سگريٽ دکائي خاموش رهيو.

”منهنجو ڏاڏو، پير صاحب جو قانوني مشير هو. ٻين وڏيرن وانگر پير صاحب بہ مستقل مقدما وڙهندو هو.“

عرفان هارن وچايو پر چؤطرف سناٽو ڇانيل هو.

سيتا وري ڳالھ شروع ڪئي: ”توهان کي خبر آهي ...“

”نہ، خبر نہ اٿم!“ عرفان مشڪي سندس ڳالھ ڪٽي.

”توهان کي خبر آهي تہ انگريزن جي زماني ۾ هندُن ڏاڍي ترقي ڪئي ۽ هندُو واپارين وٽ مسلمان تقريباً گروي هئا. سنڌي مسلمانن جو ڪو مڊل ڪلاس ڪونہ هو ۽ اهي وڏيرا اهڙيءَ طرح پنهنجي فيوڊلزم ۾ قلعا ٻڌي ويهي رهيا ۽ شايد اجا تائين اهڙي طرح ويٺا آهن.“

”سموري هندستان جي هندو مسلمانن جي اهائي هڪ ڪهاڻي هئي. شايد انهيءَ سبب ڪري پاڪستان ٺهيو.“ عرفان وراڻيو.

”ننڍپڻ ۾ مان پير صاحب جي زالن جا زيور ۽ لباس ڏسي حيران ٿي ويندي هيس تہ اهي ڪيتري قدر بئڪ ورڊ ۽ ڪيڏا دولت مند آهن، جنهن جو توهان اندازو نٿا لڳائي سگهو.“

هڪ مُڇن وارو سنڌي ملازم، وڏي گهير واري ڪاري شلوار ۾ اندران نڪتو. هن هٿ ٻڌي ٻنهي کي سلام ڪيو ۽ ڊرائنگ روم ۾ وٺي ويو. سيتا جلدي اندر زنانخاني ۾ هلي ويئي. عرفان هڪ صوفي تي ويهي رهيو. ڪمرو قيمتي فرنيچر سان سينگاريو پيو هو. فرش تي اعليٰ ترين غاليچا وڇايل هئا. نرم ريشمي پردن تي سونهري ڏوريون ٻڌل هيون. ڪجھ دير کان پوءِ ڀنڀي ڏاڙهي ۽ وڏين اکين وارو پير الله بخش جمالي اندران ٻاهر آيو ۽ جهُڪي ٻنهي هٿن سان عرفان سان ڪيڪار ڪري خاموشيءَ سان صوفي تي ويٺو. ايتري ۾ چانديءَ جي ٽي — سيٽ ۾ چانھ آئي ۽ هُن هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين کان پوءِ ملڪي سياست تي اجائي سجائي گفتگو شروع ڪري ڏني. اهو سر فيروز خان نون جي وزارت جو زمانو هو ۽ ملڪ ۾ افراتفري متل هئي.

پوءِ هو اُٿي اندر ويو ۽ سيتا کي پاڻ سان گڏ وٺي واپس آيو ۽ وڏي ريشمي رومال سان لڙڪ اگهي، سيتا جي مٿي تي هٿ گهمايائين. جڏهن سيتا پير صاحب سان سنڌيءَ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون تہ ان وقت عرفان کي شدت سان محسوس ٿيو تہ هو ان جاءِ تي ڪيترو نہ اجنبي هو.

مچن واري ملازم هڪ وڏي اٽيچي ڪيس ڪار ۾ رکي. ڪار اسٽارٽ ٿيڻ کان پوءِ عرفان چرچي ۾ پڇيو: ”ڏاڏا وڏا تحفا هٿ ڪيا اٿيئي!“

”مون ڏنو به ناهي، هن ڊيڊي، ممي ۽ منهنجي لاءِ جدا جدا الائجي ڪهڙيون شيون ڏنيون آهن. ڏاڍو قيمتي سامان هوندو! اهي ماڻهو ڏاڍا جذباتي ۽ بي حد مهربان آهن.“

”تون جذبن جو ايترو قدر ڪرين ٿي ۽ مٿان وري پاڻ کي منطقي پڙرو ٿي ڪرين فراڊ!“

ٻئي ڏينهن سندن قافلو خيرپور شهر مان لنگهي رهيو هو. رستي جي ٻنهي طرفن کان پراڻين سرن جون اداس عمارتون هيون، جن جي محرابن جي هيٺيان پوڙها باوقار سنڌي بيٺا هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. انهن سيني هٿ جوڙيا ٿي ۽ جهڪي آواز ۾ ۽ جهيڻي موسيقي ريز لهجي ۾ گفتگو ٿي ڪيائون. ڏاڍي عجيب، اُداس نرم ۽ ڏيمي تهذيب هئي، جيڪا عرفان انهيءَ ملڪ ۾ نون سال رهڻ جي باوجود اجا تائين ڏٺي نه هئي.

”ڪمال آهي!“ عدالت جي اڳيان گيٽر مٿائيندي هن سيتا کي چيو.

”واقعي عجب جهڙي ڳالهه آهي جو مان هن ملڪ جو رهواسي آهيان ۽ تون غير ملڪي آهين.“

”پر مون کي هاڻي اها صورت حال ڏسڻ جي عادت پئجي چُڪي آهي. گذريل پيري جڏهن مان نيويارڪ کان جميل سان گڏ هندستان آئي هيس ته وچين ماسي پنهجي پاڻيجيءَ سان ملڻ لاءِ ڪراچي کان فيض آباد آئي هئي ۽ هن مون کي سموري لکنؤ جو سير ڪرايو هو ۽ تلسي پور ۽ چاندپور جي پراڻين ريتين ۽ رسمن کان روشناس ڪرايو هئائين، پر فيض آباد کان لکنؤ پهچندي ئي هڪ غير ملڪيءَ جي حيثيت سان ڪيس پوليس اسٽيشن ۾ پنهنجي اچڻ ۽ انهيءَ کان پوءِ روانگيءَ جو اطلاع درج ڪرائڻو پيو هو.“

سنڌ جي شهرن ۾ هر طرف اداسي ۽ بي رنگي ۽ ريتي ۽ ڌوڙ هئي. انگريزي عهد جون يادگار ضلعن جون عمارتون، سول لائينز جي مٽياڻن رستن جي پاسن کان خاموش بيٺيون هيون. انگريز سموري نندي ڪنڌ ۾، پشاور کان وٺي مدراس تائين ۽ بهار کان وٺي سنڌ تائين، ضلعن جي طرز تعمير ۽ ماحول ۽ مسئلن جو هڪ جهڙو پيٽرن ٺاهي روانا ٿي چُڪا هئا. اُهي ئي ڪچهريون،اُهي ئي باغ، اُهي ئي ڊاڪ بنگلا، اُهي ئي ريلوي اسٽيشن جا ڪول تار سان ليپيل ويٽنگ روم ۽ انهن جو هڪ جهڙو واهيات فرنيچر.

سکر جو اهو سرڪٽ هائوس، جنهن ۾ اهي سپ هاٿي اڃي ترسيا هئا، بلند شهر يا بلاسپور يا گيا، ڪنهن بہ جاءِ تي ڪٽي رکي سگهيو ويو تي. اُهو ئي بئرو هو، جنهن سامهون اچي وڏي صاحب کي سلام ڪرڻ ڪانپوءِ پڇيو تي تہ ماني کهڙي مهل کائيندؤ. سندس نالو گُربچن هجي يا رسول بخش، مالهيءَ جو نالو چراغ دين هجي يا رام رکيو. پر دنيا بدلجي چڪي هئي، انسان بدلجي ويا هئا. ڇا سچ پچ انسان بدلجي ويا هئا؟ انهيءَ سوال جو جواب ديانت سان ڏيڻ لاءِ ڪير بہ تيار نہ هو.

”مان ساڌ ٻيلي ويندس. مان اُهي هميشہ هر سال ميلي ۾ ويندي هيس ۽ خوب ميوزڪ ڪمپيٽيشنس ٽيڻديون هيون.“ سيتا ورجايو.

شام جي وقت لانچ ۾ ويهي، اُهي درياء پار ڪرڻ لڳا. پريان ساڌ ٻيلي جي ٻيٽاري، وڏي جهاز وانگر لهرن جي وچ ۾ بيٺي هئي. ڪناري تي پهچي، اُهي ڏاڪڻ چڙهيا. ڪناري تي ڪافي وڏو پويلين هو، جنهن جي ديوارن تي، ڪبير جون ٻاٽيون اُڪريل هيون. مٿاهين تي عمارتون سُنسان هيون — بيشمار ننڍا وڏا مندر ۽ شوالا، چوڪرن جي هاسٽل، ڪلب هائوس. سيتا، عرفان سان گڏجي چؤطرف گهُمندي ڦِرندي رهي. پارٽيءَ جا ٻيا همراهہ ٿڪجي هيٺ هڪ بينچ تي ويهي رهيا هئا.

”مون کي ياڄائيءَ تي ڏاڍو ترس ٿو اچي.“ سيتا کي اُتاهين تي هڪ اونداهي مندر جي ڏاڪڻ چڙهندي ڏسي نادر چيو.

مندرن جي ديوارن تي عجيب عجيب خوفناڪ ۽ ڪلٽهاب شڪل وارين مورتين هيٺيان پينسل سان طرح طرح جا جملا لکيل هئا:

’ديوي ماتا! مان هندستان وڃي رهيو اهيان، مون تي پنهنجي ديا ڪج.‘ - هري ڪيولراماڻي. 12 نومبر 1947ع.

’ڀڳوان! مان اڄ تنهنجو در ڇڏي انڊيا پڄيو ٿو وڃان. مون کي معاف ڪج. - منگهالال گوورڌن داس. 25- سيپٽمبر 1947ع.

ماتا! مان توکي ڇڏي وڃي رهيو آهيان. هاڻي ڪڏهن پرساد چاڙهي نہ سگهندس. منهنجي اولاد تي ديا ڪندي رهج.

-رام سچديو خوبچند. 19 ڊسمبر 1947ع.

سيتا ۽ عرفان، ڳولي ڳولي انهن دردناڪ جملن کي پڙهندا رهيا، ايتري قدر جو سج مهراڻ جي لهرن ۾ ٻڏي ويو.

ٻي اُتاهينءَ تي ٻڙ جي هيٺيان هڪ اونداهو مندر هو. اندر گهُپ اونداهيءَ ۾ ريشمي ڪپڙن ۾ راڌا جي آدم قد مورتي اونڌي منهن پيئي هئي. عرفان کي ڏاڍي وحشت ٿي. ”هاڻي ٻاهر اچ.“ هن جلدي چيو.

هيٺ لهي ڪلب هائوس جي مرمرين ڏاڪڻ تي ويهندي سيتا بي اختيار ڪانئس پڇيو: ”هيءَ جاءِ ڀوتن جو شهر ناهي؟ منهنجي ڏاڏي مون کي اڪثر رات جو چوندي هئي، تہ اڄ مون تنهنجي لاءِ ڏاڍو سٺو سپنو ڏٺو. رات ڪنهن گوسائين مهراج جي نيڪ آتما گهر جي مٿان لنگهي هوندي. يا مون اڄ تمام خراب سپنو ڏٺو. ڪنهن موچيءَ جو بدروح مٿان لنگهيو هوندو. سندس چوڻ هو تہ ڪي بدروح ٻارن جي شڪل ۾ نڪرندا آهن، جن جي هٿن ۾ چار چار آڱريون هونديون آهن ۽ بدروح هوا ۾ ڏياٽين وانگر بہ اُڏامندا آهن. هيڏانهن ڏسو، ڪيتي هوا ۾ ڏياٽيون ٻري رهيون آهن؟ ساڍيلو منهنجي سڄيءَ قوم جو قبرستان آهي.“

هوءَ اُٿي ٻيءَ ڏاڪڻ تي وڃي ويٺي. ”ڪيڏي اونداهي آهي! هن اونداهيءَ ۾ منهنجون سڀ آرزوئون، سڀ آدرش، سڀ پڇتاوا اگيات بيتال (جن ڀوت) وانگر جڳمڳائين ٿا. هاڻي مون اکيون بند ڪيون تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ پيرو جي سواريءَ جو ڪتو، ڪاٺ جي وهٽ تي سوار ٿي، قبرستانن ڏانهن ويندڙ ڏاٽين، هزارين ورهين جي مري کپي ويل روحن، سيني گڏجي مون کي چئني طرفن کان گهيرو ڪيو آهي ۽ مان تمام جلدي مري ويندس.“ هن وسامجي عرفان جو هٿ جهلي ورتو.

”اسان وٽ هڪ وڏي پوائتي رسم هئي.“ هن ڪجهہ کن رکي وري چوڻ شروع ڪيو، ”جيڪڏهن جيڪو ماڻهو ڪنوارو مري وڃي تہ ڪيس ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ويڙهي شمشان ڀوميءَ ڏانهن کڻي ويندا هئا ۽ زور زور سان دهل وڄايو ويندو هو، ڄڻ هن موت سان لائون لڌيون هجن.“

”هيءُ سامهون سنڌو پيو وهي. اسان جي ماڻهن جو عقيدو هو تہ انهيءَ جي اولهہ ۾، جتي چنڊ لهي ٿو، اُتي موت جو ديس آهي ۽ هر سنڌي جيڪو مري ٿو، اُنهي گئو ماتا وسيلي، جيڪا هن زندگيءَ ۾ برهمڻ کي دان ڪئي هوندي، انهيءَ جي پڇ ۾ چنبڙي، هن درياء مان پار لنگهي ويندو. ڀدي جي پورڻماسيءَ جو سندس آتما انهيءَ ڪشتيءَ ۾ سوار ٿي واپس ايندي، جيڪا سندس گهر وارا پورڻماسيءَ کان ٻہ ڏينهن اڳ سنڌو درياء ۾ ڇڏي ايندا هئا.

”چيت مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو هو. دراصل سڀ کان وڏو خدا، اهو درياءَ ئي هو. جو ته ريگستان ۾ وهندو هو. جهڙي طرح پراچين مصري، نيل کي ديوتا مڃيندا هئا. انهيءَ سکر ۾، مڇيءَ جي پُٺيءَ تي سوار دريا — ديوتا جو مندر هو. جنهن کي مسلمان درياءَ پير ۽ خواجا خضر چوندا هئا. ڏکڻ پنجاب جا هندو انهيءَ کي ’درياءَ صاحب‘ چوندا هئا. ذرا سوچيو: ڪيڏا فيسينيٽنگ عقيدا هئا! نانگ ديوتا لاءِ اهو چوڻ ۾ ايندو هو ته اُهو نٿي کان اڳتي سنڌوءَ جي ڪناري تي رهي ٿو.“

انهيءَ رات هوءَ سکر بيراج تي بيهي ڳچ دير تائين سنڌوءَ جي ڪهاڻي ٻڌائيندي رهي ۽ پوءِ هڪدم اوچتو خاموش ٿي ويئي. ان وقت عرفان ڏٺو ته هوءَ انهي عظيم الشان باجبروت بند جي ديوار تي جهُڪي بيحد اڪيلي، بيحد ڪمزور ۽ بيحد اجنبي لڳي رهي هئي.مهراڻ جي سمنڊ جهڙين ڇولين ۾ گهيريل، ميلن ۾ ڊگهي پُل جي روشنيءَ جي جهرمر ۽ صدين تائين ڦهليل صحرا جي وسعت ۾ وڃايل ويچاري ڇوڪري!

هيٺ سنڌو چاندوڪي ۾ لهرون هڻي رهيو هو. ٻنهي ڪنارن تي روهڙيءَ ۽ سکر جون روشنيون جڳمڳائجي رهيون هيون. پل تان موٽرن، ٽانگن، بسن ۽ سائيڪل سوارن جو وهڪرو لنگهي رهيو هو. نومبر 1957ع جي سنڌ جي اها دنيا، تمام مختلف هئي- ايتري قدر مختلف، جو انهيءَ ۾ قرول باغ دهليءَ کان آيل سيتا ميرچندائيءَ لاءِ ڪا پنهنجائپ نٿي ٿي سگهي.

”توهان ڄام تماچي ۽ نوريءَ جي ڪهاڻي ٻڌي آهي؟“ هن هڪدم عرفان کان پڇيو.

”نه.“

”شاهه سائين چيو آهي ...“

شاهه سائين ڪهڙو؟“

سيتا حيرت مان ڏانهس ڏٺو. ”توهان کي خبر ناهي؟ شاهه عبداللطيف جي خبر نه اٿو؟“ هن آهستگيءَ سان پڇيو.

”ٻڌاءِ ٻڌاءِ.“

”نه. رهڻ ڏينس.“ هن جهَڪي آواز ۾ جواب ڏنو. ”هلو ته واپس هلون. سيءُ پيو پوي. نادر، اڳيان ڪهڙو اسٽاپ ايندو سياڻي؟“

سنڌ مان روانو ٿي نڪرندي نادر ڪيس چيو: ”پاڃائي، توهان جي سنڌ جو به خوب سير ڪيوسين. ادا ع رفان ته توهان جي پيرالله بخش جماليءَ جي زيارت به ڪري آيو.“

”سنڌ نه منهنجي، نه پير الله بخش جماليءَ جي. سنڌ جا اصلي والي وارث اُهي هاري آهن جن جي باري ۾ سوچڻ جي توهان اڄ تائين ضرورت ئي نه سمجهي هوندي.“ سيتا وراڻيو.

”انقلاب زنده باد!“ نادر خوشيءَ مان نعرو هنيو. عرفان خوش ٿيو جو هوءَ پنهنجي جذباتي موڊ تي قابو پائي ٻيهر نارمل ٿي رهي هئي، يعني سياسي بحث ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چُڪي هئي.

بهاولپور ۾ پنج ند جي ٻيلن جي ڊگهن مٿي هاٿن وٽن ۽ پنج دريائن جي سنگم تي وسندڙ چانڊوڪي ڏاڍي خوشگوار هئي. اُتان اڳيرو هليا ته چانڊوڪي اجا وڌيڪ تيز ٿي ويئي. روشنيءَ ۾ چمڪندڙ سڌي رستي تي ڪار آڻي، عرفان، سيتا کي چيو. ”صحرا جي ٿڌي، عجيب چانڊوڪي رات – هاڻي مان چا تو ڪري سگهان، جيڪڏهن مون کي اختر شيرانيءَ جا شعر دل تي تري اچن. جيڪي اسان اسڪول جي اڙدو ڪتابن ۾ پڙهندا هئاسين – ’صبح بنارس‘، ’شامِ اوڌ‘ ۽ ’شبِ مالوه‘. صبح بنارس ۽ شامِ اوڌ ته سمجهه ۾ ايندا هئا پر اهو سمجهه ۾ نٿي آيو ته ريگستان جي رات ۾ سواءِ ڊوڙ جي ٻيو چا رکيو هوندو. اها هاڻي هتي اچي خبر پيئي. تو بنارس جي صبح ۽ اوڌ جي شام ڏٺي آهي؟“

”جي ها.“

چانڊوڪيءَ ۾ سندس هٿ جو ڪنگڻ تيزيءَ سان چمڪيو. هو ڪجهه دير مات ڪري ڪنگڻ ڪرائيءَ ۾ گهمائيندي رهي.

”ڏاڍو خوبصورت ڪنگڻ آهي... اطالوي آهي نه؟“ عرفان پڇيو.

”جي ها.“

”نيپلز ۾ خريد ڪيو هوءِ؟“

”جي نه، ڪئناڊا ۾.“

”ڪئناڊا! دنيا ۾ ٻيا به هزارين ملڪ آهن ... اهو توکي ڪئناڊا وڃڻ جو ڪيئن سُجهيو؟“ عرفان مشڪي ڪانئس پڇيو.

”منهنجو مامو اُتي تجارت ڪندو هو. پارٽيشن کان پوءِ، هن ڊيڊيءَ کي لکيو ته توهان جي مالي حالت هاڻي اهڙي ناهي جو سيتا کي اعليٰ تعليم ڏياري سگهو. ڪيس مون ڏانهن اُماڻي ڇڏيو.“

”تہ تون ڏاڍي خوش ٿي هوندينءَ؟“

”ظاهر آهي، هڪ ايڪويهن سالن جي بي انتها حساس ڇوڪري. جيڪا شرنارٿي ڪيمپن ۾ رهڻ کان پوءِ قرول باغ جي هڪ ننڍي گهر ۾ رهندي هجي ۽ بس ۾ ويهي، پري رامجس ڪاليج پڙهڻ ويندي هجي، ڪيس اوچتو ٻڌايو وڃي تہ ڪيس ڪئناڊا يا آمريڪا موڪليو ٿو وڃي ... منهنجي لاءِ تہ اها بلڪل پرين جي ڪهاڻين جهڙي ڳالھ هئي. مامي کي ڪو اولاد نہ هو. هو ۽ مامي ويهن پنجويهن ورهين کان آمريڪا ۾ رهيا پئي، سندن ڪاروبار چڱو وڏندڙ هو ۽ سال ۾ ڇهہ مهينا نيويارڪ ۾ رهندا هئا. انهن هوائي جهاز جي ٽڪيٽ وٺي موڪلي ڏني ۽ ڪولمبيا ۾ منهنجي داخلا ڪرائي ڇڏيائون.“

”اُتي وڃي تون سُرخن جي سنگت ۾ ڦاسي وئينءَ.“

هوءَ کلي. ”سرخن جي سنگ ۾ تہ مان دهليءَ ۾ ئي اچي وئي هيس. منهنجو هڪ ڪزن، جيڪو لاهور کان شرنارٿي ٿي آيو هو، اڙدوءَ جو ڪهاڻيڪار هو. شيام نارايڻ اروڙا. توهان هن جون ڪهاڻيون ضرور پڙهيون هونديون. هو تمام ريڊ (Red) هو. سندن گهر ۾ هر هفتي ادبي ميٽنگ ٿيندي هئي ۽ ڪهاڻين تي ڪهاڻيون پڙهيون ويندون هيون.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا...“

”نيويارڪ ۾ ڇا ٿيو؟“

هوءَ چُپ ٿي وئي.؟

هن ڪانئس جيڪا ڳالھ پڇڻ ٿي چاهي، اها پڇڻ جي ڪيس همت نہ ٿي.

”اوهان، اوهان شايد جميل جي باري ۾ پڇڻ ٿا چاهيو.“ ڪجهہ دير کان پوءِ، هن فرمانبرداريءَ سان پاڻيهي چوڻ شروع ڪيو ڄڻ پنهنجي استاد جي اڳيان ويٺي هجي. ”جميل سان مان هڪ سُرخن جي جلسي ۾ ملي هيس. اُنهيءَ زماني ۾ مڪارٿي ازم اڃا شروع نہ ٿي هئي ۽ گرينچ وليج ۾ ڪافي ليفٽ ونگ گروپ هئا، جن ۾ گهڻو ڪري يهودي، حبشي ۽ ٿورا هندستاني هئا. جميل اتي انهيءَ سال يو–اين ۾ ملازم ٿي انديا کان آيو هو.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا ... پوءِ بس!“

”ڏاڍو سٺو. مجان ٿو تہ توں بہ اهلِ زبان چوائڻ جي حقدار ٿي ويئي آهين.“

”هڪ فيض آباديءَ سان شادي جو ڪئي هيم سو ايتري اڙدو بہ نہ سکي هوندم! جميل سان ملڻ کانپوءِ مون اڙدوءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ڇو تہ هو لٽريچر جو ڏاڍو شائق هو ۽ ساڻس ڳالهين ڪرڻ لاءِ مون کي لازمي هو تہ مان پاڻ کي سندس هم مذاق بنايان ۽ اهي ڳالهيون سوچيان ۽ ڪريان جيڪي کيس پسند هيون. جڏهن هو منهنجي وڏيڪ ويجهو آيو تہ بعض دفعا بي ساختا اوڏيءَ ۾ مون سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لڳندو هو. جڏهن مان سندس ڳوڻاٽي زبان تي کلندي هيس تہ هو فخر سان چوندو هو: جناب، مان ۽ منهنجا گهروارا اُها زبان ڳالهايون ٿا، جنهن ۾ تلسي داس رامايڻ لکي هئي!“

”شاديءَ کان اڳ مان روز شام جو ڪئمپس کان سڌو جميل جي اپارٽمنٽ تي ويندي هيس، جتي هڪ سردار جي جيڪو سندس تمام گهاٽو دوست هو، باقاعدي مون کي اڙدو پاڙهيندو هو. پر انهيءَ سردار جيءَ کي ڪهاڻيون لکڻ جي اهڙي علت هئي جو پهريون ڪلاڪ ويهي مون کي سندس تازي ڪهاڻي ٻڌائي پوندي هئي. ڪمري ۾ هلندي هلندي چوندو هو تہ هو تمام جلدي ڪرشن چندر ۽ راجندر سنگهہ بيديءَ کي ڊائون ڪرڻ وارو آهي. خبر ناهي ويچارو اڄ ڪلهہ ڪٿي آهي؟“

”اڙدو مون کي آسانيءَ سان اچي ويئي ڇو تہ اڙدوءَ ۽ سنڌي جي اسڪرپٽ هڪ ئي تہ آهي نہ. مون کي ياد آهي تہ جميل شاديءَ کان بہ سال پوءِ پنهنجيءَ پيڻ کي لکيو هو تہ منهنجي زال اڙدوءَ ۾ اهڙي پڙ ٿي ويئي آهي جو ڪنهن کي وارو ئي جيڪر نہ ڏي. توهان کي خبر آهي تہ مان ڏاڍي ڪميٽي بہ آهيان!“

”اهو پلا ڪيئن؟ ٻڌاءِ!“

”جميل سان جڏهن مان پهريون ڀيرو ملي هيس تہ هن جيءَ ۽ منهنجيءَ هڪ ڪامن دوست ٻڌايو تہ هو فرخنده جو ڪزن آهي. اهو ڇاڻي مان ساڻس اچا بہ وڏيڪ خصوصيت سان مليس، نہ تہ شايد شروع ۾ کيس Snub ڪري ڇڏيان ها.“

”اها ڳالهہ آهي تہ، توهان شروع ۾ ماڻهن کي ’Snub‘ ڪنديون آهيون.“

”ڊوُ شٽ اپ. ڳالهہ تہ ٻڌو، پر مون کيس معلوم ٿيڻ نہ ڏنو، تہ مان ادي فرخنده يا بلقيس کي ڇڳيءَ طرح سڃاڻان ٿي ڇو تہ هنن شروع ۾ ئي مون کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ سندس مڱڻو خاندان ۾ ئي هڪ ڪزن سان ٿي چُڪو آهي، جيڪا شايد بلقيس جي سؤٽ ۽ سڱ ۾ جميل جي ڀاڻيجي ٿي ٿئي. اوهان مسلمانن ۾ انهيءَ قسم جي ڏاڍي گڙٻڙ ٿئي ٿي. خير، سو جيڪڏهن مان کيس ٻڌائي ڇڏيان ها تہ مان

ادي فرخنده کي سجاڳان تي ته هوهڪدم دهلي خط لکي ها ته سيتا مير چنداڻيءَ سان شادي ٿو ڪريان ۽ انهيءَ خبر تي ادي فرخنده ۽ بلقيس مون کي ڪيڏي ڪميڻي ۽ ذليل سمجهن ها. احسان فراموشيءَ جي به ڪا حد ٿيندي آهي! اُهي بِئي دهليءَ ۾ منهنجو ڪيڏو خيال ڪنديون هيون ۽ هاڻي مان سندن هڪ ڀيڻ جي وَرَ کي ڦاسائي رهي هيس."

"پنهنجي لاءِ اهڙا ڪڏا لفظ استعمال ته نه ڪر."

"نه، بلڪل ٺيڪ ته چوان ٿي. سڀئي ڇوڪريون ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مردن کي ڦاسائينديون آهن. خالي سندن Modus operandi مختلف ٿين ٿا ۽ اوهان جاهلن انهيءَ جو نالو ڪٽي محبت وغيره رکيو آهي. هر ڇوڪريءَ جي زندگيءَ ۾ فقط هڪ تمنا ٿيندي آهي ته هوءَ ڪنهن نه ڪنهن بيوقوف کي ڦاسائي ساڻس شادي ڪري. باقي سڀ بڪواس آهي."

"ماشا اللهؐ! اوهان جو گوناگون فلسفو داد جي لائق آهي."

"مهرباني"

هوا ۾ اُڏامندڙ وارن کي پيشانيءَ تان هٽائڻ کان پوءِ هن اکيون بند ڪري ڇڏيون. "جميل سان جنهن ڏينهن مان پهريون ڀيرو ملي هيس، اُنهيءَ ڏينهن، رات جو پنهنجي هاسٽل واپس اچي مون پنهنجي روم ميٽ گريس کي چيو هو: 'اڄ مون کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو آهي ته هيستائين مان اينسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا هيس- هاڻي هڪ عورت آهيان.'

"شاديءَ کان اڳ مان جميل سان ٿوري ٿوري ڳالهه تي خفا ٿي پوندي هيس ۽ تمام سرچي ويندي هيس. هڪ ڀيري هن مون کي چيو هو: 'تون ڪڏهن شينهڻ وانگر پوائتي ٿي وڃين ٿي ۽ ڪڏهن ٻليءَ جي پونگڙي وانگر ميائون ميائون ڪرين ٿي.' مون هڪدم چيو هو: 'لاحول ولا.' سڀ کان اڳ ڪانئس مان اهوئي جملو سِکي هيس. 'انهيءَ ۾ لاحول جي ڪهڙي ڳالهه آهي!' هن چيو هو.

اي ي ي ڪ. مون منهن ٺاهيو هو، جنهن تي هن چيو ته 'تون اهڙي مادي مان ٺهيل آهين، جنهن مان اولڊ ميڊز تخليق ڪيون وينديون آهن.

"شاديءَ کان پوءِ جڏهن مان خفا ٿي ڪمرو اندران بند ڪري ڇڏيندي هيس ته چوندو هو: 'هاڻي ته اسان جي سيتا اونڌي کٽ وجهي 'ڪُوپ ڀَون' ۾ وڃي سُتي. جميل لفظن جو بادشاهه هو."

ڪيترا ميل- پٿر لاڳيتا گذري ويا.

”پوءِ.....“ عرفان گهڻي دير کان پوءِ پڇيو, ”شادي ڪيئن ٿي؟“

”هڪ ڏينهن اسان ڪتان واپس پئي آياسين ته رستي ۾ سب- وي جي هڪ اسٽيشن تي لهندي جميل چيو......“

”سب- وي ۾؟“

”جي ها. شام جو پنجين وڳي جي پيڙ پڙڪي ۾.“

”جيڪا ڏاڍي سخت غير رومئنٽڪ ڳالهه هئي.“

”بلڪل. پر جميل کي همبگ (Humbug) کان چڙ هئي. مان جيئن ته پليٽ فارم تي هجوم جي ڌڪن ۾ اڳتي نڪري چڪي هيس, انهيءَ ڪري کيس زور سان رڙ ڪري چوڻو پيو ۽ جڏهن مان ٽرين ۾ چڙهي رهي هيس ته هن پويان پويان ’مڙي چيو هو: ’سيتا, سيتا, مون سان شادي ڪندينءَ؟ جواب ڏي. جلدي. وقت تمام ٿورو آهي. هُن گهڙي کي اهڙي طرح ڏٺو هوجڻ هڪ ٻن منٽن جي دير سان وڏو فرق پئجي ويندو ۽ مون انهيءَ رش ۾ دروازي ۾ چڙهندي پويان مڙي زور سان وراڻيو هو: ’ها.‘ “

”پوءِ؟“

”پوءِ, مون مامي کي نه ٻڌايو ۽ ايندڙ هفتي هڪ هندستاني دوست جي گهر تي اسان جي شادي ٿي. ڏاڍيون تصويرون نڪتيون, جيڪي شام جي اخبارن ۾ ڇپيون: بيوٽيفل انڊين برائڊ ( Beautiful Indian Bride) وغيره. دوستن خوب خوشيون ملهايون. مامي کي ڊپ وچان نه ٻڌايم جيتوڻيڪ مان انهيءَ وقت چوويهن سالن جي ٿي چڪي هيس. مامي کي اخبار وسيلي ئي خبر پيئي ۽ کيس صدمي وچان دل جو دؤرو پيو ۽ مرندي مرندي بچيو. کيس مون سان ڏاڍي محبت هئي. هن مون کي ڏيُ ڪري پاليو هو. جميل ساڌس ملڻ لاءِ هن جي آفيس ۾ ويو ته ساڌس مليو به نه. مامِي جيتوڻيڪ پراڻي قسم جي آهي, پر مامي کان وڏيڪ سمجهدار آهي. منهنجي خيال ۾ عورتن ۾ ڪامن سينس وڌيڪ ٿيندو آهي. وري ويهه سال آمريڪا ۾ رهي, هوءَ ٿورو روشن خيال به ٿي ويئي آهي. مامو ڏاڍي پوڄا پاٺ ڪندو آهي. مامِي جميل سان هڪ ڊرگ- اسٽور ۾ اچي ملي ۽ کيس ڏاڍو پسند ڪيائين. جميل ۾ اهائي ته هڪ ڳالهه هئي جو عورتن جي دل پل ۾ موهي وٺندو هو. پوءِ مامي منهنجي مميءَ کي خط لکيو: ’سيتا شادي ڪري ورتي آهي. ڇوڪرو پنهنجي ذات برادري مان ناهي. نالو جميل اٿس.‘ بعد ۾

مامي مون کي ڪلي چوندي هئي ته ’جميل ۽ جيمل‘ ۾ ڪهڙو فرق آهي، فقط نُڪتن ئي جو ته فرق آهي!

”ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، هُن مميءَ کي به راز ۾ شريڪ ڪري ورتو ۽ هُن به انهيءَ نُڪتن جي فرق واري ٿيوري کي قبول ڪري ورتو. ڊيڊيءَ کي هن اهوئي چيو ته ڇوڪرو آهي ته هندو، پر تمام آزاد خيال آهي. ڪنهن مذهب کي ڪونه مڃي ۽ اڄ ڪلهه ڪهڙو هندو ڇوڪرو مذهب کي مڃي ٿو. ڊيڊيءَ جي سمجهه ۾ اها ڳالهه اچي ويئي ڇو ته ڪيس خبر هئي ته اسان جي گهر ۾ به دهلي اچڻ کان پوءِ پاءُ شيام جي ڪري ترقي پسنديءَ جي ’چرچا‘ ٿيڻ لڳي هئي.

”هتي تو ثابت ڪري ڇڏيو ته اجا پوري طرح اڙدودان بڻي ناهين. ’چرچا‘ اڙدوءَ ۾ مذڪر آهي.“

”اوهه، ساري. ’چرچو‘ (چوِپول) ٿيڻ لڳو هو.“ هن هڪ هڪ لفظ جدا جدا ادا ڪيو.

”ڪجهه مهينا پوءِ، مون ۽ جميل گڏجي ڊيڊيءَ کي خط لکيو ۽ سربستي ڳالهه لکي ڇڏي. ڊيڊيءَ مون کي لکيو: ’مان توکان خفا ضرور آهيان پر جيڪڏهن تون خوش آهين ته ٺيڪ آهي.‘ جميل کي هن اهوئي لکيو هو جيڪو سيني ڏيئرن جا پيئر پنهنجي نائين کي چوندا آهن. ’منهنجي ڌي نازن پاليل آهي، سندس دل ڪڏهن به نه ڏکوئجانءِ‘ پوءِ هو خود ئي کِلي پيئي.

”ويچارو ڊيڊي. ڊيڊي ڏاڍو لٽرري ماڻهو آهي. هن جميل کي انهيءَ خط ۾ ’رامايڻ‘ ڪوٽ (Quot) ڪئِي هئي:

’جهڙيءَ ريت هماليه گِري مهيش کي، سمندر لڪشمي هري کي

سؤنپي هئي، اهڙيءَ ريت جنڪ سيتا کي رام جي سپرد ڪيو. ساڳئي طرح پٽ، مان پنهنجي سيتا توکي سوپيان ٿو.‘

جميل پاڻ تلسيداس جيءَ جو هم وطن. هُو اهو پڙهي ڀڪڙ لڳو. عامل ته ڪافي آزاد خيال ٿيندا آهن پر ممي پنهنجي پيڪن کان، جيڪي ڪٽر آريه سماجي آهن، اها خبر اڄ تائين لڪائي رکي آهي ته مون هڪ مسلمان سان شادي ڪري ورتي آهي. اُهي اڃا تائين اهوئي سمجهن ٿا ته ڇوڪرو يو- پيءَ جو ڪائسٿ آهي ۽ جميل نالو اٿس.

”جڏهن راهُل ڄائو ته ممي، ڊيڊي، مامو ۽ مامي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ انهيءَ ڳالهه تي پاڻ وڌيڪ خوش ٿيا ته جميل ايترو آزاد خيال آهي جو هن پنهنجي پٽ جو هندواڻو نالو رکڻ ۾ ڪو هرج نه سمجهيو.

”ٻن سالن کان پوءِ، جميل کي ٽن مهينن جي فرلو (موڪل) مليءَ اسان دهلي آياسين. ادي فرخنده ۽ بلقيس وغيره مون سان ايڏي محبت سان مليون جو مان شرمسار ٿي ويس. ممي پنهنجي پيڪن اروڙن کي اڳ ۾ ئي سمجهائي ڇڏيو هو ته ڇوڪرو لکنؤ جو ڪائسٿ آهي، انهيءَ ڪري اڙدو سڻي ٿو ڳالهائي ۽ ڳالهه ڳالهه تي ’لاحول ولا‘ چوي ٿو ۽ ’خدا جو قسم‘ ٿو ڪٽي. اسان شرنارٿي يو- پيءَ وارن کان اڳ ۾ ئي ناخوش هئاسين. انهيءَ ڪري خاندان وارا اصولي طور تي خفا رهيا ته ڇوڪري غير سنڌين ۾ ڇو ويئي. دهليءَ ۾ اسان ڪجهه ڏينهن ترسياسين ۽ پوءِ جميل جي وطن چانڊپور ۽ تلسي پور هليا وياسين. مون فيض آباد ۾ لکنؤ ڏٺو. ڪشمير جو سير ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ واپس امريڪا. انهيءَ سال هڪ ڇوڪرو ڪلڪتي کان ايڪٽنگ سکڻ لاءِ نيويارڪ آيو. سندس نالو ڇڱو ڊگهو هو: ابوالفصاحت قمرالسلام چوڌري.“

”قمر السلام چوڌري؟ مشهور انگريزي شاعر، جنهن کي اڄ جي هندستان جو ٽي. ايس. ايليٽ چوندا آهن؟“

”جي ها، اُهو ئي. انهيءَ وقت هو بلڪل مشهور نه ٿيو هو ۽ اداڪاريءَ جي ميدان ۾ قسمت آزمائي ڪري رهيو هو. ڪيترن ئي ترقي پسند بنگالي فلمن ۾ ڪم ڪري چڪو هو ۽ انگريزيءَ ۾ ڏاڍا چڱا نظم ٿي لکيائين. اهو به اسان جي گروپ ۾ شامل هو. هو ان وقت پنهنجو پاڻ کي وڏو انقلابي چوائيندو هو، پر هاڻي جڏهن کان لنڊن ۾ سندس ڪتاب ڇپيو آهي، تڏهن کان ٻڌو اٿم ته اينگري ينگ مئن (Angri young man) بنجي ويو آهي.“

”انهيءَ کان پوءِ؟“

”انهيءَ کان پوءِ ڇا..... توهان ته ائين ٿا لڳو ڄڻ ڪهاڻي لکڻ ويٺا آهيو.“

”اجائي ڳالهه نه ڪر. اڳتي ٻڌاءِ.“

”انهيءَ زماني ۾ ..... خير ڇڏيوس. هاڻي هُن جي ذڪر مان ڪهڙو فائدو.“

”نه نه، ضرور ٻڌاءِ. مون کان ڪجهه به نه لڪاءِ.“

”توهان منهنجو سائڪالاجيڪل علاج پيا ڪريو. ڪٿي انهيءَ خيال ۾ نه رهجو.“

”لاحول ولا قوة.“

”چڱو خير، پوءِ اهوئي ٿيو... نہ ڄاڻان ڇا ٿيو.... مان يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هوندي هيس. گهر واپس اچي راهُل جي نگهباني ڪندي هيس. ڪاڏو تيار ڪندي هيس. دوستن جو گروپ بہ اهوئي هو. سڀيئي ڳالهيون پراڻيون هيون. پر خبر ناهي ڇو. جميل آهستي آهستي ري- ايڪشنري ٿيندو ويو. خير، مان ڪيس بہ برداشت ڪري وٺان ها، پر هن حد کان وڌيڪ شراب پيئڻ شروع ڪري ڏنو. جڏهن هو رات جو دير سان شراب خاني مان موٽندو هو ۽ مان ماني رکي سندس اوسيئڙي ۾ واٽ ڏسندي هيس، تڏهن قمر مون وٽ ويٺو هوندو هو.“

”۽ تو سان همدردي ڪندو هو. اهو همدرديءَ جو ري ايڪٽ (React) چڱو ٿئي ٿو.“

”توهان پاڻ هن وقت انهيءَ ري ايڪٽ ۾ شامل ناهيو؟“

عرفان غصي مان ڪيس ڏٺو. ”خدا جو قسم، بلڪل برداشت کان ٻاهر آهين. ها، اڳتي ٻڌاءِ.“

”ٺيڪ آهي، نٿي ٻڌايان. چڱو خير.“ هن سنجيدگيءَ سان ڳالهہ جاري رکي: ”نہ، همدرديءَ جي ڳالهہ ناهي عرفان. بس الائجي ڇا ٿيو. انسان واقعن ۽ وقت جي ڌارائن ۾ لڙهندو ويندو آهي ۽ ڪيس ڪا خبر نہ پوندي آهي تہ ڇا ٿيڻو آهي. دراصل منهنجي ۽ قمر جي دوستي اهڙي طرح شروع ٿي جو هڪ ڏينهن ڪئمپس ۾ قمر مون کي چيو تہ مان شام جو سندس اپارٽمنٽ تي اچان، جو سندس هڪ دوست، جيڪا ڪاليج ۾ ايلوڪيوشن (Elocution) سيکاريندي هئي، ساڻس ملڻ تي آئي ۽ مان ساڻس ملي ڏاڍي خوش ٿينديس. منهنجي ۽ جميل جي اچڻ وڃڻ جا وقت بلڪل ڌار ڌار هئا. هو ماني يو- اين ۾ ٿي ڪائيندو هو ۽ گهڻو ڪري شام جو گهر اچڻ بدران اُتان ئي دوستن سان گڏجي هليو ويندو هو.

جميل ٻين عورتن سان فلرٽ (Flirt) نہ ڪندو هو. انهيءَ ڳالهہ جو مون کي اڄ تائين وشواس آهي. هو مون سان هميشہ وفادار رهيو پر انهيءَ جي باوجود نہ ڄاڻان ڇا ٿيو. جيتوڻيڪ عام طور تي گهر ٻين عورتن جي ڪري برباد ٿيندو آهي.“

”يا ٻين مردن جي ڪري؟“

”جي ها. بهرحال، اسان ٻنهيءَ کي هڪ ٻئي تي پورو پورو ڀروسو هو ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.“ سندس نڙي بند ٿي ويئي.

”سگريٽ وٺ.“

”مهرباني.“ هن سگريٽ دکايو. ”مان سگريٽ فقط انهيءَ ڪري نٿي ڇڪيان جو اهو عورت جي سماجي ۽ اقتصادي آزاديءَ ۽ مردن سان برابريءَ جو سمبل آهي. بس آمريڪا ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيندي ئي انهيءَ جي عادت پئجي ويئي هئي... توهان کي خراب ته نٿي لڳي؟“

”نه.نه“ ڪار جي رفتار هڪدم تيز ٿي ويئي. هن جي سگريٽ ڇڪڻ يا نه ڇڪڻ تي مان اعتراض ڪندڙ ڪير؟ هن مون کان اهو سوال ڇو ڪيو؟

”اسان ڇا پيئي ڇيو؟“

”جي؟“

”اوهه، معاف ڪجو. ايترا سال جميل سال گڏ رهي مون کي مستقبل ’مين‘ (مان) جي بجاءِ ’هم‘ (اسان) چوڻ جي عادت پئجي ويئي هئي. توهان اوڌ وارا ’هم‘ (اسان) چوندا آهيو نه- مان ڏاڍي احتياط سان ’هم‘ (اسان) چوندي هيس ۽ ’هماري ڪي هان‘ (اسان وٽ) ۽ ’بهت‘ (گهڻو) جي بجاءِ ’بُهت‘ — جميل جي لهجي ۾ اڙدو ڳالهائڻ جو نقل ڪندي هيس. ’نمستي‘ چوڻ ڇڏي، باقاعدي ’آداب عرض‘ چوندي هيس. جنهن لڳاءَ سان پنهنجي پاڻ کي جميل جي ڪلچر ۾ ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪيم، بيءَ ڪنهن ڇوڪري پنهنجي پتيءَ لاءِ ايترو ڏاڍو مشڪل ڪيو هوندو. مون فقط انهيءَ ڪري شراب به وڏيڪ پيئڻ شروع ڪيو جيئن شام جو ساڻس گڏ رهي سگهان. پر جڏهن مان ساڻس گڏجي بار ۾ ويندي هيس ته خفا ٿي ويندو هو ته ڇو هر وقت پاڇي جيان مون سان چهٽي پيئي آهين.

”جڏهن اسان تلسي پور وياسين ته محرم جو زمانو اچي ويو هو. جميل جي گهر تي زوردار محرم ٿيندو هو. مان به ڪاري ساڙهي پائي، پنهنجي سس ۽ نڙاڻن سان گڏجي مجلس ۾ شامل ٿيس. جيتوڻيڪ هر مذهب کي بي معنيٰ سمجهان ٿي. جڏهن مون کي اسلام ئي سان دلچسپي ناهي ته شيعي- سُنيءَ جي قصي سان ڪهڙو مطلب هوندم. پر جميل شيعه گهراڻي جو فرد هو. تنهنڪري مون کي ساري دنيا جا شيعا ڏاڍا ڇڱا لڳندا هئا.“

”ڪنهن ڏاهي تمام ٺيڪ چيو آهي ته عورتون بي حد بوگس (Bogus) ٿينديون آهن.“

”ڳالهه ته ٺيڪ آهي.“ هوءَ وري سوچ ۾ ٻڏي ويئي.

”هاڻي ڇا پيئي سوچين؟“

”ڪجھ بہ نہ. مون کي تلسي پور جو محرم ياد اچي ويو هو. ڪيئن نہ سپني وانگر وقت گذاريو هوم ۽ اُتي مون ہي هڪ عجيب ڳالھ ڏٺي تہ اُتي جي مجلسن ۾ گهٽو ڪري پنجابي ۽ سنڌي شرنارٿي عورتون بہ شريڪ ٿينديون هيون. ادي فرخنده ٻڌايو هو تہ گهڻو ڪري يو- پي اسٽيٽ ۾ اهوئي ٿي رهيو آهي. اڄ ڪلھ ڏسو ڪلچر پيٽرن ڪهڙي طرح بدلجن ٿا! تلسي پور ۾ اُنهن جا گهر خالي پيا آهن، جيڪي پاڪستان هليا ويا پر ڪو شرنارٿي انهن ۾ نٿو رهي جو اها سيدن جي گهرن جي بي ادبي ٿيندي. هيڏانهن سنڌ ۽ پنجاب ۾ سيدن جي بي حد عزت ڪئي ويندي هئي نہ.“

”يا الله!“

”جي!“

”علم جو سمنڊ آهي جو چوليون پيو هٽي!“

”توهان ڳالهائڻ تہ ڏيو نہ ٿا.“

”مان تہ فقط اهو پيو سوچيان تہ جميل غريب بہ دل ۾ چا چوندو هوندو تہ ڇوڪريءَ سان نہ پر پوري لئبرريءَ سان شادي ڪئي اٿم.“

”ويري فني (Very Funny). ها ها!“

”چڱو تقرير جاري رک.“

”تہ شام جو مان قمر وٽ پهتيس. سندس ڪمري ۾ سڀئي بوهيميئن (Bohemians) جمع هئا. عرفان، انهيءَ ڇوڪري جينيفر ڪرين کي ڏسي منهنجا تہ ماشائي گم ٿي ويا ۽ جڏهن قمر سڀني اڳيان ڪيس پنهنجي مَگَ چئي سندس تعارف ڪرايو تہ اسان ڏسندا رهجي وياسين. پر اسا سڀ انٽلڪچوئل هئاسين ۽ انٽلڪچوئل دنيا ۾ انوکيون ۽ نراليون ڳالهيون ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهن. جينيفر ڪرين حد ڪان وڌيڪ ٿلهي ۽ بي ڊولي هئي ۽ قمر ڪافي هينڊسم (Handsome) ڇوڪرو هو.“

”ها، مون انڊين هاءِ ڪميشن ۾ سندس هڪ فلم ڏٺي هئي.“

”آهي نہ هينڊسم؟ ۽ جينيفر ڪرين خوفناڪ حد تائين ٿلهي هئي، پر سندس شڪل ڏاڍي پياري هئي، انهيءَ ڪري پاڻ وڌيڪ بي تُڪي ٿي لڳي. ائين ٿي لڳي جڻ ڪنهن وڏي گليشير (Glacier) جي پويان ڪا جل پري مٿو ڪڍي جهاتي پائي رهي هجي. هوءَ قمر کي بوسٽن جي ڪنهن ٿيئٽر ورڪشاپ ۾ ملي هئي، جتان سندس پويان نيويارڪ آئي هئي. ايڪٽنگ جي وڏي قابل استاد

سمجهي ويندي هئي. قمر سان ملڻ کان اڳ، هوءَ هڪ گجراتي ڇوڪري تي عاشق هئي. جڏهن هو ڪيس دل شڪستو ڇڏي بمبئي هليو ويو ته هوءَ بيئر پي پي روئندي ويندي هئي ۽ تجريدي نظم لکندي هئي. سندس نظم 'نيو ورلڊ رائيٽنگ' ۽ 'هڊسن رويو' ۾ ڇپبا هئا. انهيءَ ڳالهه جو اسان سڀني تي رعب هو ڇوجو اسان ڪافي ننڍي عمر جا هئاسين ۽ سڀني انٽرنيشنل سيليبريٽي ٿيڻ تي چاهيو پر اها خبر نه هئي ته ڪهڙي طرح ٿيون."

"هاڻي قمر جا وارا نيارا ٿي ويا."

"جي ها. پر ڪنهن جي قسمت قمر جهڙي نه هوندي. هو ۽ جينيفر اهڙو عجيب الخلقت جوڙو ٿي لڳو جو اسان سڀ بي اختيار کلڻ لڳاسين ۽ ڏاڍيون خوشيون ملهايوسين. شراب جا دؤر هليا. جينيفر جيئن ته پاڻ بوهيميئن هئي، تنهنڪري پنهنجي ٽولهه جو پاڻ مذاق اڏائيندي هئي. سڀني کي سامهون ويهاري پنهنجي نفسياتي مونجهارن جو تجزيو ڪندي، قمر کي زور ڀري رهي هئي ته هو سندس سامهون ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ تي عاشق ٿئي، جيئن هو حسد ۽ ٽريجڊيءَ جي جذبات جو تجربو ڪري بهترين نظم لکي سگهي.

"هڪ ڀيري هن مون کي چيو ته هوءَ هندستان جي روح ۾ جهاتي پائي ڏسڻ ٿي چاهي، انهيءَ ڪري قمر سان شادي ڪري رهي آهي."

"خوب!"

"قمر ساڻس شادي ته نه ڪئي پر هوءَ قمر جي اپارٽمنٽ ۾ منتقل ٿي ويئي. اسان انهيءَ ڳالهه جو نوٽيس اصل نه ورتو ڇو ته توهان کي خبر آهي ته اولڊ مارلٽي (Old morality) جا..."

"ها ها، خبر اٿم. ڳالهه ٽوري ۾ پوري ڪر."

"سالن کان ڪانپوءِ، قمر ڪلڪتي واپس هليو ويو. جينيفر ڪرين روز رات جو مون وٽ ايندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيئر پيئندي هئي ۽ اڳي کان وڌيڪ تجريدي شاعري ڪندي هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ به انڊيا هلي ويئي ۽ اُتي وڃي هن سچ پچ قمر سان شادي ڪري ورتي. پر انهيءَ کان پوءِ... توهان بور ته نٿا ٿيو؟"

"مان بي وقوفيءَ جي سوالن جا جواب نه ڏيندو آهيان ... ٻڌائيندي وڃ."

"پر اها ته تمام ڏکي ڪهاڻي آهي."

ملتان شهر ۾ گهڙندي ئي نادر زور سان نعرو هنيو:

”اور ديوان شرر ملتاني – مونڇ سفيد اور منہ پر جواني.

اور ديوان ...“

نادر پرسان اچي زور سان هارن وڄايو. هاڻي سيئي ملتان اچي پهتا هئا.

”ڪيتري قدر بي تڪو آهين والله!“ عرفان دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي داد ڏنو: ”اڳتي ارشاد.“

”اڳتي ياد نہ اٿم.“ نادر ڪلندي جواب ڏنو.

سيئي سرڪٽ هائوس پهتا. ڪار مان لهندي نادر ڳالهہ جاري رکندي چيو: ”ڪمال آهي! هن وقت مان سوچي رهيو آهيان تہ ننڍپڻ جون ڪي ڳالهيون ذهن تي ڪيڏو نہ نقش ٿي وڃن ٿيون. ياءُ عرفان، توهان انهيءَ تي روشني تہ وجهو. توهان وڏا نفسيات جا ماهر آهيو.“

”واقعي؟“ سيتا خوشي دليءَ سان منهن ٺاهي چيو، ”تڏهن تہ سموري رستي تي مون ڪان منهنجي ننڍپڻ جون ڳالهيون ئي پڇندو رهيو. مون ننڍپڻ ۾ ’نيرنگ خيال‘ ۾ هڪ نظم پڙهيو هو جيڪو ديوڪارانيءَ جي انگريزي فلم ’ڪرما‘ جي باري ۾ هو. بيحد پُرلطف. اڪبر جي دهلي دربار قسم جهڙو. انهيءَ جو بس هڪ شعر ياد اٿم. بيو بہ ڪجهہ هو. بلقيس ياد آهي؟“ نادر پڇيو.

”جميل کي پورو نظم زباني ياد هو. ڪيس هزارين شعر زباني ياد رهندا آهن.“ پوءِ هوءَ سيتا ڏانهن ڏسي اوچتو چُپ ٿي ويئي.

نادر چرڪي موقعي کي سنڀالڻ گهريو. ”اور ديوان شررملتاني...“ هن بيوقوفن وانگر آلاپڻ شروع ڪيو. هاڻي سيئي ورانڊي ۾ گهڙي هئا.

”ڪجهہ بيا چندُوخانن جا شعر ٻڌايان ياجائي؟“ نادر گهبرائجي سرگرميءَ سان پڇيو.

”ضرور ٻڌايو.“ سيتا ماءُ واري مامتا سان ڏانهس ڏٺو. ويچارو منهنجو ڏيرا

”بلقيس نيشنل اينٿم (National anthem) شروع ڪريو.“ نادر رڙ ڪئي:

”ڪها مجنون سي يہ ليليٰ ڪي مان ني“

بلقيس وارن مان مٿي ڇنڊيندي ساڳئي ڏيان سان پڇيو ۽ پوءِ هن ٺاهي ڳائڻ شروع ڪيو:

”ڪها مجنون سي يہ ليليٰ ڪي مان ني“

”ڪيا ڪها؟“ نادر قوالن جي انداز ۾ پڇيو.

”ڪہ بيتا گرتُو ڪرلي ايم –اي پاس.“ بلقيس تانَ هنئي.

آرام ڪرسيءَ تي ويهندي عرفان سيتا کي چيو، ”هاڻي ملتان جي هسٽري شروع ڪر.“

”شٽ اپ.“

”اجي ڪها مجنون ني ... اهو چڱو ٻڌايئہ.“ بلقيس جوش و خروش سان ڳائي رهي هئي؛

”يهي ٺهري جو شرط وصلِ ليليٰ ... تو استعيفا ... اجي استعيفا.“

اٽيچي ڪيس ميز تي اڇليندي، نادر ڪنڌ ڌوڻيندي نيشنل اينٿم جي ٽيپ جو بند ڪنيو؛

”الله اگر توفيق نہ دي، انسان ڪي بس ڪا ڪام نهين.

اهي وا. فيفانِ محبت عام سهي، عرفانِ محبت عام نهين...

عرفان محبت ...“

عرفان، عرفان، عرفان.

ٻئي ڏينهن ڏاڍي تکي اُس هئي ۽ مٽيءَ جو طوفان هو. شمس تبريز رحہ جي مقبري جي ورانڊن ۾ خوفناڪ سرخ اکين وارو قلندر ۽ غليظ برقعن ۾ ملبوس عورتن ۽ چرس جا دم هڻندڙ لوفرن ۽ طوائفن جو هجوم هو. هر شخص خوفناڪ هو. ڏڪائيندڙ شڪلين وارا، ڪنن ۾ وڏا وڏا والا پاتل فقير ۽ شاهہ دُولا جا ڪوئا ۽ قسمين قسمين فقيرياڻيون.

”اهوئي اوهان جي صوفي ازم جو ڪلچر آهي.“ عرفان طنزيہ آواز ۾ سيتا کي چيو. پر هوءَ مقبري جي ٻاهر هڪ پٿر جي پاڇي ۾ مسحور بيهي قلندرن کي ڏسندي رهي.

ملتان کان روانا ٿي، جڏهن اهي ٻيهر رستي تي آيا تہ عرفان چيو،

شهرزاد، پنهنجو داستان شروع ڪر.“

”اجا ڪيسٽائين ٻڌايان، پڇاڙيءَ جي تہ توهان کي خبر آهي.“

”نہ، مون کي پڇاڙيءَ جي خبر ناهي، معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان.“

”جيئن توهان پنهنجو حڪم هلائي سگهو؟“

”نہ، مان پنهنجو فيصلو ڪري سگهان.“

”اوهہ! توهان غير اشتراڪي ڪيتري قدر رومينٽڪ ٿيندا آهيو! ها تہ مون ڪيسٽائين ڳالهہ ڪئي هئي؟“

”جينيفر ڪلڪتي وڃي قمر سان شادي ڪئي.“

”ها. تہ اڄا سندن شاديءَ کي ڇهہ مهينا ئي گذريا هوندا تہ هڪ ڏينهن بورچي خاني ۾ راهُل جي لاءِ کير تيار ڪري رهي هيس تہ دروازي جو بيل وڳو. مون در کوليو. سامهون قمر بيٺو هو. مون ڪانئس پڇيو: ’تون ڪيئن آيو آهين؟ تو تہ ڪلڪتي ۾ نيويارڪ کي گهر جو اڱڻ سمجهي رکيو آهي.‘ تڏهن هن هڪ نهايت ڊرامائي ڳالهہ ڪئي. هو گنڀير بنگالي رومينٽڪ آواز ۾ چوڻ لڳو: ’سيتا، مان تنهنجي ڪري واپس آيو آهيان!!“

”اول تہ مان سمجهيس تہ هو پنهنجي ڪنهن ڊرامي جو ڊائلاگ ڳالهائي رهيو آهي. مون ڪيس مذاق ۾ ٽارڻ چاهيو پر هو بلڪل سنجيدو هو.

”بس، انهيءَ ڪان پوءِ،“ هوءَ آهستي آهستي چوڻ لڳي، ”نہ ڄاڻان مان هڪ ٻئي وهڪري ۾ وهڻ لڳيس. جميل مون سان ڪئين پيرا ٽي ٽي ڏينهن نہ ڳالهائيندو هو. صبح جو مات ميٽ ۾ تيار ٿيندو هو. راهُل کي پيار ڪندو هو. هو پنهنجي راهل تي عاشق هو. ۽ آڌي رات ڪان پوءِ گهر موٽندو هو. شروع شروع ۾ مون کي خيال آيو تہ مان جميل جي بي پرواهيءَ جو بدلو وٺان پر اصل ۾ ڳالہ اها هئي ... تہ...“

”تہ؟“

”تہ مان واقعي قمر ڏانهن ڇڪبي ويس... جيئن نانگ ڏانهن سندس شڪار ڇڪبو ويندو آهي. هڪ ڏينهن مون کي ٻڌائڻ ڪان سواءِ قمر، جميل وٽ بار ۾ ويو ۽ ڪيس چيائين: ’جميل، مون کي تنهنجي ٻيبيءَ سان عشق ٿي ويو آهي.“

”گُڊ گاڊ! نو؟ (Good God! No?)“ عرفان چيو.

”جميل بہ پهرين ائين سمجهيو تہ قمر پنهنجي ڊرامي جو ڊائلاگ پيو ڳالهائي. پر جڏهن سموري ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ آئي تہ هُن ...“

”ظاهر آهي،“ عرفان سندس ڳالهہ وچ ۾ ڪٽي، ”هن اول تہ قمر جي مرمت ڪئي هوندي ۽ پوءِ گهر اچي تنهنجي خبر ورتي هوندائين... چڱيءَ طرح.“

”توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟“ سيتا حيرت مان پڇيو.

”منهنجو مطلب آهي تہ جيڪڏهن مان جميل جي جاءِ تي هجان ها تہ ائين ئي ڪريان ها.“

”هن بلڪل ائين ئي ڪيو.هن قمر کي ڏاڍا ٺونشا هنيا ۽ گهر اچي مون کي ڏاڍو ماريائين. مان ڪڏهن سوچي به نٿي سگهيس ته جميل جهڙي مڏُر ۽ نرم مزاج ماڻهوءَ تي به ايترو جُنون سوار ٿي سگهي ٿو. هن مون کي ڏاڍو ماريو.“

”شاباس منهنجا شينهن!“ عرفان چيو. ”۽ انهيءَ وقت جميل ائين به چيو هوندو ته هينئر جو هينئر منهنجي گهر مان نڪري وڃ. ۽ رات جو وقت هوندو ۽ ٻاهر برسات پئجي رهي هوندي.“

سيتا هڪي ٻڪي ٿي ڪيس ڏسڻ لڳي. ”جي ها، بلڪل ائين ئي ٿيو هو.“ هن آهستي جواب ڏنو.

”ڏس سيتا،“ عرفان چوڻ لڳو. ”تون جو چئين ٿي ته هر ڳالهه مختلف ۽ اوريجنل، نرالي ۽ گهري هئڻ گهرجي... ته سيتا! هيءَ زندگي هزارين لکين ڀيرا ورجايل داستان آهي. ائين هميشه ٿيو آهي ۽ هميشه ٿيندو رهندو. ماڻهو اهڙي طرح محبت ۾ گرفتار ٿيندا، هڪ ٻئي کان مايوس ٿيندا، اهڙي طرح دليون ڀڃنديون. ۽ اهڙي طرح ڏک سهبا. تون يا جميل يا قمر، نراليون عجيب هستيون ته ناهيو. تون مون کي سطحي ۽ غير جذباتي سمجهين ٿي پر، مان ڄاڻان ٿو ته ڪهڙي طرح تون جميل جي گهر مان (جيڪو تنهنجو گهر هو) نڪتي هوندينءَ. ڪهڙي طرح هن راهُل توکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هوندو. ڪهڙي طرح تون مدد لاءِ قمر ڏانهن ويئي هوندينءَ ۽ شايد هن به توکي سهارو ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي. اهڙيون ڳالهيون توهان سان نه هئڻ گهربون هيون، چو ته تون، جميل ۽ قمر تمام غير معمولي دل ۽ دماغ وارا ماڻهو هئا، پر زندگيءَ جي چڪيءَ ۾ سڀ گڏ پيسبا آهن. انهيءَ ۾ انٽلڪچوئل ۽ غير انٽلڪچوئل ۾ ڪو فرق ناهي.“

هويءَ دريءَ تي مٿو ٽڪائي سامهون رستي ڏانهن ڏسندي رهي. هاڻي پنجاب جون سرسبز ٻنيون شروع ٿي چُڪيون هيون. ڳاڙهيون ۽ ڪاريون گوڏيون پاتل هارياڻيون ٻيچرن مان پئي گذريون. منٽگمري ضلعي کان اڳتي سج لهڻ جي روشني ۾، آسمان بلڪل ٻرندڙ اَڱرن وانگيان ٿي لڳو. رستي تي مڪمل سناٽو هو. نار جي چوڏاري ڍڳا ڦريا پئي. هڪ هاري وڏو پٽڪو ٻڌي، سفيد چادر پائي، ڍڳن جو جوڙو هڪليندو گهر پئي موٽيو. گهڻي دير تائين گهنڊين جو سريلو آواز شام جي گلرنگ سناٽي ۾ ترندو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. سيتا هٿ وڌائي ريڊيو کولي ڇڏيو. ريڊيو سيلون تان لتا جو گيت شروع ٿيو، جنهن ۾ گٽار جو چيندڙ آواز پئي وڳو.

”انهيءَ کي بند ڪر.“ عرفان بيزاريءَ مان چيو.

سيتا هڪدم تعميل ڪئي ۽ سوئچ آف ڪرڻ کان پوءِ وري مٿو دريءَ تي رکي ڇڏيائين.

”روءُ نہ.“ عرفان نرڙ ۾ گهُنج وجهي چيو.

هن سڏڪو پريو ۽ آڱرسان اک جي ڪنڊ اُگهيائين.

”مان تنهنجي لاءِ جيڪو ٿي سگهيو، اُهو ڪندس، پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪري سگهان؟“

”عرفان، مون کي منهنجو راهُل کپي. جيڪڏهن توکي مون سان ٿوري بہ همدردي آهي تہ جميل کان منهنجو پٽ مون کي واپس وٺي ڏي.“

”راهُل، جميل سان هريل آهي.“

”هو ڪيس چرين وانگر چاهي ٿو. امريڪا مان اينڊز دوستن مون کي ٻڌايو آهي تہ آفيس مان سڌو گهر اچي ڪيس ئي ڪارائيندو رهندو آهي. هڪ ٻيءِ شيدياڻي سندس سارسنڀال لاءِ رکي اٿس. شام جو گهر ۾ اڪيلو ويهي ڊرنڪ ڪندو رهندو آهي، پر اها ڳالھ سندس ٻيءَ شاديءَ کان اڳ جي آهي. هاڻي تہ هن راهُل کي بورڊنگ هائوس ۾ رهايو آهي. ڪيئن بہ ڪري مون کي منهنجو پٽ واپس وٺي ڏي عرفان.“

”تو سندس گهروارن کي ڇا چيو؟“

”مان ڪين ڇا تي چئي سگهان؟“

”قانوني مشورو ڪيو؟“

”مان ڪجھ نٿي ڪري سگهان. مون ادي فرخنده سان ڳالھ ڪئي هئي. هوءَ ويچاري هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هُن جميل کي گهڻئي خط لکيا آهن پر اهو هڪ مُنجهيل مسئلو آهي ڇو تہ جميل سندس پاءُ آهي. هن مون کي طلاق ڏيڻ کان سواءِ ٻي شادي ڪئي آهي. هاڻي ٽورا ڏينهن ٿيا آهن.“

”اڙي! تو سول ميريج (Civil marriage) نہ ڪئي هئي؟“

”نہ. مسلمان ڪري منهنجو نڪاح پڙهايو ويو هو ڇو تہ جميل جي پيءُ ڪيس چيو هو تہ جيڪڏهن آمريڪا وجي ڪنهن غير مسلم سان سول ميريج ڪندو تہ هو ڪيس وراثت کان محروم ڪري ڇڏيندو ڇو تہ هو شيعو مجتهد آهي. جميل مون کي اها ڳالھ ٻڌائي ... مان سندس عشق ۾ ايڏي شدت سان مبتلا هيس جو مون ڪيس جواب ڏنو تہ ڪو حرج ناهي، سندس شرط پورو ڪر. ٻيءِ ماءُ پيءُ جي دل ڏڪائڻ جي ضرورت ناهي ۽ فرق بہ ڪهڙو ٿو پوي. مسلم ۽ غير مسلم – مان تہ انهن ڳالهين کي بنياد کان ميجان ئي ڪين. نڪاح نامي تي منهنجو اسلامي نالو شايد سعيده بيگم لکيو ويو هو. مون ٻي

حد اسرار ڪري بلڪل شرعي حق رڪايو جيڪو فقط چند ڊالر ٿيو ٿي. جيئن ته جميل مون کي طلاق ڏني ناهي، انهيءَ ڪري اُنهيءَ اسپيني ڇوڪريءَ کي به مسلمان ڪري شادي ڪئي هوندائين.

”هو مون کي طلاق نه ڏيئي، چڱي طرح سزا ڏيڻ ٿو چاهي. قصور سراسر منهنجو هو. مون کيس دوکو ڏنو هو. مان ڪيترن مهينن تائين، ٻن پهرن جو يا رات جو، جڏهن موقعو ملندو هو، قمر جي گهر هلي ويندي هيس. سندس دوستن کي به خبر پئجي ويئي هئي، ته مان سندس مسٽريس (Mistress) بنجي چڪي آهيان.

”پر جنهن وقت جميل مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ته مان ڪيترائي ڪلاڪ ٻاهر برسات ۾ سائيڊ واڪ تي بيٺي رهيس. جيڪڏهن انهيءَ وقت هو هڪ ڀيرو به دروازو کولي، فقط ايترو چوي ها: ’سيتا، برسات ۾ پُسين پيئي، اندر اچ‘ ته مان سموري ڄمار کيس دوکو نه ڏيان ها. پر دروازو ساڳي طرح بند رهيو. اندران راهُل جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. هو بيڊ روم ۾ ٻتي ٻاري، کيس سمهارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. سندس پاڇو مون ڪمري جي دريءَ تي پوندي ڏٺو. هو راهُل جي پلنگڙيءَ تي جهُڪي کيس سمهاري رهيو هو. کيس ڪنبل پارائڻ کان پوءِ، هو مٿو ٻنهي هٿن ۾ جهلي صوفي تي ويهي رهيو، مون دير تائين ساهه روڪي دريءَ اندران ڏٺو ٿي، ته متان هو مون کي اندر سڏي وٺي. پر هو ساڳيءَ طرح بُت بنيو اندر ويٺو رهيو ۽ انهيءَ کان پوءِ بتي وسائي ڇڏيائين.

”توهان پورو اندازو لڳايو هو. مان اُتان ٽئڪسي ڪري قمر جي گهر پهتيس. انهيءَ وقت وٽس محفل متل هئي. هن مون کي تعجب سان ڏٺو. ’ايڏي برسات ۾ ڇو آئي اهين؟ ڪيئن آهين؟‘

”مون کيس سربستي ڳالهه ٻڌائي. هو خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو ’مون غلطي ڪئي هئي. مان توسان ڪڏهن نباهي نه سگهندس. مان ڏاڍو غير ذميوار ماڻهو آهيان. واپس هلي وڃ ۽ جميل کي چئينس ته توکي معاف ڪري ڇڏي. هو تمام نوبل ماڻهو آهي. ضرور معاف ڪندو. مان به ڪانئس معافي وٺندس ... اسان ٻئي جذبات جي سيلاب ۾ وهي ويا هئاسين. سيتا راڻي! زندگي جو اصلي سڪون توکي هڪ سالڊ (Solid) ماڻهوءَ جي گهر مان ئي ملي سگهي ٿو.‘ هو نه ڄاڻان ڪهڙا ڪهڙا ڊائلاگ چوندو رهيو. مان ٻاهر نڪري آيس.

”ڪجهه ڏينهن مون پنهنجي دوست گريس جي اپارٽمنٽ ۾ گذاري ۽ پوءِ ماميءَ کان ياڙي جا پئسا وٺي دهلي آيس. هاڻي سال کن کان دهليءَ ۾ آهيان.“

”تو راهُل لاءِ جميل کي لکيو؟ خُلع جي ڪوشش نٿي ڪري سگهين؟“

”عرفان اِهي ايڊيون ڊيڇاريندڙ ڳالهيون آهن، جو مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ جنهن ماڻهوءَ کي مون پنهنجي زندگي، پنهنجي دل، دماغ، روح ۽ سڀڪجهہ سونپي ڇڏيو هو، ڪانئس هڪ ڏينهن علحدگي حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني جهيڙو ڪرڻو پوندو. مون جهيڙو وڌائڻ نٿي چاهيو ڇو تہ ڊيڊيءَ کي سموري ڳالهہ جو تفصيل معلوم ٿئي ها تہ صدمي جي ڪري هارٽ فيل ٿي وڃي ها. هڪ بئريسٽر دوست جي ذريعي البت جميل کي خط لکرايو هوم تہ هن جواب ڏنو تہ انهيءَ عورت جي اخلاقي حالت اهڙي ناهي جو هڪ معصوم ٻار جي پرورش ڪري سگهي. عرفان، سندس پائنٽ شايد ٺيڪ بہ هئي. گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي نظرن ۾.“

”واٽ اَ ربش! (What a Rubbish!)“

لاهور اسٽيشن تي انڊيا ويندڙ ٽرين ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ، پليٽ فارم جي سيخن جي اوريان ويٺل ڪانسٽيبل ڪاغذن جي خانہ پوريءَ لاءِ سوال پڇڻ شروع ڪيا. هڪ خاني تي اچي هن پڇيو:

”مذهب؟“

سڀ گڏ ٻڏ آهي. بلقيس فارم مڪمل ڪرائي ٽرين جي پرسان بيهي اڳي وانگر مٽن مائٽن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول هئي. نادر ۽ عرفان، سيتا سان گڏ پوليس جي ميز وٽ موجود هئا. ڪانسٽيبل پاسپورٽ کولي ٻيهر ڏٺو ۽ ويزا تي نظر وڌائين:

نالو: مسز سيتا جميل.

”سفر جو مقصد: عزيزن سان ملڻ لاءِ پاڪستان آئي هئي.

مڙس جي قوميت: جمهوريہ هند جو شهري.

هن وري هڪ ڀيرو سيتا تي نظر وڌي. عجيب نالو هو. پيشانيءَ تي تلڪ لڳايو اٿس. پاڪستان کان هندستان وڃي رهي آهي. ڇڱو پُراسرار معمو آهي.

”مذهب؟“ هن ٻيهر سوال ڪيو.

”اهو سوچڻو پوندو. ڇڱو فري ٿنڪر (Free thinker) لکو.“ عرفان کلندي چيو.

ڪانسٽيبل لکيو.

”ها ها ها.“ نادر ٺهڪ ڏنو. ”ياجائي فري ٽنڪرا سپ سؤڻ وڏي ماسيءَ ڪان پڇي تلسي پور ۾ ڪندي هئي، جڏهن جميل پاءُ بيمار ٿيو هو. ها ها.“

”ها ها ها.“ عرفان کوکلي کِل کليو.

”ها ها ها.“ سيتا بہ سندس ساٿ ڏنو.

# 8

ٽرين لاهور کان دهلي پهتي. بلقيس انهيءَ ڏينهن پالم وجي بمبئي رواني ٿي ويئي. سيتا قرول باغ واپس پهتي، ٻئي ڏينهن هيما سان ملي ۽ ٽئين ڏينهن کان آفيس وڃڻ لڳي. سندس مصروف ۽ خالي زندگيءَ جي معمول جو سلسلو اُتان کان شروع ٿي ويو، جتان ڇڏي هوءَ ٽن هفتن لاءِ پاڪستان ويئي هئي.

بلقيس جي بمبئي موٽڻ کان پوءِ 'مدرا راڪشس' شروع ٿيڻ وارو هو ۽ 'ماڊرن ٿيئٽر' جا رڪن انهيءَ جي تيارين ۾ ڏاڍا رڌل هئا.

'فرسٽ نائيٽ' جي موقعي تي سيتا ٿيئٽر هال جي ڏاڪڻ تي بيهي ڪجھ دوستن سان ڳالهيون ڪري رهي هئي. هُن محسوس ڪيو تہ ٿنڀي جي پويان ڪو ماڻهو کيس ڏاڍي ڌيان سان ڏسي رهيو آهي. سندس شڪل ڪجھ جاتل سڃاتل لڳي ٿي پر کيس سمجھ ۾ نہ آيو تہ هو ڪير آهي. هوءَ اطمينان سان ڳالهين ۾ محو رهي. جڏهن سيئي اندر وڃڻ لڳا تڏهن بہ، انهيءَ ماڻهوءَ هڪ ٻہ ڀيرا مڙي کيس اُچاتري نظر سان ڏٺو. ناٽڪ ختم ٿيڻ تي جڏهن هوءَ بلقيس کي مبارڪباد ڏيڻ جي ارادي سان للتا جي ڊريسنگ روم ۾ ويئي تہ ان وقت اُهو ماڻهو اُتي اڳ ۾ ئي موجود هو ۽ کيس چار پنج ڇٽا گهيريو بيٺا هئا. پنهنجي اندازسان هو ڪا وڏي هستي ٿي لڳو. للتا، سيتا جو ساڻس تعارف ڪرايو: "پروجيش ڪمار چوڌري!"

پروجيش ڪمار چوڌري ملڪ جو عظيم ترين مصور، عالمگير شهرت جو ايڪسپريشنسٽ آرٽسٽ (Expressionist artist)، جنهن جون تصويرون هُن نمائشن، رسالن ڪتابن ۾ ڏٺيون هيون، جنهن جي باري ۾ آمريڪا جي آرٽ مخزنن ۾ مضمون پڙهيا هئائين. پروجيش ڪمار چوڌري انهيءَ وقت جيئرو جاڳندو سندس سامهون موجود هو!!

"هيلو سيتا ديوي." هو چئي رهيو هو. "قمر توهان جو گهڻو ذڪر ڪندو هو. ڏاڍي خوشي ٿي جو هن وقت توهان سان ملاقات ٿي آهي. اچو، هيڏانهن ويهون."

اُهي لباسن جي انبار پرسان اسٽولن تي ويهي رهيا. پروجيش بيحد اخلاق سان گفتگو ڪندو رهيو. ’هوءَ هندستان جي سڀ کان وڏي مصور سان ڳالهائي رهي آهي‘، اهو سوچي ڪيس ڏاڍو تعجب محسوس ٿي رهيو هو.

پروجيش پڪي عمر جو هو. سندس شخصيت ڏاڍي دلڪش هئي ۽ عورتن کي موهڻ جو بہ فن ڪيس خوب ٿي آيو.

”نندپڻ کان توهان جو نالو ٻڌندي پئي اچان. ڪولمبيا ۾ تہ اسان توهان جي تصويرن جي، نمائش بہ ڪئي هئي، ’انڊيا ايوننگ‘ جي سلسلي ۾ هڪ ڀيري.“ سيتا چيو.

”هون“ هو ڏاڍي شفقت ۽ پنهنجائپ سان مشڪيو.

’نندپڻ کان توهان جو نالو ٻڌندي پئي اچان‘- اها کهڙي نہ رسمي ۽ احمقانہ ڳالهہ چئي ڇڏيم. پر اها حقيقت هئي تہ اُن وقت هوءَ هڪ ڀيرو بي حد نروس (Nervous) ٿي ويئي هئي. مشهور شخصيتن کان موعرب ٿيڻ سندس وڏي ڪمزوري هئي ۽ ڪيس انهيءَ ڪمزوري جو احساس بہ هو. پل ٿي پل ۾ انهن سيني مشهور ماڻهن جو جلوس سندس ذهن ۾ ڦرڻ لڳو جن جي هوءَ نندپڻ کان هيرو- ورشپ (Hero-worship) ڪندي آئي هئي. ”منهنجو مطلب اهو ناهي تہ مان بلڪل ننڍي آهيان. ٻي ڪن ۾ هن پاڻ سنيالي چيو.

”چو نہ. تون تہ منهنجي ڌيُ جي برابر ٿيندينءَ.“

”خير اهو تہ غلط آهي!..... ڌيءَ؟“ هن ٿورو ترسي چيو:

”ها. جيڪڏهن منهنجي ڪا ڌيُ هجي ها تہ تو کان ڪا چار پنج سال ئي ننڍي هجي ها، عمر ۾“

سيتا کي خبر هئي تہ جڏهن کان هُن پنهنجي هنگرين (Hungraian) زال کي طلاق ڏني هئي (جيڪا پاڻ وڏي مشهور سنگتراش هئي)، پروجيش ڪمار چوڌري ٻي شادي بہ ڪئي هئي. جيئن گورڪي سموري دنيا کي پنهنجي يونيورسٽي سمجهندو هو، تيئن پروجيش سموري دنيا جي خوبصورت عورتن کي پنهنجي حرمسرا جون ڪنيزون تصور ڪرڻ جو قائل هو ۽ ائين سوچڻ ۾ هو صحيح هو، چو تہ تمام گهڻ عورتون سندس شخصيت جي سحر کان بچي سگهنديون هيون. گذريل ويهن سالن کان سندس بي تڪلف دوستن جي حلقي ۾ سندس مختلف ’پيريڊ‘، مشهور هئا. 1938ع کان وٺي 1941ع تائين، جڏهن هو الله آباد جي ڪشميري آرٽسٽ پريمابخشيءَ تي عاشق هو تہ اهو

زمانو سندس مصوريءَ جو ’ڪشميري پيريڊ‘ چوٽ ۾ ايندو هو. انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي پويان چيڪو سلواڪين، گجراتي ۽ راجستاني دؤر جاري رهيا. 1946ع کان 1953ع تائين جڏهن نامور هندي ليکڪا ڪماري راج راڻي مصرا ڪانئس متاثر ٿي، تي وڏا ناول لکيا تہ اُهو پروجيش ڪمار چوڌريءَ جو ’گنگا جمني دؤر‘ سمجهيو ويو. 1952ع کان هن وقت تائين سندس جدا جدا مرهٽي، فرانسيسي، روسي ۽ پنجابي پيريڊ شروع ٿي ختم ٿي چڪا هئا. انهيءَ وچ ۾ سندس هنگرين زال آئي بہ ۽ هلي بہ ويئي. هيڏانهن ڪجهہ عرصي کان سندس جذباتي زندگيءَ جو ڪو پيريڊ منظرِعام تي نہ آيو هو.

هو للتا جي ڊريسنگ روم ۾ ويهي دير تائين سيتا سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. سڌيون ساديون، گهٽ گهريون غير مابعد الطبعياتي ڳالهيون!

’اڙي، هي هيڏو وڏو ماڻهو ايترو نارمل ۽ سڌو سادو نڪتو! سندس طبعيت ۾ ڪيتري نہ مروت هئي! ڪيتري نہ ملائميت!‘ سيتا حيرت مان سوچيو ۽ جڏهن پروجيش چيو تہ ڇنڇر جي رات جو مون سان گڏجي ماني کائو تہ هن هڪدم قبول ڪيو. ”قمر ۽ ماڌوري بہ ايندا.“ پروجيش اضافو ڪيو.

”اوهہ، هائو ونڊر فل! (How Wonderful!) مان قمر سان ڪافي زماني کان نہ ملي آهيان.“ سيتا گرمجوشيءَ سان جواب ڏنو.

ڇنڇر جي شام جو جڏهن هو پروجيش ڪمار چوڌريءَ سان گڏ ريسٽورنٽ ۾ گهڙي پئي تہ ٻنهي کي گڏ ڏسي ورانڊي ۾ ويٺل ڪنهن ڇوڪري آهستي پنهنجي ساٿي کي چيو: ”شو گرل! ( Show girl!)“

سيتا جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. ’شڪر آهي جو پروجيش اهو واهيات رمارڪ نہ ٻڌو.‘ هن سوچيو.

اُهي ٻئي اندر وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا. هال ٿهڪن سان جڳمڳائجي رهيو هو. آرڪيسٽرا تي ڪا تازه ترين ڌن وڄي رهي هئي. ماڻهو ٻاهران اچي ميزن سامهون ويٺا ٿي يا ٻاهر وڃي رهيا هئا. پروجيش پنهنجي ڪنهن واقفڪار سان ڳالهائڻ لاءِ اُٿي ٻيءَ ميز ڏانهن هليو ويو. سيتا پنهنجي جاءِ تي ويهي ريسٽورنٽ ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏسندي رهي. عجيب عجيب ماڻهو. هندستان جي نئين اسٽيج جا اداڪار. اڙدوءَ جا شاعر ۽ ليکڪ. نوان دولتمند سنڌي ۽ پنجابي، جيڪي ڏهہ سال اڳ هن ئي شهر ۾ پاڪستان کان شرنارٿي بنجي آيا هئا. ٻاهر ڪناٽ سرڪس جي رستن تي موٽرن جو وهڪرو وهي رهيو هو. مرڪزي حڪومت جا اعليٰ عهديدار. فلم سيمينار لاءِ آيل بمبئي ۽ ڪلڪتي جا مشهور

ايڪٽر ۽ ايڪٽرياٽيون ۽ ڊائريڪٽر. ڪانگريس ۽ سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽين جا اڳواڻ. انهيءَ نئين سوسائٽي جي باري ۾ ريسرچ ڪري هن پي ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتي هئي. ڪجهه منٽن کان پوءِ پروجيش ميز تي واپس آيو ۽ نرم نرم آواز ۾ ساڻس ڳالهيون ڪندو رهيو. انهن نياڳن بنگالين جي آواز ۾ ڪيڏو جادو هوندو آهي!

توري ۾ قمر ۽ ماڌوري اچي ويا. ماڌوريءَ جي سينڌ ۾ سينڌُور لڳل هو.

”مسز چوڌري!“ پروجيش سيتا سان تعارف ڪرايو.

”مبارڪ هجي قمر!“ سيتا مشڪندي چيو.

”ٿينڪس سيتا! اسان ايڏو جلديءَ ۾ شادي ڪئي آهي جو ڪنهن دوست کي اطلاع به نه ڏيئي سگهياسين ۽ تون پاڪستان هلي ويئي هئينءَ.“

قمر ڏاڍي محبت ۽ خلوص سان سيتا سان ڳالهيون شروع ڪيون، ڄڻ ڪي به پراڻا دوست پاڻ ۾ مليا هجن.

انهيءَ وقت پروجيش هڪ روسي دوست کي پنهنجي ميز تي سڏي ورتو، جيڪا اڙدوءَ ۾ ريسرچ ڪرڻ لاءِ ماسڪو کان علي ڳڙهه آيل هئي. ڪجهه دير کان پوءِ، به ٻيا روسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا. اُهي ٻئي يلائيءَ ۾ انجنيئر هئا. اهي ’هندي وارا‘ هئا ۽ ’اڙدو واري‘ روسي ڇوڪريءَ سان اُڙدو- هنديءَ جي بحث ۾ لڳا پيا هئا ۽ نهايت ئي مشڪل اڙدو ۽ نهايت ئي شڌُ هندي ڳالهائي رهيا هئا.

پروجيش ٺهڪ ڏيئي ڪليو. ”اڙدو- هنديءَ جو ته اهڙو جهيڙو آهي جو توهان کي به ڪٽي ڪريو.“ هن چيو.

جيئن جيئن رات گهري ٿيندي ويئي تيئن تيئن پروجيش جي مهمانن ۾ واڌارو ايندو ويو. ڊنر جي ختم ٿيڻ تي جڏهن سيتا ٻاهر وڃڻ لڳي ته قمر ۽ ماڌوري ڪيس گرمجوشيءَ سان ايندڙ آچر تي پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوٺ ڏني.

قمر ۽ ماڌوريءَ جي شادي کي اڃا هڪ مهينو به نه ٿيو هو. اُهي سُندر نگر جي هڪ فليٽ ۾ رهيا ٿي. ماڌوري سرڪاري آفيسرياڻي هئي ۽ پنهنجي ڪار هلائيندي هئي، انهيءَ ڪري قمر کي پنهنجي مالي ڪاميابيءَ جي باوجود ڪار خريد ڪرڻ جي ضرورت نه پيئي هئي. انهن ڏينهن ۾ اُهي ٻئي پنهنجو گهر انتهائي آرٽسٽڪ انداز ۾ سجائڻ ۾ رُڌل هئا ۽ گهڻو ڪري شام جو ٻاهر وڃڻ جي بدران

پنهنجن ويجهن دوستن کي پاڻ وٽ مدعو ڪري وٺندا هئا، جتي سپ گڏجي ڪاڏو ناهڻ ۾ ماڏوريءَ جي مدد ڪندا هئا.

آخر جي شام جو وعدي مطابق هوءَ پروجيش سان گڏجي قمر جي گهر پهتي. قمر ڪال بيل جو آواز ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ڊوڙندو هيٺ آدر ڀاءُ لاءِ آيو. مٿي پهچي هن مهمانن کي سٽنگ روم ۾ ويهاري، انهن جي خاطر داري ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

پروجيش، جيڪا وڏي پينٽنگ قمر کي شاديءَ جي تحفي ۾ ڏني هئي، انهيءَ هيٺان صوفي تي ويهي سيتا ڏٺو ته ڪاميابي قمر کي ڪنهن حد تائين مختلف شخصيت بنائي ڇڏيو هو. هن جي انداز ۾ خود اعتمادي اچي ويئي هئي. شايد هو هاڻي ايترو لباڙي به نه رهيو هو. مهمانن سان ڳالهيون ڪندي ڪندي هن ڪڏهن ڪڏهن نظرون کڻي ڏاڍي پيار سان ماڏوريءَ کي ڏسي ورتو ٿي. ماڏوريءَ مٿس ڏاڍو چڱو اثر ڇڏيو هو. اهو ظاهر هو ته هوءَ سندس بوهيميئن دور ڪرڻ ۾ ڏاڍي مصروف هئي.

قمرالسلام چوڌري انهيءَ وقت هڪ ڪامياب نامور دولتمند انسان هو. مسرور ۽ مطمئن. ڪاميابي روح لاءِ ڪيڏي عمدي شيءِ آهي!

انهيءَ وقت هو ڏاڍي بي نيازي ۽ بيرواهيءَ سان پنهنجي برطانوي ۽ آمريڪي پبلشرز جو ذڪر ڪري رهيو هو ۽ سيتا ڏٺو ته سندس گفتگو ۾ ڪٿي به غرور يا وڏائي جي جهلڪ نه هئي. ڪاميابي انسان کي مروت به سيکاري ڇڏيندي آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هو ماسڪو وڃي رهيو هو. سندس نئين تمثيل مشرقي برلن ۾ اسٽيج ڪئي وڃڻ واري هئي. تازو هن پنهنجو پهريون ناول مڪمل ڪيو هو. انهيءَ ناول کي ڇپائڻ لاءِ ڪيس جلدي نه هئي ڇو ته نظمن جي مجموعي جي اشاعت سان ڪيس ايتري شهرت ملي ويئي هئي جو هاڻي ڪيس وڌيڪ شهرت جي پرواهه نه رهي هئي. ڪاميابي انسان کي مطمئن ڪري ڇڏيندي آهي.

بيل وڳو ۽ گوپال ۽ جينيفر ڪرين اندر آيا. جينيفر سيتا کي ڏسندي ئي نعرو هڻي ساڻس ڀاڪرين پئجي ويئي. ”ڊارلنگ، توکي هيترين صدين کان پوءِ ڏٺو اٿم. ڪيئن آهين؟“

”مان هاڻي مسز گوپال آهيان. ۽ تون؟“

ستيش گوپال مشڪندي سيتا کي نمستي ڪيو. سيتا ساڻس هڪ پيرو بلقيس وٽ ملي چڪي هئي. هو تمام خوش اخلاق ۽ يار ويس پنجابي ڇوڪرو هو. اطلاعات کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ٿي ۽ شاعر هو.

”هندستان جي روح ۾ جهاتي پائڻ جو تنهنجو پروجيڪٽ اجا مڪمل نہ ٿيو آهي؟“ مانيءَ لاءِ جاپاني وضع جي ڊگهي چوڪي پرسان ڪُشن تي ويهندي، سيتا جينيفر کان پڇيو.

”بنگال کان پوءِ پنجاب جو جائزو وٺڻ بي حد ضروري هو.“ جينيفر ڊيئر! “ سيتا چيو.

”خدا منهنجي مدد ڪندو!“ جينيفر اکيون گهمائي چت ڏانهن ڏسندي جواب ڏنو.

”سيتا جي!“ ستيش ساڻس مخاطب ٿيو، ”قمر صاحب زور پڏو آهي تہ مان سندس ناول جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪريان. توهان پڙهيو آهي؟“

”اجا تہ نہ.“

قمر هڪدم مسودي جو فائيل ڪڍي کڻي آيو.

”نالو تہ ڏاڍو سٺو آهي ’بادلن جو شهر.‘ مطلب؟“ پروجيش عنوان تي نظر وجهي چيو.

”اڙي صاحب، هيءُ نيويارڪ جي اسڪاءِ اسڪريپرز جي بادلن ۾ رهندو آهي نہ! پنهنجي سمجهہ ۾ تہ اهو آيو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ کي بہ قمر صاحب پنهنجي پينٽنگس وانگر ناقابلِ فهم بنائڻ جي ڪوشش تہ پوري ڪئي آهي.“ ستيش گوپال جواب ڏنو.

ماني کائڻ کان پوءِ قمر مسودو کڻي سيتا جي پرسان اچي ويٺو. ”سيتا، مان ڪنهن ڏينهن اهو ناول توکي پاڻ پڙهي ٻڌائيندس. توکي نيويارڪ اها طوفاني رات ياد آهي جڏهن تون مينهن وسندي ۾ مون وٽ آئي هئينءَ ۽ مان ڪجهہ چئي نہ سگهيو هوس. ياد اٿيئي نہ؟ مون انهيءَ طوفاني رات جو باب پنهنجي رت سان لکيو آهي.“ هن آهستي چيو.

سيتا نفرت ڀري نظر مٿس وڌي. ’تون زندگين سان انهيءَ ڪري کيڏين ٿو، جيئن بعد ۾ انهن جي باري ۾ ڪامياب ناول لکي سگهين. توهان انٽلڪچوئل دراصل ڪيڏا وڏا فراڊ آهيو!‘ هن دل ۾ چيو.

جينيفر ڪافي ناهڻ ۾ ماڌوريءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ بورچي خاني ۾ وڃي چُڪي هئي ۽ اُهي ٻئي ڪنهن ڳالهہ تي خوش ٿي کلي رهيون هيون. ستيش بُڪِ ڪيس ۾ ڪتاب ڏسڻ ۾ مصروف هو ۽ قمر سان ڪا ڳالهہ ڪري رهيو هو.

هڪ ڪن لاءِ سيتا جو مٿو چڪرائجي ويو. هي بوهيميئن انٽلڪچوئل شادين جي سلسلي ۾ هڪ قسم جي ميوزيڪل چيئرز راند ڪيڏي رهيا هئا ۽ ناقابل اعتبار هئا، جو ته ڪين پنهنجي زندگين تي اعتبار نه هو.

هڪدم اوچتو ڪيس عرفان ياد آيو ۽ انهيءَ ياد ڪيس بيحد دل گرفته ڪري ڇڏيو. 'هن گهڙيءَ هو نه ڄاڻان ڪٿي هوندو؟ پشاور؟ پنڊي؟ واقعي هن ٺيڪ چيو هو: "تون مون کي غير جذباتي سمجهين ٿي پر هاڻي تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مان مستقل هي شعر پڙهي لڙڪ وهائيندو رهندس. لڙڪ وهائڻ نه ٿيو، نڙيءَ تائين رڙيون ڪري رئندس."

"ڪهڙو شعر؟"

"عرض ٿو ڪريان:

وه ڪب کي آئي ڀي اور گئي ڀي، نظر مين اب تک سما رهي هين

يه چل رهي هين وه ڦر رهي هين، يه آ رهي هين وه جا رهي هين."

# 9

پنج ڇهه مهينا گذري ويا.

هڪ ڏينهن ڪافي رات گذري ويئي هئي. بلقيس ماني ڪائي هٿ ڌوئڻ لاءِ غسلخاني ڏانهن وڃي رهي هئي تہ فون جي گهنٽي زور زور سان وڄڻ لڳي.

”سيتا هوندي. هوءَ ئي اهڙي طرح وقت بي وقت فون ڪندي آهي.“ بلقيس نندي ماسيءَ کي چيو ۽ لائونج ۾ وڃي رسيور کنيائين.

سندس خيال ٺيڪ نڪتو. هيما جي گارڊن هائوس مان سيتا ڳالهائي رهي هئي: ”بلي، مان سڀاڻي صبح جو ڪولمبو وڃان پيئي.“

”ڇا چيو؟ ڪوالالمپور؟ خدا جي واسطي..... ڇو ڀلا؟“

”ڪولمبو.“ سيتا جي آواز ۾ ڏاڍي ڪمزوري هئي.

”پر ڇو؟“

”مون کي هاڻي خبر پيئي آهي تہ جميل اُتي يو- اين جي ڪنهن ڪم سان آيل آهي.“

”پوءِ ڇا؟“

”مان وڃي آخري ڀيرو ڪيس پرارٿنا ڪنديس تہ راهُل مون کي ڏي.“

”اهو جهنگلي بدڪ جو پيڇو ڪرڻو ٿيو، سيتا ڊيئر ۽ تون اُتي ڇو ٿي وڃين؟ شايد هو دهلي بہ اچي. ايڏو ويجهو اچي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هُو هِتي نہ اچي. پر هن تہ اسان کي ڪولمبو اچڻ جي باري ۾ لکيو بہ ناهي.“

”هو اُتي فقط هفتي کن لاءِ آيل آهي ۽ پوءِ سڌو جڪارتا هليو ويندو، جتان واپس نيويارڪ. مون يو- اين انفرميشن آفيس مان سڀ ڪجهہ معلوم ڪيو آهي.“

”۽ ڪولمبو ۾ تون ڪيس هٿ ڪندينءَ؟“

”ها، مان سڀ انتظام ڪنديس.“

”يا الله! تون ڏينهون ڏينهن پُراسرار ٿيندي ٿي وڃين. سيتا ڊيئر، اهو ڪهڙيءَ طرح؟ ڏاڍي ريسوريسفُل (Resoursful) آهين!“

”هو تو وارو مهاشيہ بہ اڄ ڪلهہ اُتي آهي. ڪنهن ڪانفرنس جي چڪر ۾ ويو آهي.“

”مون وارو مهاشيہ ڪهڙو؟“

”اُهو ئي.“ هوءَ ٿورو هٻڪي، ”عرفان!“

”توکي ڪهڙي خبر؟“

”مون کي، مون کي هُن لکيو هو.“

”هون، تہ تنهنجي هن سان خط و ڪتابت بہ آهي. تون واقعي وڏي زبردست ڊارڪ هارس آهين سيتا راڻي! جيڪڏهن خدا نہ ڪري، مان ساڻس شادي ڪرڻ واري هجان ها تہ هينئر ئي توسان ڊوئل (Duel) لڙان ها!!“

”جيئن تہ مون کي خبر آهي تہ تون ساڻس شادي نہ پيئي ڪرين، انهيءَ ڪري مون سندس خطن جا جواب ڏيڻ ۾ ڪو حرج نہ سمجهيو.“

”اوهہ! نيور مائينڊ (Never mind) - مون چرچو پئي ڪيو. تون ڪيتري قدر بور بنبي پيئي وڃين. مون کي تنهنجو فڪر لڳو پيو آهي. چيئر اپ!“

”تہ هو عرفان صاحب ڏاڍو سمجهو ماڻهو آهي. مان ڪيس چونديس تہ جميل کي سمجهائي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تنهنجي ناتي. هن مون سان پاڪستان ۾ وعدو ڪيو هو تہ هو هر ممڪن مدد ڪندو. انهيءَ کان سواءِ مان ڏيڍ سال ڪم ڪندي ڪندي ٿڪجي پيئي آهيان. ٿورو سئر بہ ڪري وٺان.“

”تہ سئر ڪرڻ لاءِ ڇا هتي جايون کُٽيون آهن.“ ڪشمير يا ڪيرالا هلي وڃ. ايڏو پري وڃي پيسا برباد ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! ۽ وري تو اهائي بيهودي ڳالهہ چئي. منهنجو ڪهڙو ناتو؟“

”منهنجو مطلب آهي تہ هو توهان جو فيملي فرينڊ آهي.“

”ڀي ڳالهہ اها تہ جميل ٻن ٽن جي سمجهائڻ سمجهڻ جي بدران پاڻ وڌيڪ ناراض ٿيندو. توکي سندس غصي جي تہ خبر آهي. مان ڀيڻ آهيانس، مون کي خبر آهي.“

”مان سندس زال آهيان، بلقيس.“

”گڊ گاڊ! سيتا توکي عقل جي ڳالهہ ٻڌائڻ بلڪل بيڪار آهي. سڌي ڳالهہ نٿي ڪرين تہ تو لاءِ پاڪستان وڃي عرفان سان ملڻ تقريباً مشڪل آهي ۽ اسان سيني لاءِ آڪورڊ بہ. انهيءَ ڪري تون

فقط ساڻس ملاقات ڪرڻ ڪولمبو پيئي وڃين. تون ڪنهن کي بيوقوف بنائڻ ٿي چاهين، سيتا ڊيئر؟"

"بلقيس." سيتا غصي مان چيو. "تون مون سان اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين؟"

"انهيءَ لاءِ ته تون ڏينهون ڏينهن احمق ٿيندي پيئي وڃين. ماڻهو هتي تنهنجا اسڪينڊل بيان ٿا ڪن ۽ شرم اسان کي ٿو اچي."

"گُڊ نائيٽ بلقيس!" سيتا غصي ۾ ڏڪندي زور سان رسيور ڪٽي رکيو.

"ڪنهن سان وڙهي رهي هئين؟" هيما ٻار کي لولي ڏيندي پنهنجي ڪمري مان ڏاڍي مٺي آواز ۾ پڇيو.

"توهان سڀئي گڏجي مون کي ڀڙڪائي وينديون." سيتا زهر ڀريئي لهجي ۾ وراڻيو ۽ بيگ کڻي تير وانگر گئلريءَ مان ٻاهر نڪري ويئي.

# 10

”واٽيءَ ۽ وناٽڪ کي منهنجو پرڻام، جن لفظن ۽ انهن جون معنائون جوڙيون آهن. والميڪ، هنومان، ڀواني ۽ شنڪر، رام ۽ سيتا کي منهنجو پرڻام!

”هري هر، جنهن جي ڪارڻ هيءَ دنيا حقيقي نظر اچي ٿي، جيئن رسيءَ کي نانگ سمجهيو ويندو آهي. هري هر، جنهن جا چرڻ ئي اهڙي ڪشتي آهن، جن جي ذريعي سنسار – جنم ۽ مرڻ جي سمنڊ- کي پار ڪري سگهجي ٿو. وشنو، جنهن جو چهرو هاٿي جهڙو آهي، جيڪو ڪَل يُگ جي بديءَ کي جلائي رک ڪري ٿو ڇڏي، مون تي پنهنجي ديا ڪر!

”کير جي سمنڊ ۾ رهندڙ ڀڳوان، جيڪو نيل ڪنول جهڙو نيرو آهي، مون تي ديا ڪر. گُرو رامانند جي قدمن جي مٽيءَ سان، جيڪا امرت آهي، مان پنهنجي ٻڌيءَ جي اکين کي صاف ڪندس. سنتن جا ڪرم، ڪپهه جي گلن وانگر آهن، خشڪ، سفيد ۽ نرم. منهنجو گُرو، جيڪو دنيا ۾ پرياگ جو سوروپ آهي، جتان گنگا ماتا وهي ٿي، جيڪا رام جي ڀڳتي آهي، جيڪا ڌيان آهي، جيڪا سرسوتي وانگر آهي، هري ۽ هر جي ڪهاڻي تروپٽي (1) وانگر آهي. ڌرم، ٻڙ جو مضبوط وڻ آهي. بدنفس، هن دنيا ۾ ڪيتُو وانگر ناس ڪندڙ آهن ۽ ڪُنڀ ڪرڻ وانگر ننڊ ۾ آهن. ڀڳوان ۽ منش، دولت ۽ غربت، راجا ۽ فقير، ڪاشي ۽ مگد (2)، گنگا ۽ ڪرم ناش (3)، ماروا‌ڙ ۽ مالوا (4)، برهمڻ ۽ ڪاسائي – ويدن انهن ۾ فرق ٻڌايو آهي. مان سفيد پني تي اُهوئي لکان ٿو، جيڪو سچ آهي. ملايا کان جيڪو ڪاٺ اچي ٿو، جنهن کي ڏاڍو قيمتي سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ کي فقط ڪاٺ ڪير ٿو سمجهي؟ شاردا (5) جون بوندون سپ ۾ پوندي ئي پورڻ ماسيءَ جي رات جو موتي بنجي وينديون آهن.

فٽ نوٽ

(1) الله آباد ڀرسان اهو هنڌ، جتي گنگا جمنا ۽ سرسوتي ملن ٿيون.

(2) ڪاشي نيڪي آهي ۽ مگڌ بدي.

(3) گنگا جي هڪ شاخ، جنهن جي باري ۾ عقيدو آهي ته انهيءَ کي ڇهڻ سان سڀ ڪرم ناس ٿي ويندا آهن.

(4) مارواڙ صحرا آهي ۽ مالوا سرسبز.

(5) برسات

”اوڌ جي پوترنگر ۽ پور ندي سرجُوءَ کي منهنجو پرڻام! سيتا ۽ رام ايئن آهن، جيئن لفظ ۽ انهن جي معنيٰ، پاڻي ۽ ان جي موج. رگهُو پتيءَ جي ڀڳتي برسات جي موسم آهي. رام ڀڳت، سارين جا نسرندڙ سلا آهن. رام نام جا اکر، ساوڻ ۽ بدي جا مهينا آهن. پتر پريم، اهو جهنگ آهي، جنهن ۾ رام ۽ سيتا گهمندا آهن. ذهين سوال، ڪشتيون آهن ۽ انهن جا جواب آهن ماهر ملاح. رام جا لفظ مضبوط گهاٽ آهن.

”منو مهاراج، جيڪو انساني نسل جو پيءُ آهي، سندس پوٽو هري ڀڳت هو. منُو ۽ سندس زال راڄ ـــ پاٽ تياڳي، تپسيا لاءِ جهنگ ڏانهن نڪري پيا. اُهي جهنگ ۾ اهڙي طرح هليا ڄڻ گيان ۽ ڌرم گڏ هجن. ’اوم نمو ڀڳوتي واسديوا‘ جو جاپ ڪندا، اُهي جڏهن گومتيءَ جي ڪناري پهتا ۽ هزارين سال تپسيا ڪيائون تڏهن ايشور کين چيو تہ گهُرو جيڪي گهرڻو هجيو. منُو چيو: اي ايشور، مون کي تو جهڙو پٽ گهرجي. ايشور وراڻيو: منهنجو ثاني ڪوبہ ناهي. مان البت ايترو ڪري سگهان ٿو تہ تنهنجي پُٽ جي روپ ۾ دنيا اندر جنم وٺي اچان.“

”اڙي هيما،“ امان راماڻ جي صفحي تي آڱر رکي پنهنجي ڪمري مان سڏيو، ”اڙي، ڇا سيتا هلي ويئي؟ ڪيس ماني تہ کارايوس.“

هيما ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هوءَ بيڊروم اندران بند ڪري ٻار کي سمهارڻ ۾ مصروف هئي. سڄو گارڊن هائوس خاموش هو. شهزاد اڃا نئين دهليءَ کان واپس نہ آيو هو. امان عينڪ لڳائي ٻيهر پڙهڻ شروع ڪيو:

”... مهاراجا ستيہ ڪيتو جي پٽ جي راڄ ۾ سموري ديس ۾ کير جون نديون وهڻ لڳيون. اُهو راجا ڏاڍو نيڪ ۽ بهادر هو. هڪ ڏينهن هو ونڌياچل جي جبلن ۾ شڪار ڪرڻ ويو ۽ هڪ تمام خوبصورت جهنگلي سوئر جو پيڇو ڪندي هڪ آڌرم ۾ وڃي نڪتو، جتي هڪ راجڪمار جوڳيءَ جي ويس ۾ رهندو هو. ڪيس راجا جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏني هئي ۽ تڏهن کان هو سندس دشمن هو. راجا کيس سڃاڻي نہ سگهيو ۽ نقلي جوڳي چيس: منهنجو نالو ايڪ تنو آهي. دنيا جي شروع ٿيڻ کان وٺي

هڪ ئي جسم ۾ رهندو آيو آهيان. جو تپسيا سان انسان کي وڏي طاقت حاصل ٿئي ٿي. ساده لوح راجا ڪيس چيو تہ گرو، اهڙي ديا ڪر جو مان ۽ منهنجو راج پاٽ امر ٿي وڃي. انهيءَ چالاڪ سنياسي چيو تہ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن تون برهمڻن کي راضي ڪري پنهنجو ڪرين. برهمڻن جي سراپ سان سڀ طاقتون وس ۾ اچي ويندیون آهن. تون منهنجي هٿ جو ٺاهيل کاڌو هر روز هڪ لک برهمڻن کي کاراءِ تہ اُهي سڀ تنهنجي وس ۾ ٿي ويندا. جوڳيءَ جي مدد سان راجا برهمڻن جي دعوت ڪئي، جيئن ئي برهمڻن کائڻ شروع ڪيو تہ آڪاش واڻي ٿي تہ خبردار، هن پوڄن کي هٿ نہ لڳائجو. هن ۾ برهمڻن جو ماس رڌيل آهي. برهمڻن انهيءَ تي ناراض ٿي راجا کي سراپ ڏنو تہ هو ايندڙ جنم ۾ راڪشس ٿي جنم وٺندو. ان وقت آڪاش واڻي ٿي تہ برهمڻو! توهان سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ سراپ ڏنو آهي. راجا بي ڏوهي آهي. پر برهمڻن جو ڏنل سراپ واپس نہ ٿي ٿي سگهيو. اهڙيءَ طرح ٻئي جنم ۾ راجا، راڪشس جي روپ ۾ جنم ورتو. ڪيس ڏهہ سِر هئا ۽ ويهہ هٿ. هو بي حد بهادر ۽ جنگجو هو ۽ سندس نالو راوڻ هو. سندس وزير سندس ننڍي ڀاءُ وڀيشڻ جي روپ ۾ جنم ورتو، جيڪو وڏو وشنو ڀڳت ۽ ڏاهو هو. جڏهن راوڻ گهڻي تپسيا ڪئي، تہ برهما ڪانئس پڇيو، تہ گهُر جيڪي گهُرڻو هُجيئي. راوڻ چيس: منهنجي خواهش اها آهي تہ فقط انسان يا باندر جي هٿان ماريو وڃان. برهما چيو: تنهنجي اها آرزو پوري ٿيندي.

”سمنڊ جي وچ ۾ هڪ جبل آهي، جنهن تي برهما هڪ مضبوط قلعو ٺاهيو، جيڪو اِندر جي شهر امراوتيءَ کان وڌيڪ خوبصورت هو ۽ لنڪا چوائڻ ۾ ٿي آيو. جنهن جي چوطرف سامونڊي پاڻيءَ جي کاهي هئي ۽ پتيون سون جون ٺهيل هيون. جنهن ۾ هيرا جواهر جُڙيل هئا. راوڻ انهيءَ لنڪا کي پنهنجي راڄ ڌاني بڻايو ۽ منجهس اطمينان سان رهڻ لڳو. عيش عشرت، دولت، اولاد، فوج، فتح، طاقت، ذهانت — سڀ سندس هئا. سندس ڀاءُ ڪُنڀڪَرڻ جيڪو تمام گهڻو کائيندو هو ۽ پيئندو هو، سال ۾ ڇهہ مهينا سمهندو هو.

”پنهنجي طاقت جي نشي ۾ اچي هڪ ڏينهن راوڻ سموري ڪائنات جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو. سموري دنيا سندس محڪوم ٿي ويئي. نيڪي هن دنيا مان موڪلائي ويئي. تڏهن ايشور چيو: زمانو گذريو تہ مون ڪيشيپ ۽ آوتيءَ سان، سندن هڪ آرزو پوري ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. هاڻي مان سورج ونسي گهراڻي ۾ جنم وٺان ٿو ۽ منهنجو نالو رام هوندو.

”آءُ ڌ جي شهر ۾ رگهوونسي راجا دسرٿ راڄ ڪندو هو. جيڪو ويدن جو ماهر، نيڪ، عقلمند ۽ وشنو جو پوڄاري هو.“

ٻاهر موٽر اچي بيٺي. شهزاد آهستي آهستي سيٽي وڄائيندو اندر آيو. پوءِ سندس قدمن جو آواز سندس بيڊ روم ۾ وڇايل غاليچي ۾ گم ٿي ويو.
امان ڪيترائي پنا اٿلائي اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو:

” ... ۽ جڏهن ٻئي شهزادا اُنهيءَ خوبصورت شهرج ي ٻاهران پهتا، جتي درياءَ جي ڪناري ٻيا گهٽيئي راجڪمار پنهنجا تنبو هڻي ويٺا هئا، ته وشوامتر چيو: رگهوا! اسان هتي ترسنداسين.
”جڏهن متلا جي راجا کي خبر پئي ته رشي وشوامتر جن پڌاريا آهن ته پاڻ کين ملڻ لاءِ آيو ۽ کانئن اچي پڇيائين: اي مهاراج، ٻڌايو، هي ٻئي سهڻا ڇوڪرا، جن مان هڪ سانورو ۽ ٻيو گورو آهي، ڪير آهن؟ ڇا ساڪشات ايشور، جنهن کي ويدن ۾ ’هي ناهي‘ چيو ويو آهي، اوتار وٺي هن سنسار ۾ آيو آهي؟ تنهن تي وشوامتر ٻڌايو ته اهي ٻئي عاقل ۽ بهادر ڀائر رام ۽ لڪشمڻ آهن.
”۽ شهر جون عورتون، جيڪي درين جي ڄارين مان جهاتي پائي ڏسي رهيون هيون، تن هڪ ٻئي کي چيو: هو سانوري جسم ۽ ڪنول ن يڻن وارو، جنهن جي هٿ ۾ تير ڪمان آهي، ڪوشليا جو پٽ رام آهي. ۽ هو گوري رنگت وارو، جيڪو رام جي پويان پيو وڃي، سندس وفادار ۽ لاڏلو ڀاءُ ۽ سمترا جو پٽ لڪشمڻ آهي. اهي ٻئي هتي ڌنش ڀڃڻ جي مقابلي جو نظارو ڏسڻ آيا آهن.
”۽ سيتا گوري پوڄا لاءِ باغ ۾ آئي ۽ رام هن جي پازيب جي ڇمڪي تي نگاهون مٿي ڪنيون. سندس نگاهون سيتا جي چهري تي ائين ڄمي ويون، جيئن چنڊ چڪور کي ڏسندو آهي. ۽ لڪشمڻ چيو: ڀراتا، هيءَ جنڪ جي ڌي سيتا آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڌنش ڀڃڻ جو مقابلو ٿي رهيو آهي.
”وٽن جي جهڳٽي مان سيتا، رام ڏانهن نهاريو. سندس نظرون رام تي ائين ڄمي ويون جيئن چڪور سرءُ جي چنڊ کي ڏسندو آهي. هن رام کي اکين وسيلي دل ۾ داخل ڪري اکين جي ڇپرن جا طاق بند ڪري ڇڏيا.
”جڏهن رام، سيتا سان شادي ڪري ايوڌيا موٽيو...“

”امان.“ هيما دروازي ۾ اچي چيو. ”آنند روئڻ کان بس ئي نٿو ڪري. ٿورو اچي ڪيس ماٺ ڪرائينس.“ ”چوڪري، تون مون کي چين سان ويهي پاٺ ڪرڻ نہ ڏيندينءَ.“ ڪتاب هٿ ۾ کڻي بڙ بڙائيندي هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ويئي ۽ آنند کي هنج ۾ سمهاري، ٻئي گوڏي تي ڪتاب رکي لوڏا ڏيندي سمهاريندي چيائين، ”هان. تون بہ ٻڌ. رام نام ٻڌي ڏسان تہ تون ڪيئن ٿو پنهنجي ماءُ کي تنگ ڪرين؟“ پوءِ هن ٻيون چؤپايون پڙهڻ شروع ڪيون:

” ...دسرٿ جو حَوس هڪ جهنگل مثل هو، جنهن ۾ راحت، خوش پکين وانگر اڏامندي ڦرندي هئي. انهيءَ جهنگ ۾ پيلياٽي شڪارڻ، ڪيڪئي پنهنجي لفظن جا باز ڇڏڻ واري هئي. هن چيو: مهاراج، هڪ ڀيري توهان مون کي وچن ڏنو هو تہ مان جيڪا بہ فرمائش ڪنديس، توهان پوري ڪندؤ. سورج ونسي راجا پنهنجي قول تان ڦرندا ناهن. هاڻي منهنجي هڪ آرزو پوري ڪريو: رام جي بدران منهنجي پٽ ڀرت کي راج گاديءَ تي وهاريو ۽ رام کي چوڏنهن سال بنواس موڪليو.“

ٻار زور سان پنهنجو ننڍڙو پتڪڙو هٿ هنيو ۽ ڪتاب هڪدم بند ٿي هيٺ وڃي ڪريو. امان ڪتاب کڻي وري پڙهڻ جاري رکيو:

” ... رام ۽ لڪشمڻ جي وچ ۾ سيتا ائين هلي رهي هئي جڻ ساڪشات ايشور ۽ آتما جي وچ ۾ فريب نظر. گهاٽن جهنگلن ۾ رشين جا هجوم رام سان گڏجي هليا ۽ (چترا) ڪوٽ پهچي ماليئتي نديءَ جي ڪناري رام قيام ڪيو.“

”امان. بشن سنگهہ تو پڇي تہ صبح جو مانيءَ ۾ ڇا ناهبو؟“
اوما جيجي ڊائننگ روم مان آواز ڏنو.
ٻار هاڻي سمهي چڪو هو. ڪيس سمهاري هوءَ بڙ بڙائيندي ٻئي ڪمري ۾ آئي. ڪجهہ دير کان پوءِ واپس اچي هن جهاتي پائي ٻار تي نظر وڌي ۽ پنهنجي بيڊ روم ۾ هلي ويئي. هيما هاڻي غسل خاني مان نڪري ڇهري تي ڪولڊ ڪريم لڳائڻ کان پوءِ سمهڻ جي تياري ڪري رهي هئي تہ ڪيس وري امان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

”هيما، هيڏانهن اچ.“

”جي امان؟“ هن گيلريءَ ۾ اچي پڇيو. امان اکين تي هٿ رکي پلنگ تي ليٽي چڪي هئي.

”هينئرئي سمهي ته نه پئُ امان!“ هن چيو.

”منهنجي اکين ۾ سور آهي. تون ٿوري دير هتي ويهي مون کي رام نام ٻڌاءِ.“

”چڱو امان.“ هيما هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ ڪرسي گهلي فرمانبرداريءَ سان ويٺي. ”ڪٿان پڙهان؟“

”ڪٿان به پڙهه... بن واس جو قصو پڙهه.“

”چڱو.“

”ڪاري گهٽا جهڙو سانورو رام گوداوريءَ جي ڪناري پهتو ته لڪشمڻ چيو: پراتا، مون کي گيان ۽ سنياس (بي تعلقي) ۽ مايا (فريب مجاز) جي باري ۾ ٻڌايو.“

”اڃا اڳتي هل.“

”چڱو. ’انسويا چيو...‘ اهو پڙهان؟“

”ها اهو پڙهه.“ امان اکيون بند ڪري آرام سان پاسو ورائيندي چيو.

” ...انسويا چيو: ’ٻڌ راجڪماري، ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ سڀ پنهنجا سڄڻ ۽ مددگار آهن. پر ڪائنءَ محدود خوشي حاصل ٿيندي آهي. مڙس جي سنگ ۾ بي انت خوشي آهي. اُها عورت نيچ آهي، جيڪا پنهنجي مڙس جي عزت نٿي ڪري. همٿ، اصول، دوست ۽ زال- اهي چار شيون ڏکئي وقت ۾ پرکيون وينديون آهن. مڙس ڀلي پوڙهو هجي يا بيمار، احمق هجي يا بدمزاج يا سخت مصيبت ۾ مبتلا هجي – جيڪڏهن زال سندس عزت ۽ مان نه رکندي ته اُها نرڪ ۾ ويندي. ويدن ۽ پُراڻن مطابق، عورت جا چار درجا آهن. بهترين عورت اُها آهي، جيڪا سمجهي ته سندس مڙس کان سواءِ دنيا ۾ ٻيوڪوبه مرد ناهي. ٻئي درجي تي اُها عورت آهي جيڪا مڙس کان سواءِ غير مردن کي پيءُ، ڀاءُ يا پٽ سمجهي. اُها عورت سيني ۾ نيچ آهي جيڪا فقط موقعي نه ملڻ ڪري پاڪدامن رهي.“

”اڃا اڳتي هل.“

” ... هڪ ڏينهن راوڻ جي ڀيڻ سورپنکا جيئن گوداوريءَ جي ڪناري تي آئي، تيئن ڪيس ٻئي راجڪمار نظر آيا. اي گرڙ، عورت، خوبصورت مرد کي ڏسي ائين ڀُري پوندي آهي، جيئن سج جي اڳيان واريا سو پتر.“

”اڳتي هل.“

” ... جڏهن لڪشمڻ ڪاوڙ ۾ اچي سورپنکا جو نڪ ڪپيو..‘ اتان ٻڌايان؟“

”هون.“

” ... ته جڏهن هوءَ رُئندي راڪشسن وٽ پهتي ته اُنهن جي سردار ڏومڪيتو چوڏهن هزار راڪشسن جي فوج وٺي رام ۽ لڪشمڻ تي حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.
انهيءَ وقت جهنگل ۾ گدڙ اونائڻ لڳا. ڀوتن، جنن ۽ بد روحن جون ڪ وپربون جمع ڪيائون. خونخوار ڏائڻيون انهن کوپرين جا دهل وڃائڻ لڳيون ۽ انهن جي تال تي نچڻ لڳيون. سورپنکا پنهنجي ڀاءُ کي چيو...“

”اڳتي هل جتي ’سيتا هرڻ‘ ٿئي ٿي.“

” ...۽ ستونتي سيتا ڏٺو ته هڪ سونهري هرڻ جهنگل ۾ ڊوڙندو پيو وڃي. ناٿ! هن چيو: انهيءَ جو شڪار ڪري ڪل منهنجي لاءِ آڻي ڏيو. رگهوپتي سمجهي ويو ته اهو هرڻ ڪير آهي، پر ديوتائن جو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ هن تير ڪمان کنيو. رگهُوپتي لڪشمڻ کي چيو: ادا، جهنگل ۾ راڪشس گهمن پيا. ڌيان، عقل ۽ طاقت سان سيتا جي حفاظت ڪندو رهج. رام کي ڏسندي ئي هرڻ تکو ڀڄڻ لڳو ۽ رام سندس پٺ ورتي ۽ تمام پري نڪري ويو.
”جڏهن هرڻ رام جي تير سان زخمجي ڪريو ته هن هڪ زوردار دانهن ڪئي. دانهن جو آواز ٻڌندي ئي سيتا گهٻرائجي لڪشمڻ کي چيو: لڪشمن، تنهنجي ڀاءُ تي ڪا آفت آئي ٿي ڏسجي. جنهن جي اک جي اشاري سان ساري ڪائنات تخليق ٿي، اُهو هن وقت پاڻ خطري ۾ گهيريل آهي. هڪدم وڃ. لڪشمڻ مجبور ٿي مات ڪري رام کي ڳولڻ لاءِ هليو ويو.
۽ راوڻ جوڳيءَ جي ويس ۾ سيتا جي ڪُٽيا ۾ پهتو ۽ ڪيس زبرستي ڪٽي هليو. سيتا دانهون ڪيون: رگهوراءِ... رگهوراءِ...“

هيما کي هاڻي ننڊ پئي آئي. هن اڪيون مهتي امان ڏانهن ڏٺو ته شايد سمهي چڪي هجي، پر هوءِ ساڳي طرح شرڌا سان اکيون ٻوٽي پير لوڏي رهي هئي. اهي چؤپايون هوءَ هزارين ڀيرا پڙهي چڪي هئي پر الائجي ڪهڙي ويڌن هيس! هن اوباسي ڏيئي وري پڙهڻ شروع ڪيو:

”... راوڻ سيتا کي رَٿ ۾ وهاريو ۽ تيزيءَ سان اُڏامڻ لڳو. سيتا شڪاريءَ جي ڦنديءَ ۾ ڦاٿل ڊنل هرڻي وانگر دانهون ڪندي آسمان تان گذري. جڏهن هن هيٺ هڪ ٽڪريءَ تي باندر کي ويٺل ڏٺو، ته هريءَ جو نالو وٺي پنهنجو رئو اوڏانهن اڇلايائين. راوڻ کيس پنهنجي راج ڌانيءَ ۾ وٺي ’اشوڪ واٽڪا‘ ۾ قيد ڪري رکيو.“

هوءَ وري اوباسي ڏيڻ لڳي ته شايد هاڻي هوءَ بس ڪرڻ لاءِ چوي.

”هاڻي ’هنومان جيءَ واريون چؤپايون‘ پڙهه.“ هن اکيون ٻوٽيل حالت ۾ اطمينان سان فرمائش ڪئي.

”او- کي امان.“ هيما تڏو ساهه کڻي وراڻيو.

”... ۽ باندرن لنڪا تائين پهچڻ لاءِ پُل ٺاهي ۽ رگهوراج انهيءَ تي بيهي سمنڊ تي نگاهه وڌي. مانگر مڇ ۽ سمنڊ جي سموري مخلوق سندس درشن لاءِ ٻاهر نڪري آئي ۽ پُل تي ايتري قدر ڀيڙ لڳي جو باندرن کي هوا ۾ اڏامڻو پيو.

باندرن ڪناري تي پهچي خوب ميوا کاڌا...“

”هائوس سويٽ!“ هيما کلي پيئي. ”هون.“ امان غصي سان هونگر ڏني.

”... ۽ جبلن جون چوٽيون پيچي لنڪا ڏانهن اڇلڻ لڳا.

”سامهون لنڪا هئي: سون جو شهر چؤڪ ۽ بازار ۽ گهٽيون هاٿي ۽ گهوڙا. رٿ ۽ راڪشسن جون فوجون جهنگل ۽ جهنگلي گل ڊنيون ۽ تلاءُ ۽ انسانن ۽ نانگن ۽ گنڌرئن جون سهٽيون ڏيئرون. هنومان انهيءَ شهر جي مضبوط قلعبنديءَ ڏسي نرسنگهه جو ڌيان ڪيو ۽ مڇر جي صورت ۾ اچي لنڪا ۾

داخل ٿيو. هڪ راڪشس، جنهن جو نالو لنڪني هو، للڪاري چيو: ’تون منهنجي اجازت کان سواءِ هتي ڪيئن آيو آهين؟ ۽ هنومان ڪيس ٺونشو ٺڪاءُ ڪيو ۽ ...“ (1)

(1) تلسي داس جي لکيل رامايڻ مان.

# 11

بينگ بينگ. انجڻين جو گوڙ گهٽ ٿيو ۽ هوائي جهاز آسانيءَ سان ’رتمالنا‘ ايئرپورٽ تي لٿو. مدراس کان هيستائين، گهاٽن بادلن جي ڪري اُڏام ڏاڍي خراب رهي هئي. هوءَ جهاز تان لهي سڌو انڊين ايئرلائينز جي ڪائونٽر تي ويئي ۽ ڪولمبو پلان جي آفيس ۾ فون ڪيائين.

”جي نه، هتي ته ڪو مسٽر عرفان ناهي. شايد ٻي ڪنهن بلڊنگ ۾ هجي. ترسو خبر وٺي ڏيان ٿو. اوهان ڪلاڪ کن کان پوءِ ٻيهر...“

سندس دل ۾ ڌڏڪو ٿيو: ’هاڻي ڇا ٿيندو؟‘

”يو-اين جي آفيس ڪٿي آهي؟“ هن ٽئڪسي واري کان پڇيو.

ڊرائيور ٽئڪسي هڪ بلڊنگ جي اڳيان اچي بيهاري. ’انهيءَ اندر ويٺو هوندو: جميل. پنهنجي ڊيسڪ تي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو. جيڪڏهن هو هن وقت ٻاهر نڪري اچي ته ڇا ٿيندو؟‘ هڪدم کيس ڏاڍو ڊپ لڳو ۽ سڌو، ’مائونٽ ليونيا‘ هوٽل ڏانهن رواني ٿي ويئي.

انهيءَ ڏينهن ڏاڍي خوشگوار اُس ڦهليل هئي. رستي جي ٻنهي طرفن کان لڳل ڳاڙهن گلن جا گهاٽا ٻوٽا، ناريل جا وڻ سمنڊ جون لهرون — هر شيءِ جڳمڳائجي رهي هئي. مائونٽ ليونيا جي هيٺ، ڪناري تي، انگريز ۽ آمريڪي سن باٿ وٺي رهيا هئا. فضا ۾ ڏاڍي عجيب سُستي ڇانيل هئي.

پنهنجي ڪمري ۾ پهچي ڪجهه دير کان پوءِ هن دري کولي. سامهون سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. ڪاريون سنهالي آيائون، ڪن انگريز ٻارن کي واريءَ تي کيڏائڻ ۾ مصروف هيون. هڪ سنهالي عورت وارن ۾ گُل هڻي، مونگيءَ جا هار وڪڻندڙ دريءَ هيٺان لنگهي. ”بيڊس ميڊم؟ ويري نائيس بيڊز.“ (Beads madam? Very nice beads.) هن مٺي نهاري ڇيو.

هن دري بند ڪري ڇڏي ۽ ڊريسنگ ٽيبل جي سامهون اچي ويٺي. ’هاڻي ڇا ٿيندو؟‘

ڪلاڪ کان پوءِ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو ۽ اڇي سرونگ ۾ ملبوس بيري اندر اچي هڪ ڪارڊ پيش ڪيو: ’عرفان احمد ڪاظمي.‘

”اوهه! ٿينڪ يو!“ پوڙهي سنهالي بيرو ڏاڍي شفقت سان مشڪيو. هوءَ جلدي جلدي وار سنواري هيٺ هلي ويئي.

عرفان ٽيرس تي رنگين ڇتيءَ هيٺ ويهي ڪنهن سنهاليءَ سان ڳالهائي رهيو هو. ڪيس ڏسي هو ڪرسيءَ تان اُٿيو.

”مسٽر رتن سنگهه جي – سوريه!... مسز ڊاڪٽر ميرچنداڻي!“ هن سنهاليءَ سان سندس تعارف ڪرايو.

”مسٽر جي- سوريه هتان جي هڪ وڏي اهم سنهالي اخبار جو ايڊيٽر ۽ منهنجو پراڻو دوست آهي.“

سيتا مشڪي هٿ جوڙيا. ٽيئي ويهي رهيا. سيتا ٿوري بي چئنيءَ سان چوطرف نظر ڊوڙائي. پڪي عمر جو مسٽر جي-سوريه ڪيس ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو هو. عرفان سان ڳالهائڻ ڪانپوءِ، هُن سيتا کي رات جي مانيءَ جي ڪوٺ ڏني ۽ اجازت وٺي اُتان هليو ويو.

عرفان پاسو بدلائي سگريٽ دکايو.

”ته تون اچي وئينءَ!“

”جي ها.“

هيترن ڏينهن کان پوءِ اها وڏي اَن سيريمونيئس (Unceremonious) ملاقات هئي.

”تو اهو لکيو ئي نه ته اوچتو هتي چو نازل ٿي رهي آهين. مون سمجهيو ته تون به ڪنهن سرڪاري ڪم سان اچڻي آهين. ڪولمبو انٽرنيشنل ڪانفرنسن جو شهر آهي.“

”خط ۾ سڄو داستان ڪهڙو ويهي لکان! توهان کي ته چڱيءَ طرح خبر آهي.“

”سچ ته اهو آهي ته هاڻي مان سوچيان ٿو ته مون کي تنهنجي باري ۾ ڪا به خبر ناهي.“

سندس دل ٻڏڻ لڳي. ٻيءَ ڪن ۾ هن پاڻ سنڀالي پڇيو: ”توهان کي ڪيئن خبر پيئي ته مان هتي آهيان؟“

”مان به هتي ترسيل آهيان. تو اهو به نه لکيو هو ته ڪهڙي ڏينهن پهچين پيئي. بهرحال، توکي ڳولڻ ۾ وڏيڪ دقت نه ٿي.“

”جميل سان ملاقات ٿي؟“

”جميل هتي ئي آهي؟ تون هن سان ملڻ آئي آهين؟ وڏي بلئڪ هارس (Black horse) آهين!“ هن ايش- ٽري ۾ سگريٽ وسائيندي چيو. ان مهل هو ڏاڍو مايوس نظر آيو.

”توهان جو خيال هو ته مان ايترو پري ڪان هلي فقط توهان جو درشن ڪرڻ آئي آهيان؟“

”يو هيوَ هوپس. (You have hopes)“ هن کِلي جواب ڏنو.

هڪدم ماحول جي ڇڪتاڻ ڏُور ٿي ويئي. هو به خوب کليو: ”ها ها ها.“

”توهان هُن سان مليو. هاڻي هڪدم يو-اين وارن کان خبر وٺو ته هو ڪٿي ترسيل آهي.“

”ڪهڙي خبر ته هو به هتي هجي!“

هن جو رنگ اچو ٿي ويو. پوءِ هن جلدي جلدي چوڻ شروع ڪيو: ”توهان هن سان راهُل جي باري ۾ ڳالهايو ۽ ڪيس چئوس ته هڪ پيرو مون سان ملي، فقط هڪ پيرو.“

هو پنهنجي گهبراهٽ لڪائڻ لاءِ ڪجهه ڪنن تائين ڪوٽ جي کيسن ۾ سگريٽ ڪيس ڳولڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: ”مان ساڻس اڄ تائين نه مليو آهيان. سيتا! منهنجي ساڻس ايتري بي تڪلفي ڪيئن ٿي ٿي سگهي، جو ساڻس ملنديئي سندس ذاتي معاملي ۾ اهڙيءَ طرح وجي ٽنگ اڙايان.“

”پر توهان چيو هو...“

”ها ها، بلڪل ٺيڪ آهي. مان ضرور ساڻس ملندس. هاڻي ڪا تجويز سوچيون ٿا. تون ايستائين رليڪس (Relax) ته ڪر. هان سگريٽ وٺ.“

”مان ڪيئن ٿي رليڪس ڪري سگهان؟“

”اهو به ٺيڪ آهي.“ هو وري منهن لاهي خاموش ٿي ويو.

سامهون بي حد خوبصورت ’ڊچ برگر‘ ڇوڪرين جي هڪ ٽولي لنگهي. منجهن هڪ ڇوڪري نيري فراڪ ۽ نيري پڪچر هيٽ ۽ سفيد دستانن ۾ بلڪل گنيز برو جي پينٽنگ ٿي لڳي. هندستاني ساڙهين ۾ ملبوس سنهالي ۽ تامل عورتون، قيمتي سوٽن ۾ ملبوس ڪارا مرد، گنڀير شڪلين وارا انگريز، بي فڪرا آمريڪي هيڏانهن هوڏانهن گهُمي ڦري رهيا هئا. ٽيرس کان هيٺ سمنڊ گجگوڙ ڪري رهيو هو.

”شام جو ڇا ڪري رهي آهين؟“

”ڪجهه نه.“

”جي-سوريه جي پارٽيءَ ۾ هل – گال مينس.“

”مان هِتي سوشل ملاقاتن لاءِ نه آئي آهيان.“

”تڏهن ڇا جهنگل ۾ ويهي تپسيا ڪنديءَ؟“

”هيءُ ماڻهو به عجيب بوگس هو. هاڻي ڇا ٿيندو؟ ’هاڻي ڇا ٿيندو؟‘

هوءَ اُتي بيٺي.

”هاڻي ڪٿي جو ارادو آهي؟“

”جهنم جو.“

”اڙي ڙي. خطا تي وئينءَ ايڏو جلدي؟“

’هاڻي ڇا هو ته جميل جو شينهن ۽ ٻليءَ جي پونگڙي وارو جملو ورجائڻ وارو هو؟

”او ماءِ گاڊ!“

هوءَ ريلنگ تي جهڪي ڪناري ڏانهن ڏسڻ لڳي. ”توهان هتان ڪڏهن واپس ويندا؟“ هن ڪجهه ڪن رکي موضوع بدلايو.

”ڏهه پندرهن ڏينهن ٻيا لڳندا.“

”واپس لاهور؟“

”نه منهنجي ٽرانسفر پئرس ٿي آهي. ڪراچي پهچڻ کان پوءِ اينڊڙ مهيني پئرس روانو ٿي ويندس.“

”هائو ونڊرفل! لڪي يو.“ (How wonderful! Lucky you.) ”پئرس وڃڻ ڪا خاص ’ونڊرفل‘ ڳالهه نه ناهي ۽ ’لڪي‘ ته مان زندگيءَ ۾ اڄ تائين ڪنهن سلسلي ۾ رهيوئي ناهيان.“

”اُتي ڪيترو عرصو رهندا؟“

”خبر ناهي. في الحال ته ٻن سالن لاءِ وڃڻو آهي. چڱو، جيڪڏهن تون ڊنر تي نٿي هلين ته مون کي اجازت ڏي. مون کي به ٿورو ڪانفرنس جي ڪن ماڻهن سان ملڻو آهي. مان جيترو جلدي ٿي سگهيو، تنهنجي پتي ديو کي جهلڻ جو جتن ڪريان ٿو ۽ پوءِ ڪيس ڪلٽيويٽ (Cultivate) ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، تُنهنجي خاطر.“

”ماڻهن کي ڪلٽيويٽ ڪرڻ ته توهان کي خوب اچي ٿو. ڪوشش جي ڪهڙي ضرورت آهي.“ سيتا ٿوري تلخيءَ سان جواب ڏنو.

هو کليو. ”چڱو، هاڻي خفا نه ٿيءُ. چيئر اپ. سڀاڻي سويرئي ڪانفرنس جو اجلاس آهي. جيڪڏهن موقعو مليو ته فون ڪندس. تون بريڪفاسٽ لاءِ هيٺ ايندينءَ؟“

”جي نه.“

”چڱو ته مان ڪانفرنس وڃڻ کان اڳ فون ڪندس. گُڊ نائيٽ.“

”گُڊ نائيٽ.“

هو ڊگها ڊگها قدم کڻندو ٽيرس تان ٻاهر هليو ويو. هوءَ ريلنگ تي ٽيڪ ڏئي بيهي رهي. سامهون پورو شهر ڄڻ ته ٻرندڙ ڏيئن جو هڪ وڏو سمنڊ ڪي ڏسندي رهي، جتي سج لهي رهيو هو ۽ ڪناري تي بڪني پاتل انگريز عورت ٿڪ ڏيندي اڳيان ڊوڙندي پئي ويئي ۽ هڪ ٿلهو انگريز ساهه ۾ پرجي واريءَ تي هُن جي پنيان ڊوڙندو پئي ويو.

ٻئي ڏينهن هوءَ شهر جو چڪر هڻي ٽپهريءَ جو موٽي رسيپشن ڪائونٽر تي سندس نالي عرفان جو خط رکيو هو: ”مون کي هن نمبر تي ٽيليفون ڪر، بيحد ضروري ڳالهه آهي.“

هن پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڌڙڪندڙ دل سان فون ڪئي.

عرفان پنهنجي ڪمري مان ڳالهائي رهيو هو: ”سيتا ٻڌ، گھبرائج نه. ڪلهه رات هڪ وڏو قصو ٿي پيو. جي —سوريہ جي ڊنر ۾ جميل صاحب به آيل هو. گهڻي دير تائين ساڻس تعارف ٿي نه سگهيو. هو پريان هڪ ڪنڊ ۾ ويهي شراب پيئڻ ۾ مصروف هو. انهيءَ کان پوءِ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، پر ڪنهن سان به هڪ لفظ به نه ڳالهايائين. جي-سوريہ مون کي ٻڌايو ته هو ڪالهه کان بي حد ڊپريسيڊ آهي، ڇو ته ڪيس خبر ملي آهي ته سندس زال هڪ پاڪستانيءَ سان پڇي آئي آهي ۽ مائونٽ ليونيا ۾ ترسيل آهي. سيتا، هن جي ڪاوڙ ۽ رنج حق تي آهي، اها حقيقت آهي.“

”جي؟“

”اها حقيقت آهي ته تون مائونٽ ليونيا ۾ ترسيل آهين! ها ها ها. چڱو. هاڻي پلا اها سڌ پوڻ کان پوءِ مان ساڻس ڇا ٿي ڳالهائي سگهيس. مان ته ڊنر ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ڪن لڪائي پڇي آيس.“

”توهان ايترو ڊڄڻا نڪتا!“

هو وري کليو. ”اڙي مان ته چرچو پيو ڪريان. هاڻي هڪدم ڪو ’آغا حشر‘ جو ڊرامو ته ٿئي نه پيو جو مان سندس سامهون وڃي ڊائلاگ چوڻ شروع ڪريان. هڪ ٻن ڏينهن ۾ موقعو مهل ڏسي ساڻس ڳالهائيندس. ماڻهو ڪافي ڏکيو ٿو ڏسجي. پنهنجي ٻين خاندان وارن کان بلڪل مختلف آهي. ڪلهه شام ٽيرس تي مون کي توسان ڳالهيون ڪندي ڏسي ڊنر تي ڪافي ماڻهن مون کان پڇيو ته اها ڪير پريزاد هئي، جنهن سان تون چانهه پي رهيو هئين. وغيره. توکي خبر آهي ته گوسپ جي عادت انساني فطرت ۾ داخل آهي،جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي. هاڻي ڪانفرنس ۾ وڃان ٿو. شام جو جيڪڏهن چئين ته تنهنجي ڪمري تي اچي پوري رپورٽ ڏيان. هيٺ پبلڪ ۾ تو سان ملڻ ٺورو ٺيڪ ناهي.“

”جي نہ. رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ فون ڪجو.“

”چڱو.“

رات جو سندس فون نہ آئي. ٽئين ڏينهن هوءَ ڏاکڻ لهي باغ ۾ وجي رهي هئي تہ هال کان ايندي هو ڪيس ملي ويو. ”سيتا، مون کي معاف ڪج.“ هن جلدي جلدي چيو. ”مان رات وري تمام دير سان موٽيو هوس. ٻڌ، هيڏانهن اچ. مان اڄ لنچ تي جميل صاحب سان ملاقات ڪري رهيو آهيان.“ اُهي هڪ گل مهر جي هيٺيان بيهي رهيا. ”ٻڌ، هتي هڪ جاءِ ’سان مشيل‘ (San Machael) آهي. اهو هڪ ڍنڍ جي اندر ٻيٽ آهي، جتي هڪ ريسٽورنٽ آهي. مان شام جو اُتي ايندس ۽ تون بہ اُتي پهچج. ساري رپورٽ اُتي ٻڌائيندس.“

”اُتي ڪو هندستاني پاڪستاني تہ نہ هوندو؟“ هن ٿورو ڊڄندي چيو.

”منهنجي خيال ۾ تہ ڪو هندستاني پاڪستاني ايترو پري نہ ويندو. شام جو وقت گهٽو ڪري ماڻهو شهر جي نائيٽ ڪلبن ۾ گذارڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. چڱو، تون ڇهين وڳي اُتي ضرور پهچج.“

”اڪيلي؟“

”اڙي ساري دنيا گهمي چڪي آهين ۽ اتي اڪيلي نٿي پهچي سگهين. حد آهي!“

”چڱو چڱو.“ سيتا جلديءَ ۾ جواب ڏنو. هو تيزيءَ سان باغ جي ٻارين جي ڪنارن تان لنگهندو هيٺاهين ڏانهن لهي ويو.

ٽيڪسي ڪولمبو جي پسگردائيءَ مان نڪري سڌي رستي تي رواني ٿي ويئي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ڊگهن وڻن جا گهاٽا جهڳٽا هئا ۽ جهنگل جي اندر ور وڪڙ ڪائيندڙ رستن تان لنگهندي ڍنڍ جي ڪناري تي وڃي بيٺي. وڻن جي هيٺيان بہ ٽي موٽرون هيون. هوءَ لهي ڪاٺ جي بوٽ هائوس ۾ ويئي. ڪيس ڏسي موٽر بوٽ واري، موٽر بوٽ ڏاکڻ سان لڳائي ڇڏي. ڪکائين ڇت جي انهيءَ سنسان بوٽ هائوس ۾ ٻرندڙ سُرخ روشني ڏاڍي پراسرار ٿي لڳي. ايتري ۾ بہ چار ٻيا ماڻهو بہ اچي ويا ۽ سيئي وجي موٽربوٽ ۾ وينا. اُهي تامل مرد ۽ عورتون هئا ۽ سپ مات ڪري وينا هئا. بوٽ گهڙ گهڙ ڪندي پاڻيءَ تي هلڻ شروع ڪيو. ڍنڍ ۾ مڪمل خاموشي هئي. پري ڪنارن تي ناريل ۽ چندن جي جهرمر لڳل هئي. آسمان جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو هو. ڍنڍ جي وچ ۾ ’سان مشيل‘ جي چوٽيءَ تي روشني ٿي رهي هئي. ڪجهہ دير کان پوءِ بوٽ گهاٽ سان وجي لڳي. هوءَ ڪاٺ جي ڊگهي ڪوريڊار مان لنگهي

ريستورنٽ ڏانهن ويئي. ٻارين جي ڪنارن مٿان ڪير جهڙيون جاپاني قنديلون ٻري رهيون هيون. اندر ريستورنٽ ۾ ڪجهه سنهالي ڪيٿولڪ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا نچي رهيا هئا. ورانڊن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺا هئا. ڏاڍو اُداس ۽ ڊپريسنگ ماحول هو. آرڪيسٽرا ’انيتا برانيٽ‘ جو اداس گيت وڄائي رهيو هو ۽ هڪ ڊچ برگر ڇوڪري مائڪرو فون جي اڳيان ڳائي رهي هئي:

"O come along with me
To my little corner of the world
And dream a little drem
In my little corner of the world."

هن چؤطرف ڏٺو. عرفان ڪٿي به نه هو. هوءَ ڍاڪڻ لهي ٻيٽ جي ٻئي ڪناري ڏانهن ويئي، جتي هڪ ڪاٺ جو پويلين، جيڪو ڍنڍ جي بلڪل وچ ۾ ڪاٺ جي ٿنڀن تي بيٺل هو. هڪ ننڍي پل جي وسيلي ٻيٽ سان ڳنڍيل هو. هوءَ انهي پويلين ۾ داخل ٿي. اهو به سنسان پيو هو. ڇيڙي تي ڪو سنهالي جوڙو ريلنگ تي ٽڪيل پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسي رهيو هو. هاٿي سج لهي چڪو هو. ڍنڍ جو پاڻي ڪرمچي ٿي ويو هو. ڪجهه ڪنن لاءِ پوءِ اها سُرخي، رات جي ڪاراڻ ۾ بدلجي ويئي.

"سيتا!"

هُن مُڙي ڏٺو.

عرفان ڪنڌ واري ميز تان اُٿي آيو. "تو ڏٺو ڪونه ته مان هن طرف ويٺو هوس."

اُهي ريلنگ جي ڀرسان رکيل ڪرسين تي ويهي رهيا. سيتا جهُڪي لهرن کي ڏسڻ لڳي. "ڪيڏي خوبصورت جاءِ آهي هيءَ!"

"ها. ها، خوبصورت ته آهي پر هڪ ڪم جي ڳالهه ٻڌ."

"ٻڌاءِ." سيتا نظرون ڪٽي ڪيس ڏٺو. هو ڏاڍو بزنس لائيڪ نظر اچڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. پرين اچ گهر ۾ ڇوڪريءَ جو آواز لائوڊ اسپيڪر تي گونجي رهيو هو:

"You will soon forget that there is any other place
And if you care to stay in may little corner of the world

Then we can hide away in my little corner of the world."

"ڪالهه ڪان اڄ تائين ڏاڍا واقعا ٿيا." عرفان سگريٽ دکائي جلدي جلدي چوڻ شروع ڪيو. "هڪ ته ڳالهه ڪافي پکڙجي ويئي آهي ته تون هتي آيل آهين ۽ عجيب ڳالهه آهي نه، ته تون ۽ تنهنجو صاحب بهادر، ٻئي هن شهر ۾ موجود آهيو ۽ ماڻهو خبر ناهي ڇو مون کي 'رقيبِ روسياهه' سمجهڻ لڳا آهن. اهو ته چڱو هنگامو ٿيو. تو پهريائين انهيءَ باري ۾ ڇو نه سوچيو؟ هاڻي ڪانفرنس ڪان پوءِ شام جي محفلن ۾ ماڻهن کي اها بيحد عمدي گوسپ هٿ اچي ويئي آهي ۽ اندو- پاڪستان جي جهيڙن جي پيش نظر اها صورت حال پاڻ وڌيڪ تشويشناڪ آهي. ڪن ماڻهن کي ته اها خاطري آهي ته مان جميل جي بيبيءَ کي ڀڄائي ڪٽي آيو آهيان ۽ ڪيس مائونٽ ليونيا ۾ لڪائي رکيو اٿم. اڄ هڪ شخص چيو ته ڇو، پريشان ڇو ٿو ٿين؟ ٻئي جي زال اغوا ڪرڻ ماسيءَ جو گهر ناهي."

سيتا ٿورو ڏڪي ويئي. "هاڻي ڇا ٿيندو؟"

هو کليو. "ٿيندو ڇا؟ اندو- پاڪستان تعلقات وڌيڪ خراب ٿيندا. ٿي سگهي ٿو ته ڪو ڪرائسس (Crisis) به ٿئي، جنهن تي اسان جي پرڏيهي وزير جو بيان به ڇپجي ۽ توهان وٽ لوڪ سڀا ۾ سوال ڪيا وڃن. اخبارن ۾ ڏاڍا ڏاڍ خبرون ڇپبيون. ڏسندي وڃ. اِيي تو ابتدائي عشق هي...!"

"توهان ته ڪنهن به وقت مذاق ڪرڻ ڪان نٿا مڙو. پر مون کي ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان؟"

"مان ڇا چوان ٿو ته تون هتي ڇو آئينءَ؟ جيڪڏهن جميل سان ملڻو هو ته امريڪا هلي وڃين ها."

"امريڪا هلي وڃان ها ۽ اوڏانهن وڃڻ جو ڀاڙو توهان ڏيو ها."

هن ڪاوڙ مان چيو.

"اڄ لنچ تي جميل صاحب سان ملاقات نه ٿي سگهي. هو آيو ئي ڪونه. تنهنڪري ٽپهريءَ جو مٿي تي ڪفن ٻڌي، جي-سوريه سان گڏجي گال مينس ويس، جتي موصوف قيام پذير آهي. پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ قلعه بند ٿي هميشه وانگر شراب پيئڻ ۾ لڳو پيو هو. مون جي-سوريه کي اندر موڪلي ڇورايو ته مان انهيءَ ساري قصي جي ڇنڊڇاڻ ڪري سندس اها خوفناڪ غلط فهمي دور ڪرڻ چاهيان ٿو. جي-سوريه اهو جواب ڪٽي آيو ته عرفان صاحب کي ڇئي ڇڏ ته قمرالسلام چوڌريءَ کي جهڙي مار نيويارڪ ۾ ڪدي هئم، اُها هو اڃا ڏينهن تائين وساري نه سگهيو هوندو. تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجو ساهه پيارو اٿيئي ته منهنجي سامهون نه اچ."

پويلين ۾ هوا جي تڏي لهر داخل ٿي ۽ سيتا جا وار اُڏرڻ لڳا. هن ڪارا وار سميٽي مٿو ڍڪيو.

”توکي خبر آهي،“ هو آهستي آهستي چوڻ لڳو، ”تون پنهنجون ٻيڙيون ساڙي چڪي آهين. قمر جو قصو جيڪو هو سو ٿيو. جميل کي پروجيش چوڌريءَ جون خبرون به پهچي چڪيون آهن.“

سندس رنگ سفيد ٿي ويو.

”توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟“

”مون کي سمورو وقت تنهنجو خيال رهندو آهي ۽ تون دل ۾ نه ڪڇ، چو ته تون ائڊلٽ (Adult) بڻجڻ جي ڪوشش ڏاڍي ٿي ڪرين، پر آهين ڪانه. توکي اها به چڱي طرح سُڌ آهي ته مان تو ۾ ڪافي دلچسپي ٿو وٺان. شايد تون انهيءَ جو علاج نٿي ڪري سگهين ته ماڻهو تو ۾ هيڪي دلچسپي وٺن. اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجي حد تائين تون انهن جي دل ٽوڙڻ نٿي چاهين.“

”اوهان هن وقت ايتري قدر ذليل ۽ ڪميڻي ڳالهه چئي آهي جو مان انهيءَ جو جواب ڏيڻ نٿي چاهيان. مان توهان کي پنهنجو دوست سمجهي ڪولمبو آئي هيس.“

”دوست! دوست ڪهڙي بلا آهي؟ ڊيم.“

شام جو گهري سناٽي ۾ ٻيٽ جي طرف کان اندڙ سنگيت هاڻي تمام صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ناچ گهر اندر ڇوڪري اهو ئي گيت ڳائي رهي هئي:

"I always knew I'd fine some on like you
So welcome to my little corner of the world."

هو هڪم اُٿي بيٺو. ”هاڻي ڪافي رات ٿي وئي آهي. ڪولمبو واپس وڃ. تون اڳ ۾ پهرين بوٽ ۾ ڪناري ڏانهن واپس هلي وڃ. مان پوءِ هليو ايندس. ڪهڙي خبر واقعي ريسٽورنٽ ۾ ڪو مون کي يا توکي سڃاڻي وٺي،. رات پوڻ سان هتي ماڻهو وڏيڪ جمع ٿيندا آهن. گُڊ نائيٽ.“

هو ڪيس پويلين جي پل تائين ڇڏڻ به نه آيو. هوءَ ٻاريءَ جي ڪناري تي آئي. گهاٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ ناچ گهر جي رستي تان لنگهي ته ريسٽورنٽ جو سنهالي مئنيجر ڊي-جي پائي، جيڪو بلڪل پينگوئن پئي لڳو، سامهون اچي چيو، ”مس! توهان جلدي واپس پيا وڃو. ڊنر لاءِ نه ترسندؤ؟“ پرسان لنگهندڙ ٻن تامل عورتن ڪيس غور سان ڏٺو. هوءَ تکا تکا قدم کڻندي ڪوريدار تائين پهتي. ڪوريدار جي ڇيڙي

تي هڪ ٻيو سنهالي جوڙو ريلنگ تي جهڪيو بيٺو هو. رات جي آسمان جي وسعت ۾ سناٽي جي مقابلي ۾ سندن مٿان هڪ سُرخ ۽ سبز جاپاني قنديل ٻري رهي هئي. چؤطرف بي انت هيڪلائي هئي. گهاٽ تان لهي هوءَ موٽر بوٽ ۾ ويٺي. اندر روسي سفارت خاني جا ڪجهه مرد ۽ عورتون ويٺا هئا. انهيءَ جاءِ جو اهڙو جادو هو جو شايد ڳالهه ڪندي به ڊپ ٿي ٿيو ته اهو جادو ٽٽي نه پوي.

ٻئي ڏينهن عرفان ڪيس لائونج ۾ مليو. ”مون اڄ جميل صاحب سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ملاقات لاءِ تيار ناهي. لاحول ولا قوة. تو مون کي ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو.“

”مون کي افسوس آهي ته مون توکي مصيبت ۾ ڦاسايو آهي. منهنجو خيال آهي ته اسان ٽيئي ڪلچرڊ ماڻهو آهيون ۽ انهيءَ سطح تي اهو خالص هيومن معاملو، منهنجي صلاح مشوري سان نبيرجي سگهندو.“

”تو وري اجايو سجايو چوڻ شروع ڪيو!“ عرفان چڙي چيو. ”مان ايندڙ ڇهن ڏينهن تائين ڪانفرنس جي ڪم ۾ بي حد مصروف رهندس. تون هتي ايترو وقت بيڪار ڪيئن ڪاٽيندينءَ. بهتر اهو آهي ته اسڪينڊل جو زور گهٽائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هفتي کن لاءِ ڪينڊي وغيره هلي وڃ. ايندڙ اڱاري ڪان مان واندو آهيان. انهيءَ کان پوءِ اسان ويهي سوچي سگهنداسين.“

”پر جميل؟“

”انهيءَ جو فڪر نه ڪر. هو به اڃا هفتو ڏهه ڏينهن ڪن ترسندو. پر تون هاڻي خدا جي واسطي هتان رفو چڪر ٿي. ڪنهن امريڪي ٽورسٽ پوڙهيءَ کي پاڻ سان گڏ ڪڻ. هوٽل اهڙين پوڙهين سان ڀريا پيا آهن. ڪمپني به رهندي ۽ تون دل کولي هن جي جنرل ناليج ۾ واڌارو ڪندي رهج.“

”چڱو.“ هن هڪ ڀيرو وري فرمانبرداريءَ سان وراڻيو.

”مان آمريڪن ايڪسپريس وارن سان ڳالهائي تو لاءِ تمام فرسٽ ڪلاس ٽُور جو انتظام ڪرائي ٿو ڏيان.“ هن ڪائونٽر تي وڃي ٽيليفون جو رسيور کنيو.

# 12

سوا ڇهه فوٽ ڊگهي ۽ نيرين اکين ۽ سرخي مائل زرد وارن واري، ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش ريسٽ هائوس ۾ پهچي ڪار روڪي ۽ هڪ پيرو پويان مڙي ڏٺائين ته شايد اها سليٽي رنگ جي هلمين، جنهن ۾ اُها خوبصورت ڇوڪري ويٺي هئي، انهيءَ طرف ايندي هجي. هو ڪولمبو جي پسگردائيءَ کان هيستائين سندس پيڇو ڪري رهيو هو. سندس خيال هو ته شايد هوءَ به انهيءَ ريسٽ هائوس ۾ اچي ترسندي، پر جهنگل مان گذرندڙ ورن وڪڙن وارو رستو سنسان پيو هو. هو ڪار مان لهي ورانڊي ۾ آيو. بيري نيرن جي ٽري سندس سامهون اچي رکي. هن بلئڪ ڪافيءَ جو ڪپ ختم ڪرڻ کان پوءِ ٽائيپ رائٽر کوليو ۽ مضمون ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين: 'ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر.' پنهنجي ڪتاب جو پيو باب ڪيس جلد از جلد مڪمل ڪري رسالي جي ايڊيٽر ڪي هارورڊ موڪلڻو هو ۽ وقت تمام گهٽ هو. ڪيس هتان کان مغربي بنگال ۽ ڪيرل به وڃڻو هو.

ورانڊي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ يورپين ٽورسٽ بيئر جو گلاس اڳيان رکي چُپ چاپ ويهي اخبار پڙهي رهيا هئا. باغ ۾ ڳاڙها گل ٽڙيا هئا. آسمان تمام شفاف ۽ نيرو هو. هن سامهون واري پُرسڪون منظر ڪي ڏسي ڊگهو ساهه کنيو ۽ ٻيهر ٽائپ ۾ لڳي ويو.

ڪلاڪ کان پوءِ هو هڪ ڀيرو وري خاموش ڪاري رستي تي روان هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ربڙ جا گهاٽا وڻ هئا ۽ ڦوٽن جي وڻن تي پيلا پوپٽ اڏري رهيا هئا.

ڪرو وينگالا ۾ هاٿيءَ جي شڪل جهڙي ڪاري چوٽي اُفق تي ظاهر ٿي. هتان کان چڙهائي شروع ٿئي ٿي، پري پري تائين پام جا جهُنڊ هوا ۾ جهومي رهيا هئا. هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي خوبصورت بازار مان لنگهندي اوچتو ڪيس اُها سائي رنگ واري ڪار ٻيهر ڏسڻ ۾ آئي. ڪجهه دير تائين اها اڳيان پئي ويئي ۽ هڪ ڳوٺ ۾ ميوي جي دڪان اڳيان بيهي وري پويان رهجي ويئي.

لزلي مارش ڪي پاڻمرادو کل اچي ويئي. هو اها ڪهڙي مسخري ڪري رهيو هو. جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪري مڙي ڏسي ورتو ته سمجهندي ته ڪو ٻيو ٽورسٽ پويان پيو اچي ۽ حقيقت ۾ هو به ائين.

ڳوٺن جي رستن جي ڪناري تي لڳل رنگ برنگي ڪاغذي چرخيون هوا ۾ تيزيءَ سان ڦري رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي ٻُڌ مندرن جي ڦاٽڪن تي اڇا جهنڊا لڳل هئا، جن مان ظاهر ٿي ٿيو ته اُتان جي

پروهت جو ديهانت ٿيو آهي. اونداهن جهنگلن ۾ پورچوگالي ۽ ولنديزي عهد جون جوڙيل ڪيٿولڪ چرچ لڪيون بيٺيون هيون. خوبصورت ڪاٽيجن جي درين جا پردا لهرائي رهيا هئا.

ڪجهه دير ڪانپوءِ منظر تبديل ٿيڻ شروع ٿيو ۽ زمرد جي رنگ جهڙيون ٽڪريون نيڻ نهار تائين ڦهليل هيون.

پولو نروا ۾ 'پراڪرم سمندر' جي ڪناري ريسٽ هائوس ۾ پهچي هن اُميد ڀريل نگاهن سان چوطرف ڏٺو. هوءَ اُتي به نه هئي.

ڪمري ۾ وڃي هن هٿ منهن ڌوتا ۽ لنچ جو آرڊر ڏيڻ ڪان پوءِ ٻاهر اچي شيشي جي لائونج ۾ ويٺو. لائونج جي ٽن طرفن کان پراڪرم سمندر لهرون هڻي رهيو هو. اندر ميزن تي وڏا وڏا زرد گل گلدانن ۾ جرڪي رهيا هئا. درين ڀرسان ٽي چار آمريڪي ۽ يوروپي سياح عورتون ڪافي پيئندي آهستي آهستي ڳالهيون ڪري رهيون هيون. پاڇي وانگر مؤدبانه هلندي سنهالي بيرا انهن جي خاطرداريءَ ۾ لڳل هئا.

ڊائننگ هال ۾ ٽورسٽ ڊپارٽمنٽ جي هڪ ڇوڪري مشڪي ڪيس نمستي ڪيو.

"پولونروا جا کنڊر ڏسڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي؟" هن پڇيو.

"اهو انهيءَ تي منحصر آهي ته ڪيس منجهن ڪيتري دلچسپي آهي." ڇوڪري ڏاڍي اخلاق سان وراڻيو.

"مان آرڪيالاجسٽ آهيان."

"اوهه! تڏهن توهان کي 'انورادا پورا' به ضرور وڃڻ گهرجي!"

"افسوس آهي جو هن دفعي مان انُورادا پورا وڃي نٿو سگهان. آرڪيالاجي منهنجي هابي آهي، پر اڄ ڪلهه مان هڪ جدا موضوع تي ڪتاب لکڻ خاطر هتي آيو آهيان. تنهنجو ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان تعلق هجي ته مون کي ڪجهه ڳالهيون ٻڌاءِ." هن بيهي ئي ڪرسي ميز جي ويجهو کسڪائيندي چيو.

"تون تامل آهين يا سنهالي؟"

"تامل! پر منهنجو ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان تعلق ناهي. معاف ڪجو. مون کي هن وقت ڪولمبو واپس وڃڻو آهي." ڇوڪري مشڪي جواب ڏنو ۽ نمستي ڪري اڳتي هلي وئي.

ماني کائي هو ٻاهر آيو. وراندي ۾ سري لنڪا ۽ پولونروا جو نقشو ۽ 'پراڪرم باهو پهرين' جو فرمان فريم ۾ ٽنگيل هو:

'برسات جو ٿورو پاڻي به انسان جي ڪم اچڻ کان سواءِ سمنڊ ۾ وهي نه وڃن گهرجي - پراڪرم باهو'

هن 'ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر' جو مسودو بند ڪري، پورٽ فوليو مان ٻيو مسودو ڪڍيو ۽ نقشي سامهون ڏاکڻ تي ويهي جلدي جلدي نوٽ وٺڻ شروع ڪيائين:

'عيسيٰ جي پيدائش کان پنج سؤ سال اڳ، هندستان جي پرنس وجئه. لنڪا تي حملو ڪيو. ساڻس گڏ آيل ماڻهو مگڌي نسل جا هئا جيڪي سنهالي چوائڻ ۾ آيا ۽ انهيءَ نسبت سان اهو ٻيٽ 'سنهلديپ' سڏجڻ لڳو، يعني شينهن جو ٻيٽ. پرنس وجئه. لنڪا جي شهزاديءَ سان شادي ڪئي هئي. لنڪا جا قديم رهاڪو Pre-Dravadian Astroloids هئا، جيڪي ڇوٽا ناگپور جي علائقي کان ٿي ملايا، جاوا ۽ آسٽريليا تائين پکڙجي ويا. لنڪا ۾ انهن جي راڄڌانيءَ جو نالو لنڪاپور هو. شايد انهن کي، هندن جي قديمي ايپڪ (Epic) رامايڻ ۾، اتر هندستان جي آرين پنهنجي نسلي برتريءَ جي احساس جي بنياد تي، سياح فارم راڪشسن جي قوم چيو.'

يشيا ۾، نسل ۽ رنگ جو فرق، مشرق جي ڪلربار-انهيءَ مسئلي تي مون کي وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو.' هن فوٽ-نوٽ ۾ لکيو ۽ ڪيمل سگريٽ دکائي پراڪرم سمندر جي مؤجن کي ڏسڻ لڳو. انهيءَ واڱڻائي ساڙهيءَ واري ڇوڪريءَ جو خيال دماغ مان ڪڍي ڪجهه کن کان پوءِ هن وري لکڻ شروع ڪيو:

'سيلون جا موجوده جهنگلي، جن جي اوڙيسا جي جهنگلي قبيلن سان گهڻي مشابهت آهي، 'ويدا' سڏجن ٿا ۽ اِنهن ئي اوريجنل رهاڪن جو اولاد آهن.

'سنهالي بادشاهه ايڪيوهين صدي تائين انهيءَ ٻيٽ تي حڪمران ٿي رهيا. انوراڌاپورا انهن جي راڄڌاني هو. اشوڪ جو پٽ شهزادو مهندر پهريون ٻڌ پرچارڪ هو، جنهن انوراڌاپورا اچي، سنهالي بادشاهه 'ديونام پيار تسا' کي ٻُڌمَت ۾ داخل ڪيو. شهنشاهه سمندرگپت جي الله آباد واري ٿنڀي تي اُڪريل آهي ته جن حاڪمن کيس گذارش ڪئي ته گپتا حڪومت جي چارٽر ذريعي کين پنهنجي

علائقن ۾ رهڻ ڏنو وڃي، تن ۾ سنهالا جا رهاڪو بہ شامل آهن. بائبل ۾ ڏکڻ لنڪا جي ساحلي شهر تارشش يا گال جو ذڪر آهي، جتان ملڪہ صبا ۽ سليمان جي لاءِ مور ۽ هيرا ايڪسپورٽ ڪيا ويندا.

'اتين صدي عيسوي تائين لنڪا، اُتر هندستان جي موريا ۽ گپتا ڪلچر کان متاثر رهي ۽ نائين صديءَ کان ڏکڻ هندستان جي سياسي ۽ تهذيبي حلقء اثر ۾ داخل ٿي. ڪرشنا نديءَ جي اولهہ ۾ انهيءَ وقت چولا، پانڊيہ ۽ ڪيرالا جون بادشاهيون قائم هيون. لنڪا جي تخت جا مختلف دعويدار پنهنجي گهرو جنگين جي دوران گهڻو ڪري انهن بادشاهن کان مدد وٺندا هئا. يارهين صديءَ ۾ چولا جي رهاڪن انوراڌاپورا جي بادشاهت کي شڪست ڏيئي ٻيٽ جي وڏي حصي کي چولا سلطنت سان شامل ڪري ڇڏيو ۽ پولو نروا کي پنهنجي راڄڌاني مقرر ڪيائون. پر انهيءَ صدي ۾ سنهالي بادشاهہ پراڪرم باهو – ٻهريون، ڏکڻ هندستان جي تسلط کان آزاد ٿي ٻيهر پنهنجي سلطنت قائم ڪري ورتي.

'لنڪا جو تخت انوراڌاپورا تيرهن سؤ سالن تائين آباد رهيو. اهو عرصو روم، قرطاجنہ ۽ ٿيبز کان ڊگهو آهي. ۽ پوءِ جهنگل کيس ڳڙڪائي ويو.

'پولو نروا، لنڪا جي عظيم ترين بادشاهہ پراڪرم باهو- ٻهرين جي عهد ۾، پنهنجي عروج تي پهچي چڪو هو. هن شاندار ٿيئٽر هال، محلات، آرٽ گئلريون، استوپ ۽ مندر جوڙيا. هن سموري ٻيٽ ۾ آبپاشيءَ جو اهڙو زبردست ۽ حيرت انگيز انتظام ڪيو جو پري پري ڪشمير جا حاڪم پڻ هتان کان انجنيئر گهرائيندا هئا. (ڪولمبو پلان انهيءَ وقت کان شروع ٿيو هو — ليزلي مارش دل ۾ چيو.)

'پرياڪرم باهو عظيم الشان مصنوعي سمنڊ تيار ڪرايو. (لکندي هُن 'سمندر' ڏانهن ڏٺو ۽ وري سامهون لڳل فرمان تي نظر وڌائين: 'برسات جو ٿورو پاڻي بہ انسان جي ڪم اچڻ کان سواءِ سمنڊ ۾ وهي نہ وڃڻ گهرجي.') انهيءَ کان پوءِ زوال شروع ٿيو'

لزلي مارش لکڻ جاري رکيو.

'۽ آهستي آهستي ايندڙ صدين ۾ پولونروا بہ جهنگل جي وڌندڙ سيلاب ۾ غرق ٿي ويو.

"هُن گهڙي ڏٺي. هاڻي هلڻ گهرجي نہ تہ رات تائين سگريہ پهچي نہ سگهبو. ڪتاب ۽ ڪاغذ سميٽي هن پورٽ فوليو ۾ رکيا ۽ ريسٽ هائوس مان ٻاهر نڪتو. ڪجهہ قدمن تي پراڪرم باهو جو عاليشان

مجسمو هڪ هيٺاهين چوٽيءَ تي بيٺل هو. انهيءَ مجسمي کي سنهالي سنگتراشن نؤ سو ورهيہ اڳي ٺاهيو هو. انهيءَ مجسمي جي پاڇي ۾ بيهي، لزلي مارش پاڻ کي بيحد حقير محسوس ڪيو. ’مان ڪير آهيان؟‘ دور دراز نيو انگليند کان آيل لزلي ونسٽ مارشل، جيڪو هن وقت مشرق کي تهذيب سيکارڻ نڪتو آهي، جيڪو سمجهي ٿو تہ مشرق جي سڀني دکن جو علاج فقط وٽس آهي، مشرق کي پنهنجي دکن جو پاڻ ئي علاج ڪرڻ جو ڪوبہ حق ناهي.

مجسمي جي پرسان، مٽي جا وار ڪُتل ۽ ڪاري رنگ جو هڪ نوجوان، اکيون ڦاڙي ۽ ڏند ڪڍي بيٺو هو، جيڪو شايد ڪانئس خرچي گهري رهيو هو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ هُو، انهن قديم جهنگلن، انهن سرسبز ٽڪرين، انهيءَ لهرون هڻندڙ نيري ڍنڍ، انهيءَ ڳاڙهي پٿر جي نيري مجسمي جو روح آهي، جيڪو اڄ جي ڪلچرڊ دنيا جي اونداهي لاشعور ۾ اوچتو نمودار ٿي مٿس چٿرون ڪري رهيو آهي.

ڪيمرا کڻي، هو ٽڪرين جي چوٽين تان لهندو هوا ۾ سوسات ڪندڙ ڍگهن وڻن جي جهنگل ۾ داخل ٿيو، جتي ڳاڙهي پٿر جا ڪندر چؤطرف پري پري تائين پکڙيل هئا.

اُڪر ٿيل ٿنڀن جي ’مون اسٽون‘ تي ويهي، هو پنهنجي ڪيمرا فوڪس ڪري رهيو هو تہ ڪيس اوچتو هوءَ نظر اچي ويئي. هوءَ ٻئي طرف کان ڏاڪڻ لهي پراڪرم باهو جي ’پنجاھ ڪرم واري محل‘ ڏانهن وڃي رهي هئي. هو هڪدم پٺيان ٿيو. گاھ تي وکريل پيلن پنن تي هن جي قدمن جي آهٽ ٻڌي، هُن پُٺ ورائي.

”هاءِ.“ لزلي مارش مشڪي چيو.

”هاءِ“ جواب ۾ هوءَ بہ مشڪي.

هو ساڻس گڏ هلڻ لڳو. ”هيءُ ٻيٽ ايترو قدر خوبصورت آهي، جو سمجھ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڪجي.“ هن ڳالھ شروع ڪئي.

”ها.“ واڳٽائي ساڙهي واري ڇوڪري جواب ڏنو. ”اسان جي مقدس ڪتاب رامايڻ ۾ لکيل آهي تہ سائي ۽ سونهري لنڪا اهڙي تہ دلفريب هئي ڄڻ آڪاش تي باغ لڳل هجي.“

”ڪيڏو حسين اڏاوت جو نمونو آهي اِهو!“ لزلي مارش، محل کي ڏسندي حيرت ۾ بيهي چيو. ”مان جڏهن بہ ايشيا ايندو آهيان تہ پنهنجو پاڻ کي بيحد ننڍو محسوس ڪندو آهيان.“

”تو ڏکڻ هندستان جا مندر ڏٺا آهن؟“

”ها. تون بہ هندستاني آهين نہ؟“

”ها. هُو ڏس ُست محفل وهار. ‘ اهو راڻي روپ متي ٺهرايو هو. مون هاڻي گائيڊ بوڪ ۾ ڏٺو.“

”منهنجو نالو ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش آهي. مان هارورڊ کان آيو آهيان.“

”مان ڊاڪٽر ميرچنداڻي آهيان. مان 1954ع تائين ڪولمبو ۾ پڙهي آهيان.“

”مس ميرچنداڻي يا مسز ميرچنداڻي؟“

”ميرچنداڻي منهنجو ميڊن (Maiden) نالو آهي.“

”توکي خبر آهي تہ مان ڪولمبو کان هيستائين تنهنجو پيڇو ڪندو آيو آهيان. تو هڪ دفعو بہ پويان مُڙي نہ ڏٺو.“

”هارورڊ جا ماڻهو تہ بيحد سنجيدا ۽ معقوليت پسند مشهور آهن.“

”ها ها ها. تون ڪولمبيا ۾ انگلش ڊپارٽمنٽ جي ڊاڪٽر ايڊورڊ مارش کي سڃاڻين؟ هو منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي.“

ڪنڊرن جا چڪر ڏيندي، هنن آمريڪا جون ڳالهيون شروع ڪيون. هو انهيءَ پس منظر مان آيو هو، جتي سيتا پنهنجي زندگيءَ جو بهترين وقت گذاريو هو. شايد انهيءَ ڪري هن اجنبي آمريڪي سان هڪ عجيب ويجهائپ محسوس ٿي.

’اينٿراپالاجي‘ ۽ ’آرڪيالاجي‘ منهنجا وٽندڙ مضمون آهن. پر يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل سائنس پڙهائيندو آهيان. اڄ ڪلھ هڪ ڪتاب لکڻ خاطر هتي آيو آهيان. تون بہ ڪتاب لکڻ آئي آهين؟“

”نہ. هي ڏس.“ هن جلدي گائيڊ بوڪ کوليو. ”هيءُ راڻين جي وهنجڻ لاءِ ڪنول جي شڪل جهڙو تلاءُ. هتي لڪيل آهي تہ انهيءَ ۾ پراڪرام سمندر مان ڪسيءَ جي ذريعي پاڻي پريو ويندو هو.“

اُهي سموري ڪنڊر ۾ گهمندا رهيا. لنڪا تلڪ مندر. جيت ون وهار. راڻي روپ متيءَ جو ٺهرايل استوپ. پراڪرم باهو جي راڻي ’سيدرا‘ جو ٺهرايل ’ڪيري وهار.‘ ڏکڻ هندستان جي طرز جا پڳل تتل شيوديوالا. سرن مان جوڙيل گوتم ٻڌ جو بيحد ڊگهو مجسمو، جيڪو سڌو بيٺل هو ۽ جنهن جي گوتڪ وضع جي مندر جي ڇت ڪري چڪي هئي. ڪارين ٽاڪرو چوٽين وچ ۾ گاھ تي ليٽيل گوتم ٻڌ، جنهن کي ’نرواڻ پدوي‘ ملي چڪي هئي ۽ جنهن جي سيرانديءَ کان آنند هٿ ٻڌي پنهنجي مالڪ جي موت تي اداس بيٺو هو. هڪ وڏي ۽ ويڪري چبوتري تي پدم آسڻ ۾ ويٺل گوتم ٻڌ، جنهن جي

سامهون وٽن تي پوڄارين پنهنجون پنهنجون مرادون ماڻڻ لاءِ سفيد جهنڊيون ٻڌي رکيون هيون. ۽ جنهن جي چوطرف سنهالي عورتون اڇي سجدي ۾ ڪري پيون هيون. مورن، هاٿين ۽ راج هنسن جا نفيس ۽ لسا مون استون. لزلي هڪ هڪ شيءِ ڏسي بي حال ٿيندو تي ويو.

”توهان آمريڪي به خوب آهيو.“ سيتا کلي چيو.

”هو ڏس، ’ست محل پرسات.‘“ لزلي سامهون اشارو ڪيو. انهيءَ زماني ۾ ماڻهو ست ست ماڙ عمارتون جوڙائيندا هئا. ڪمال آهي!“

”رامايڻ ۾ تلسي داس لکيو آهي ته لنڪا جا محل خود وشو ڪرم پنڊار جي ديوتا ڪُبير جي رهائش لاءِ پنهنجي هٿن سان جوڙيا هئا.“ سيتا چيو.

”جي؟ وري چئجو.“ هن هڪدم پنهنجو نوٽ بڪ ڪڍيو. سيتا کِلي پيئي. ”۽ اهو به لکو ته وشٽو، جادو جو شهر جوڙيو هو. جنهن ۾ شهزادي وشو- موهني رهندي هئي.“ هوءَ هڪ پڳل ٿنڀي تي ويهي رهي.

لزلي نوٽ بڪ بند ڪري ڇڏيو.

”توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان.“ هن چيو. ”هندو ديومالا ۽ رامايڻ جي ڪهاڻي پڙهي، مان هميشه سوچيندو هوس ته سيتا ڪهڙي هوندي.“

”۽ اُها اڄ ڏسي ورتي.“ هوءَ اجا زور سان کِلي.

فضول. فضول وقت گذري رهيو آهي.

واپسيءَ ۾ ڪين پري ڪان ’رڻ ڪوٽ وهار‘ جو عظيم الشان استوپ نظر آيو. جنهن جي وسيع گنبذ تي گهاٽو گاهه اُڀري آيو هو. ”ڪيڏي پوائتي ڳالهه آهي.“ سيتا چيو. ”انسان جهنگل جي سامهون بيوس ٿي ٿو پوي.“

”ها.“ لزلي کيس غور سان ڏسندي جواب ڏنو. ”تون بلڪل ٺيڪ ٿي چئين.“

ريسٽ هائوس جي اڳيان پهچي هن سيتا کي چيو. ”جيڪڏهن تون اهو نٿي چاهين ته مان ٻيهر تنهنجو پيڇو شروع ڪريان ته تون منهنجي ڪار ۾ اچ ۽ پنهنجي ڊرائيور کي چؤ ته اسان جي پويان پويان اچي.“

سيتا ائين ئي ڪيو.

پولونروا جا کنڊر پويان ڇڏي، اُهي وري سڌي رستي تي آيا. سيتا مٿو پويان ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيون. گذريل سال هوءَ عرفان سان بهاولپور جي مٽيهاٽي رستي تان لنگهي رهي هئي. عرفان هن وقت ڪولمبو ۾ هو. جميل به ڪولمبو ۾ هو. هوءَ لزلي ونسنٽ مارش سان گڏ سگريه وڃي رهي هئي.

رات ٿي ويئي.

’ستي ساوتريءَ جهنگل ۾ چيو هو: رات اسان جي چوڌاري گهري ٿيندي ٿي وڃي. سج لهي چڪو آهي. رات جا حيوان چئني طرفن کان گهمي رهيا آهن ۽ ڏاڍي بي رحميءَ سان طنزيه ٽهڪ پيا ڏين. انهن جي هلڻ سان پن ڪڙ ڪڙ پيا ڪن. ڏکڻ اولهه کان ايندڙ گدڙن جون ڀيانڪ اونائيون منهنجي دماغ کي لوڏي رهيون آهن. منهنجي دماغ کي... منهنجي دماغ ...‘

رات جي اونداهيءَ ۾ سگريه ريسٽ هائوس تي گهري خاموشي ڇانيل هئي.

”تنهنجي رزرويشين موجود آهي؟“ لزلي ڪار مان لهندي پڇيو.

”ها.“

”توهان جو ڪمرو هن طرف وِنگ ۾ آهي، ڊاڪٽر مارش.“ ريسٽ هائوس جي مئنيجر اچي چيو.

”چڱو مهرباني.“ هو اٽيچي ڪيس کڻي ڊگها ڊگها قدم کڻندو بئي وراندي ڏانهن هليو ويو.

صبح جو جڏهن هوءَ پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتي ته هو وراندي ۾ ويهي ٽائيپ ڪري رهيو هو.

”گڊ مارننگ!“ هن منهن مٿي کڻي چيو.

”گڊ مارننگ ٽو يو پروفيسر!“ سيتا وراڻيو ۽ پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

هو ٽائيپ ڪرڻ ۾ مصروف رهيو.

”ڇا لکي رهيا آهيو؟“

لزلي ٽائيپ ڪيل ڪاغذ ڏانهس وڌايا.

’ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر‘ ’سيلون جي سري لنڪا فريڊم پارٽيءَ جو ونگ‘ بئي باب جو پهريون عنوان هو. هوءَ ڪجهه صفحن تي نظر وجهي بيزاريءَ سان ٻاهر ڏسڻ لڳي.

”تنهنجي ڳالهين مان لڳو هئم ته تون معقول قسم جو ڊيموڪريٽڪ آهين.“ ڪجهه منٽ رکي هن چيو.

لزلي ٽائيپ بند ڪري ڪلڻ لڳو. ”مون ڪلهه شام پولونروا ۾ توسان بحث ڪرڻ کان پوءِ طئہ ڪيو آهي تہ ايڏيون خوبصورت گهڙيون سياسي گفتگوءَ ۾ برباد نہ ڪندس ڇو تہ جڏهن تون تقرير شروع ڪري ٿين تہ ٻئي ڪنهن کي ڳالهائڻ ئي نٿي ڏين ۽ اهڙي طرح تمام قيمتي وقت ضايع ٿئي ٿو. تو جهڙين حسين ڇوڪرين کي انٽلڪچوئل بلڪل ٿيڻ نہ گهرجي.“

سيتا ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو ۽ ساٽس گڏجي بريڪ فاسٽ جي ميز ڏانهن ويئي.

نيرن ڪائڻ کان پوءِ هن گهڙي ڏٺي.

”هاڻي جلدي سگريہ ڏسي اچڻ گهرجي.“

”ڇو؟ ڪهڙي جلدي آهي؟“ لزلي سندس سگريٽ دکائيندي پڇيو.

”منهنجي دل ٿي چوي تہ هڪ ٻہ ڏينهن هتي رهڻ گهرجي.“

”مون کي اڱاري جي صبح جو ڪولمبو واپس پهچڻو آهي.“

”ڪولمبو پهچڻ لاءِ ايڏي تڪڙ ڇو آهي؟ تو تہ چيو ٿي تہ پراچين لنڪا جي سياحت لاءِ آئي آهين. انگريزن جي آباد ڪيل هن ڪالونيل (Colonial) شهر ۾ ڇا رکيو آهي؟“

هوءَ ميز تي ماچس جي تيلين مان اکر ٺاهڻ ۾ لڳي رهي. هڪ تمام ننڍي عمر وارو سنهالي جوڙو، جنهن جي انداز مان ظاهر ٿيو ٿي ڇڻ هني مون ملهائڻ آيو هجي، پنهنجي ڪمري مان نڪري ڪائونٽر تي آيو. ڇوڪري، ڪولمبو ٽرنڪ ڪال ڪري رهي هئي:

”مما، اسان خير سان آهيون. ڇگو... مان؟ ماني تمام سٺي آهي... ها ها. مون اوولٽين پيتي آهي. مان رتنا کي تمام گهڻا پڪچر پوسٽ ڪارڊ موڪليندس. جارج سان ڳالهاءِ.“

ڪافي ختم ڪري لزلي اُٿي بيٺو. ”جيڪا تنهنجي مرضي. هلو، سگريہ ڏسي اچون.“

سگريہ جي ڇهہ سؤ فٽ هيبتناڪ چوٽيءَ تي پهچندي پهچندي ڪافي وقت لڳي ويو. هوا ڏاڍي تيز هئي ۽ هلڪي اُس هيٺين حد تائين ٻنين ۾ ڦهليل هئي.

پري اُفق ۾ تيز نيرين ٽڪريون ڏسڻ ۾ پئي آيون. چوٽيءَ تي پهچي ڇوڏاري ڏسندي هُن هڪدم لزلي کي چيو، ”گناهہ جو احساس سگريہ جي چوٽي وانگر خوفناڪ ۽ اٽل، اونداهو ۽ ڊيجارينڊڙ آهي.“

”تون ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون گهريون ڳالهيون ڪندي آهين جو انهن لاءِ باقاعدي فوٽ نوٽس جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. ٻڌاءِ، دنيا جي ڪهڙي لائبريريءَ ۾ تنهنجي ڳالهين جو اشارو ملي سگهي ٿو؟“ لزلي چيو.

سيتا اکين جا ڇپر ڪٽي ڏانهس ڏٺو. ڪيتري قدر احمق ماڻهو آهي.

فضول فضول فضول.

هڪ ٻي چوٽيءَ جي سطح کي پار ڪري هوءَ فرسيڪوز ڏانهن ويندڙ لوهي ڏاڪڻ هيٺ پهچي ويئي.

لزلي هڪ قدم پٽ تي رکي مٽي نهاريو.

”جيڪڏهن اِتان ڪان ماڻهو ڪري پوي ته ڪيئن ٿا ڀانيو؟!“ هن اکين تي هٿ رکي ڇانوَ ڪندي وري چوطرف ڏٺو. هڪدم هن مُڙي سيتا کان سوال ڪيو. ”تون گناهه جي احساس جي ڪهڙي ڳالهه ڪري رهي هئينءَ؟“

”ڪجهه نه.“ هوءَ پٽ تي ويهي رهي.

”مون کي ضرور ٻڌاءِ.“ لزلي ضد ڪيو.

”رات مان سگريه جي ڪهاڻي پڙهي رهي هيس.“ سيتا ڳالهه ٽارڻ لاءِ چوڻ شروع ڪيو. ”ته پنجين عيسوي صديءَ ۾ ڌتوسين لنڪا جو راجا هو.“

لزلي هڪدم نوٽ بوڪ ڪڍيو ۽ گوڏا کوڙي سندس سامهون ويهي رهيو.

”ڪيس ۽ پٽ هئا.“ سيتا هوا جي لهر تي اڏامندڙ رئي جي پلوءَ کي چيلهه جي چوڌاري ويڙهيندي چيو. ”ڪيشيپ ۽ موگُلنا. راجا جي ڌيُ جي شادي سندس سيناپتيءَ سان ٿيل هئي. هڪ ڏينهن راجڪماري پنهنجي پيءُ کي چيو ته سندس پتي ڪيس چهبڪ سان ماريو آهي. ڌتوسين غصي ۾ اچي سندس سس کي جيئري جلائي ڇڏيو. سيناپتي، راجا تي پاڻ حملو نٿي ڪري سگهيو. تنهنڪري هن ڪيشيپ کي پاڻ سان گڏ ڪيو ۽ ڪيشيپ بغاوت ڪرڻ کان پوءِ، پٽس کي جيئري دفن ڪيو ۽ پاڻ تخت تي ويٺو. موگلنا ساهه بچائي هندستان ڀڄي ويو پر ڪانئس پوءِ مهاراجا ڪيشيپ کي گناهه جو احساس ستائڻ شروع ڪيو. ڪيس يقين ٿي ويو ته انتقام جي ديوي ڪيس سندس ڏوهه جي سزا ڏيندي. انهيءَ ڪري هر وقت ڊنل راجا، سگريه جي انهيءَ اوچي چوٽيءَ تي پنهنجو قلعو جوڙايو، جيئن دنيا کان محفوظ رهي

سگهي. انهيءَ چوٽيءَ جي سطح تي هن محل، ٻه محلا، تلاءُ ۽ حوض ٺهرايا ۽ هتي رهڻ لڳو پر ارڙهن سالن کان پوءِ...“

هن پيت تان اُتي وري متي چڙهڻ شروع ڪيو. لزلي نوٽ بوڪ ڪٽي گڏ ڪنڌ جهُڪائي ڏاڍي ڌيان سان کهاڻي ٻڌندو پئي ويو. هلندي هلندي هڪ ڏاڪي تي سيتا جو پير ترڪي پيو.

”اڙي اڙي! سنڀالي هل.“ هن گهبرائجي چيو. ”ها پوءِ؟“

”ارڙهن سالن کان پوءِ موگلنا فوج وٺي هندستان کان موٽيو ۽ انهيءَ چوٽيءَ هيٺيان پنهنجي پاءُ سان جنگ جوٽيائين ۽ ڪيشيپ جنگ جي ميدان ۾ خودڪشي ڪئي.“

اُنهن خطرناڪ لوهي ڏاڪڻ چڙهڻ شروع ڪئي ۽ چند منٽن ۾ متي پهچي ويا. چوٽيءَ جي بلڪل ڪناري سان گئلري هئي، جنهن جي ديوار تي اجنتا جي نموني جا فريسڪوز ٺهيل هئا.

”گلن جي ورڪا ڪندڙ اپسرا جي ري پراڊڪشن ايترا پيرا ڏٺي اٿم جو ڪيس سچ پچ ڏسندي اعتبار نٿو اچي.“ لزلي چيو.

”تو اجنتا جا فريسڪوز ڏٺا آهن؟“ سيتا پڇيو.

”نه، هاڻي وڃي ڏسندس. ٿورو سوچ، اهي خوبصورت تصويرون کهڙن فنڪارن ڪيڏا جوڪا، ڪٽي ناهيون هونديون!“

”اجنتا ڏسڻ کان پوءِ، هي پنج ڇهه ننڍيون ننڍيون تصويرون بلڪل پٿر جهڙيون ٿيون لڳن. مون کي ته ڏاڍي مايوسي ٿي. اجايو ايترو متي چڙهي آيس. هلو هاڻي هيٺ هلي گريفتي ڏسون.“ سيتا گائيڊ بوڪ کولي چيو. لزلي تصويرون ڏسڻ ۾ محو هو. هوءَ سندس پرسان وڃي بيٺي.

”تنهنجي تصوير جيڪڏهن ڪنهن قديم پٿرائين ديوار تي اهڙي طرح ٺاهي وڃي ته جيڪر ڪيئن لڳي؟“

لزلي مڙي ڪيس غور سان ڏسندي چيو، ”خبر ناهي ته اهي ڇوڪريون ڪير هيون.“

سيتا وارن جي چڳ نرڙ تان هٽائي آهستي چيو، ”وجولتا- وج جي شهزادي. ميگهه لتا- بادلن جي آشهزادي. اپسرائون- رميا ۽ مينڪا.“

هن گائيڊ بوڪ ۾ انهن جا نالا پڙهيا. انهن اپسرائن جون ماڊل ڇوڪريون اصل زندگيءَ ۾ ڪهڙيون رهيون هونديون.

فريسڪوز ڪان اڳتي وڌي. اُهي گريفتيءَ جي ڏگهي ديوار هيٺ بيهي رهيا. هيٺ شهر جي عظيم الشان چنبن جي وچان نڪري، ڪي سياح ڏاڪڻ چڙهي رهيا هئا. سنهاگريءَ جو پوائنٽو پاڇو پري پري تائين ٻنين تي پئجي رهيو هو.

”سگريه ايندڙ سياحن، ڪيئن صديون اڳ اُنهيءَ ديوار تي جيڪي ڪجھ لکيو هو، ساڳي طرح محفوظ آهي.“ سيتا گائيڊ بوڪ کولي پڙهڻ شروع ڪيو: ”هن عظيم الشان گريفتيءَ تي، جيڪا ’شيشي جي ديوار‘ سڏجي ٿي، ڇهه سؤ اسي تحريرون اُڪريل آهن، جن کي تو مون جهڙن سياحن لکيو هوندو. گهڻا مزاحيه نظم سوال جواب جي صورت ۾ آهن.

’دوست‘... هڪ هنڌ لکيل آهي: ’انهن سونهري ڇوڪرين جون تصويرون هر هنڌ متجي سپني مثل ٿي ويون آهن. ڪٿان ڪٿان انهن جو رنگ اڏامي ويو آهي ... ڇا هاڻي ڪو اهڙو باقي بچيو ناهي جو سندن زماني ۾ ساڻن پيار ڪندو هجي؟‘

هڪ هنڌ ڪنهن عورت لکيو آهي: ’ٻُڌ ٻُڌو، اسان ڇوڪريون توهان سان مخاطب آهيون — توهان، احمقو! توهان، جيڪي سگريه آيا آهيون ... گيت ڳائڻ ۽ نظمن لکڻ کان سواءِ توهان اهو به سوچيو آهي ته اسان عورتون آهيون ۽ اسان کي مدرا گهرجي.‘

ڪينڊيءَ ۾ شاطوءَ جي دريءَ مان ڍنڍ نظر پئي آئي، جنهن جي چؤطرف ٽڪرين تي ڳاڙهين ڇتين وارا بنگلا پام جي گهاٽي جهرمر ۾ لڪا بيٺا هئا. ٽڪرين تي ور وڪڙ کائيندو چانو وارا ڊرائيوز (Drives) هئا، جن جا نالا سابق برطانوي گورنرن جي زالن جي نالن تي رکيا ويا هئا: ليڊي هورٽن. ليڊي بليڪس. ليڊي مڪ ڪليم ... آسمان سامهون، ’بائبل راڪ‘ کُتل هئي.

شاطوءَ جي مالڪ ڪو رومن ڪئٿولڪ بئريسٽر هو، جنهن جو اڏ نالو پورچوگالي، اڌ سنهالي ۽ اڌ تامل هو. هيٺين منزل جي ڊرائنگ روم ۾ سندس فئملي گروپ جا فوٽا ٽنگيل هئا. مٿي ڊائننگ روم ۾ بئريسٽر جي روغني تصوير ٽنگيل هئي. تصوير جي هيٺيان لکيل هو: ’ڊون فرننڊيز ڊي ڪوسٽا سمر سنگهار ونامد ليار.‘

”ڪالونيل مشرق ۽ سامراجي مغرب جو اهو ناجائز ڳانڍاپو مون کي هانگ ڪانگ کان وٺي گوا تائين هر هنڌ ڏسڻ لاءِ مليو تو.“ لزلي نئپڪن ڪٽي دريءَ پرسان ڊائننگ ٽيبل تي ويهي ڇيو.

”تو ڪينڊيءَ جي رقاصائن جو ناچ ڏٺو آهي؟“ سيتا پڇيو.

”ها، مان جنگ جي زماني ۾ برما ويندي، هتي ڪجھ ڏينهن ترسيو هوس ۽ اتفاق سان اِنهيءَ شاطوءَ ۾ ترسيو هوس. انهيءَ زماني ۾ ڪيندي، لارڊ مائونٽ بيٽن جي سائوٿ ايسٽ ايشيا ڪمانڊ جو هيڊڪوارٽر هو.“

پوءِ هو ترسي ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو.

”ڇا ٿو سوچين؟“ سيتا سلاد جي پليٽ ڏانهس وڌائيندي سوال ڪيو.

”ڪجھ به نہ.“ هن چرڪي چيو. ”برما ۾ ڏاڍو زخمي ٿيو هوس ۽ ڪئين سال جنگي قيدي ٿي رهيو هوس. منهنجا ٻہ ننڍا ڀائر ٽوڪيو تي بمباري ڪندي مارجي ويا هئا. جنگ ڏاڍي خوفناڪ شيءِ آهي، هني!“

”۽ هاڻي تون هڪ ٻي جنگ وڙهڻ ٿو چاهين.“

””چو تہ تنهنجي هن خوبصورت ايشيا کي ڪميونزم کان بچائڻ لازمي آهي، هني.“

سيتا هڪ دفعو وري خاموشيءَ سان کائڻ شروع ڪري ڏنو. ”هلو تہ سُٺن سياحن وانگر ’ڏند مندر‘ ڏسي اچون.“ کائڻ کان پوءِ هن ٿوري بيزاري سان لزلي کي چيو.

ڪينڊيءَ جي مشهور ’ڏند جي مندر‘ ۾ شام جو پوڄا ٿي رهي هئي. انهيءَ سان لاڳيتو ڪينڊيءَ جي آخري مهاراجا ’سري وڪرم راج سنگھ‘ جو ننڍو محل سنسان پيو هو. لزلي انهيءَجي ديوارن جي نقش نگارن کي آگرين سان ڇهندو هليو. انهيءَ بادشاهہ کي 1815ع ۾ انگريزن شڪست ڏيئي لنڪا تي قبضو ڪيو هو. سيتا کي ياد آيو، هن ڪولمبو ميوزيم ۾ سري وڪرم راج سنگھ جي راڻيءَ جو طلسمي بلائوز هڪ شوڪيس ۾ رکيل ڏٺو هو. جنهن جي ڪلهي وٽ رت جو هلڪو داغ هو. بلائوز جي هيٺيان لکيل هو: ’ڪينڊيءَ کي ناس ڪرڻ کان پوءِ راج محل تي حملو ڪندڙ برطانوي سپاهين مهاراڻيءَ جي ڪنن مان جيڪي واليون ڪڍيون هيون، اِهو انهيءَ جو رت آهي!‘

جهانسيءَ جي لڪشمي ٻائي. لکنؤ جي راڻي حضرت محل. ڪينڊيءَ جي مهاراڻي.

شاطو واپس اچي رات جو مانيءَ کائڻ کان پوءِ لزلي سان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ بدران، هوءَ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. هوءَ ساڍس ٽي ڏينهن مسلسل ڳالهيون ڪري بيزار ٿي پيئي هئي.

ڪافي رات گذرڻ کان پوءِ لزلي جي ڪمري مان ٽائيپ رائيٽر جو آواز ايندو رهيو. شايد هو انهيءَ وقت ’ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر‘ جو ٽيون باب لکي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن سوير اُهي ڪينديءَ مان روانا ٿيا. شهر کان ٻاهر مهاويلي گنگا ۾ هاٿي وهنجي رهيا هئا، ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي سيلون يونيورسٽيءَ جون ڳاڙهي رنگ جون خوبصورت عمارتون پري پري تائين ٽڪرين تي پکڙيل هيون. چانو وارن رستن تي سوٽي ساڙهين ۾ سانوري رنگت جون ڇوڪريون ڪتاب کڻي هيڏانهن هوڏانهن آيون ۽ ويون پئي. ’خبر ناهي، ويچارين جي قسمت ۾ ڇا ڇا لکيل آهي؟‘ ڪار ۾ لزليءَ جي پرسان ويٺي هن سوچيو: هوءَ به ڪنهن زماني ۾ ساڳي ذوق ۽ شوق سان ڪتاب کڻي پڙهڻ ويندي هئي.‘ هاڻي ڪيس سمجهه ۾ آيو ته سندس ساهورن جون وڏيون، ڪنوارين ڇوڪرين کي سلام جي جواب ۾ الله نصيب چڱو ڪريئي‘ ڇو چونديون هيون. وڏي ماسي، وچين ماسي ۽ ننڍي ماسي- ٽيئي جواب ۾ ڪيس ’سدا سهاڳڻ رهين‘ ۽ ’سينڌ ٿڌي رهي‘ جون دعائون ڇو ڪنديون هيون!

ڪينڊيءَ کان اڳتي اوچتو وڏيڪ اوچن جبلن جو سلسلو شروع ٿي ويو. پام جا جهڳٽا هاڻي ختم ٿيندا ٿي ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ اوچن الپائن جي وڻن ورتي هئي.

ٽپهريءَ جو اهي انوارا ايليا جي هِل اسٽيشن تي پهچي ويا. ’روشنين جو شهر.‘

انگريز ڪنٽري هائوس جي نموني جي ٻماڙ ’گرينڊ هوٽل‘ هڪ گلن سان ڍڪيل ٽڪريءَ تي ٻيٺل هئي.، ان وقت هلڪي هلڪي برسات پئجي چُڪي هئي. هوا ۾ جابلو گلاب جي تيز سُڳنڌ هئي. هر طرف ڊيزي ۽ ڪارمنيشن جا ٻوٽا لهرائي رهيا هئا. هوٽل اندران مڌم مغربي موسيقيءَ جو آواز پئي آيو.

”اوهه!“ لزلي ڪار مان لهي هوا کي سُنگهندي چيو، ”مون کي هڪدم ائين پيو لڳي ڄڻ ايشيا جي تند و تيز سحر کان بچي هڪ پيرو وري پنهنجي محفوظ ۽ سرد مغرب ۾ واپس اچي ويو آهيان.“

جيتري دير ۾ سيتا پنهنجو سامان سنڀالي نڪتي، هو هال ۾ وڃي ڪائونٽر تي ويهي ڪلرڪ سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿ ي چڪو هو. هوءَ به پرسان وڃي ويهي رهي. ڪلرڪ رجسٽر کوليو ۽ لزلي ڏانهن سوالي نظرن سان ڏٺائين.

”ڊبل روم سَر؟“

”ها.“ لزلي جواب ڏنو.

”نالو؟“

”مسٽر اينڊ مسز لزلي.“ مارفش لزلي جواب ڏنو.

ڪلرڪ لکي ڇڏيو.

”توکي ڪو اعتراض تہ ناهي، هني؟“ هن آهستي پڇيو.

هوءَ چپ رهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو جبلن تي تمام گهاٽو ڪوهيڙو ڇانيل هو. ڏنڌ صاف ڪري سيتا هائوس ڪوٽ پائي دريءَ تي ويٺي ۽ گلن وارو پڙدو هٽائي ٻاهر ڏسڻ لڳي.

”اڄ ڪهڙو پروگرام آهي؟ هن مُڙي لزلي کان پڇيو.

”تون ٿي ٻڌاءِ.“ هن شيوَ ڪندي ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان جواب ڏنو.

”مان تنهنجي وس آهيان.“

سيتا دريءَ جي سرد شيشي سان نڪ لڳائي دير تائين ٻاهر جو نظارو ڏسندي رهندي.

لزلي هاٿي انتهائي بي سُري آواز ۾ ڏکڻ پلانٽيشنز جو هڪ اُداس نغمو جهونگاري رهيو هو. ٻاهر چوٽين تان بادل ترندا پئي ويا. پري جبلن تي آبشار تيزيءَ سان ڪري رهيا هئا.

نوارا ايليا ۾ زمين هڪ فوٽ تائين ڪاري آهي. هتان جي ماڻهن جو عقيدو آهي تہ سيتا کي بچائڻ لاءِ هنومان هتي اچي سموري جبل کي باهہ لڳائي هئي ۽ تڏهن کان اها زمين سڙيل آهي. سيتا هتي ئي گم ٿي هئي. راوڻ، سيتا کي انهيءَ هنڌ قيد ڪري رکيو هو.

ٻن پهرن جو سيتا ۽ لزلي جبلن تي گهمندا ڦرندا هڪ آبشار جي ڪناري وڃي پهتا.

”ٿورو هتي ترسجو.“ سيتا لزلي کي چيو. آبشار کان ٿورو پاسيرو هڪ ننڍو اڇي رنگ جو مندر بيٺل هو. هوءَ ڪار مان لهي چوٽيون پار ڪندي مندر ڏانهن وڌي.. لزلي بہ ڪيمرا کڻي پويان ويو. مندر جي هيٺيان جابلو نديءَ جو شور مچائيندڙ پاڻي وهي رهيو هو. اندران پوڄاري نڪتو. آمريڪي ٽورسٽ کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو جو اڄ دولت جي خدا جو درشن ٿيو هوس. ڏهن رپين کان گهٽ خرچي نہ ڏيندو.

”هيءُ سيتا پرميشوري جو مندر آهي.“ وارن کي ويڙهي، مٿي ۾ عاج جي ڦڻي وجهي، هڪ راهگير سنهالي، سيتا کي ٻڌائي رهيو هو: ”ڏسو مئڊم، اُها آبشار جي پرسان هڪ ننڍي سرنگهہ آهي، جنهن مان سيتا کي ’ايلا‘ مان ماني موڪلي ويندي هئي. راوڻ هتان کان انتيهہ ميل پري ’ايلا‘ ۾ رهندو هو.“

”گڊ گاڊ!“ سيتا زور سان ڪِلي، پر لزلي ڏاڍي عقيدت سان پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ لکندو ويو.

”اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي ڪتاب جي ’فوڪس بليفس‘ (Folks bliefs) جي باب ۾ لکندس. مان ثابت ڪندس تہ تنهنجي ساري ڪميونزم جي باوجود سڄي ايشيا ۾ - هندستان، پاڪستان، لنڪا، هرجاءِ، عوام ڪيڏي شدت سان پنهنجي مذهب جا پابند آهن ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ۾ ڪيڏو اٿل ۽ گهرو ويساهہ رکن ٿا. هاڻي هن ويچاري غريب سنهالي مزدور کي ڏسو! هيءُ ڪيڏي ويساهہ سان پيو ٻڌائي تہ راوڻ هتان کان اٺيهہ ميل پري ايلا ۾ رهندو هو. اها مشرق جي لازوال طاقت آهي، هتي، جنهن کي تنهنجي انڊين ڪميونسٽ پارٽيءَ يا برما جا تخريب پسند يا هتي جا اشتراڪي ۽ ’همسفر‘ ڪير بہ ختم نٿو ڪري سگهي.“

سيتا چوٽيءَ تي جهُڪي اُنهيءَ سرنگهہ ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، جنهن جي وسيلي سيتا کي ماني سپلاءِ ڪئي ويندي هئي.

لزلي منادر جي نيم اونداهي ڪوٺڙيءَ اندر وڃي پوڄاريءَ کان انٽرويو وٺڻ شروع ڪري ڏنو. پوڄاري سندس مٿي تي تلڪ لڳايو. ڊاڪٽر لزلي مارس ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان ڳاڙهو ۽ اڇو تلڪ لڳرايو. مٿي تي تلڪ لڳرائي، هو بيحد مسخرو ٿي لڳو. ويچارو بيوقوف آمريڪن!

اُهي انوارا ايليا جي اِنهيءَ ڪنٽري هائوس جي انهيءَ سرخ گلن جي پردن واري ڪمري ۾، جنهن جي ٻاهران جابلو گلاب ٽڙيل هئا ۽ پري کان آبشار جو آواز آيو ٿي، چار ڏينهن رهيا پيا هئا.

# 13

” ... ۽ هنومان راڪشس جي محل اندر ويو پر سيتا اُتي نہ هئي. انهيءَ محل جي پرسان هڪ ٻيو محل هو، جنهن جي اندر هريءَ جو مندر ٺهيل هو، جتي وڀيشڻ رهندو هو، جيڪو هري ڀڳت هو. هن هنومان کي چيو: مان هن جاءِ تي ائين رهندو آهيان جيئن ڏندن جي وچ ۾ زبان.

” ... رگهوپتي لڪشمڻ کان پڇيو: ڀاءُ! تون جنڪ جي ڌيءُ کي جهنگل ۾ اڪيلو ڇو ڇڏي آئين. جتي چوطرف راڪشس گهُمن ڦرن پيا!

”رام جهنگل ۾ پڇندو رهيو: پکيو! جانورو! ڀنؤرو! توهان منهنجي مرگهہ نيڻي سيتا کي ڪٿي ڏٺو؟ طوطا، هرڻ، مڇيون، وڄ، پن ڇڻ جو چنڊ، نانگ، ڪام جو تڪش، بدڪون، هاٿي، شينهن، هاٿي پنهنجي حسن تي ڀيهر ناز ڪري سگهن ٿا. ٻڌ جانڪي! ول جو ميوو، سون ۽ ڪيلا هاٿي خوش آهن، ڇو تہ تون وڃي چڪي آهين. اُهي سرها آهن جو هاٿي سونهن ۾ سندن مقابلو ڪوبہ نٿو ڪري سگهي.

”رام جهنگل ۾ هلندي لڪشمڻ کي چيو: ’ڏس لڪشمڻ، جهنگل ڪيڏو خوبصورت آهي! انهيءَ جي سونهن پسي ڪير بيقرار نہ ٿيندو! جڏهن هرڻ اسان جي آهٽ تي اُتي پڄن ٿا تہ اِنهن جون هرڻيون ڪين چون ٿيون، ’ڀڄو نہ، توهان تہ جنم جنم کان هرڻ آهيو. پراهي ٻئي تہ هڪ سونهري هرڻيءَ جي تلاش ۾ آيا آهن. ڀاءُ ڏس، بسنت رت ڪيڏي نہ خوبصورت آهي! ڪامديو، سيتا جي گم ٿيڻ ڪري مون کي اُداس ڏسي، جهنگل ۽ ماکيءَ جي مکين ۽ جهرڪين جي مدد سان مون تي حملو ڪرڻ پيو اچي. وڻن تي پکڙيل وليون، سندس فوج جا تنبو آهن. ڪيلي ۽ تاڙيءَ جا پن، سندس جهنڊا. گلن جا ٻوٽا، سندس تير انداز ۽ ڪوئل جو آواز جڻ سندس جهنگلي هاٿيءَ جي گجڪار آهي. ٻگهہ ۽ مينائون، ڪامديو جا اُٺ آهن. مور ۽ راج هنس، سندس عربي گهوڙا آهن. پاموز پکي (ڪبوتر) ۽ جهنگلي تتر، سندس پيادا آهن. جبلن جون چوٽيون، ڪامديو جا رَٿ آهن. آبشار، سندس نغارا، ۽ سڳنڌ ڀريون هوائون، سندس جاسوس آهن. اي لڪشمڻ، جيڪو ڪام ديو جي فوج جو مقابلو ڪري سگهي ٿو، اُهو سچ پچ وڏو بهادر آهي. ڪام ديوتا جو سڀ کان وڏو هٿيار عورت آهي.

” ...هاٿي سرسبز زمين، گاهہ سان ائين ڍڪجي ويئي آهي جو پيچرا ڏسڻ ۾ بہ نٿا اچن، جيئن مقدس صحيفا بدعتين جي مباحثن ۾ لڪي ويندا آحن. ڪڪرن واري ڪاري رات جي اونداهين ۾ ٽانڊاٽا

ائين پيا چمڪن، جيئن منافقن جو خفيہ جلوس ٿيندو آهي. ٽڪل مسافر هيڏانهن هوڏانهن ائين آرام پيا ڪن، جيئن ڳولائو، گيان حاصل ڪرڻ کان پوءِ آرام ڪندا آهن.

”پر لڪشمڻ، ڏس، ساوڻ گذري ويو ۽ پن چڻ جي رُت اچي ويئي آهي. زمين هاڻي گلن جي پنن سان ائين ڍڪجي ويئي آهي، جيئن ٻڍاپڻ هوريان هوريان ايندو آهي. رستن تي وهندڙ برساتي پاڻي ائين خشڪ ٿي ويو آهي، جيئن آسودگي، حوس کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي.“(1)

فٽ نوٽ

(1) تلسي داس جي لکيل ’رامايڻ‘ مان.

# 14

اونداهي جهنگل ۾ لڪل ريسٽ هائوس جي هيٺين طرف ڪاليني گنگا شور ڪندي سرخي مائل ڪارين چوٽين تان وهي رهي هئي. وڻن تي پکي رات جو اَجهو وٺڻ کان اڳ، زور زور سان ’چون چون‘ ڪري رهيا هئا. هوا ناريل جي وڻن مان سوساٽ ڪري رهي هئي.

سيتا ڪافي دير کان دريءَ تي ويهي نديءَ جي اونداهين لهرن کي ڏسندي رهي هئي. نوارا ايليا کان واپس ايندي، هتي پهچي لزلي مارش ڪانٽس موڪلائي پنهنجي سفر ڏانهن اڳتي روانو ٿي چڪو هو. نوارا ايليا ۾ ڪيس ڪيبل ملي هئي تہ ڪيس هڪدم ڪولمبو موٽي ٽن ڏينهن اندر ڪلڪتي پهچي وڃڻ گهرجي.

سيتا ڪانٽس موڪلائڻ کان پوءِ پنهنجي بيڊ روم جو دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو هو. اهو ڊاڪ بنگلو سيلون جي گهاٽن جهنگلن ۾ لڪل، ٻين ڊاڪ بنگلن وانگر ماڊرن ۽ جڳمڳائيندڙ هو. انهيءَ جو فرنيچر بہ پراڻو هو. فرش تي مُج جون تڏيون وڇايل هيون. ڊريسنگ ٽيبل جون آرسيون تمام ڏنڌليون هيون. ٻيو ڪو غير ملڪي سياح انهيءَ وقت اُتي موجود نہ هو. هوءَ سموري ريسٽ هائوس ۾ بلڪل اڪيلي هئي. امريڪن ايڪسپريس جو ڊرائيور ڪار کي گئريج ۾ بند ڪرڻ کانپوءِ شاگردن ڏانهن وڃي چڪو هو. مانيءَ کائڻ وقت بٽري ڏند ڪڍي ڪيس چيو هو: ”ميڊم! برِج آن رِورَ ڪِوائي ( Bridge on River Kiwai) جي شوٽنگ هن هنڌ تي ٿي هئي. هو سامهون هنڌ. جتان گنگا وهي ٿي، اُها برج اِنهيءَ تي جوڙي ويئي هئي! اليڪ – گنس ۽ وليم هولڊن ۽ سڀ وڏا ايڪٽر هن ريسٽ هائوس ۾ ترسيا هئا. ڏاڍي رونق هئي، مئڊم!“ هوءَ اها ڳالهہ ٻڌي بہ متاثر نہ ٿي هئي. ماني کائڻ کان پوءِ هوءَ ڪمري ۾ وڃي دريءَ تي ويهي رهي هئي، ۽ انهيءَ کان پوءِ بتي وسائي پلنگ تي ليٽي پيئي هئي. سڀاڻي صبح جو ڪيس ڪولمبو وڃڻو آهي.

رات گهري ٿيندي ويئي. رات، جيڪا چندن جي جهنگلن ۾ ڀٽڪي رهي هئي، لونگ ۽ الائچيءَ جي ٻوٽن ۾ سمهي پيئي هئي. رات، جيڪا ’ڪينديءَ‘ جي مندر جي ڏاڪڻ تي وڪريل سفيد گلن تي سمهيل هئي. رات، جيڪا ڪاليني گنگا جي ڪناري، دريائي گاهہ ۾ نانگ وانگر وراڪا ڏيئي رهي هئي. رات، جيڪا اونداهن جهنگلن ۾ لڪل ڊچ ۽ پورچوگالي ديولين وانگر خاموش هئي. رات، جيڪا

ڪينديءَ جي شاهي هاٿين جي شاهي مهاوت وانگر باوقار ۽ مغرور هئي. رات، جيڪا گنگا ۾ وهندڙ هاٿين وانگر ڪاري ۽ رفتار ۾ ڍري هئي. ڪينديءَ ۾ ٽارچ لائيٽ جلوس نڪري رهيو آهي. ’ٻوڌ جي ڏند جو جلوس.‘ ٻڌ جو ڏند، سون چاندي سان جهنجهيل، هاٿيءَ جي جڳمڳائيندڙ هودي ۾ رکيل هيرن جواهرن جي صندوقڙيءَ ۾ رکيل آهي. گاهه تي ليٽيل ٻُڌ، ڏند ڪڏي ڪِلي رهيو آهي. ڪيس نقلي ڏند لڳل آهن. مهاتما ٻڌ جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا.

رات، جيڪا هنٽرن جو آواز آهي، بنسريءَ جو آواز، بئگ پائپ (Bag pipe) جو آواز، ستارن جو آواز.

’پريام ميورا پرتي نرتيتي.‘ مور پنهنجي محبوبا ڏانهن نچندو وڃي رهيو آهي، پريام ... اڙي مون کي ته سڀئي ٻوليون وسري ويون. ڀلا مان ڪيتريون ٻوليون ڄاڻان ٿي؟ هڪ به نه. مان بلڪل گوني آهيان.

لفظن جا بادشاهه! اي لفظن جا بادشاهه! واٽيءَ ۽ وناٽڪ کي منهنجو پرنام، جن لفظن ۽ انهن جون معنائون جوڙيون آهن ... مان وساک دت آهيان – مهاراجا پاسڪر جو پٽ ... منهنجي مٿان بادلن جي گجگوڙ آهي. منهنجو پريتم پري آهي...

هي ڇا ٿيو؟ اڙي هي ڇا ٿيو؟

امروتيون برفاني جبلن تي آهن ۽ انهن تي ڇپ هٽي نانگ ويٺو آهي ... ڇپ هٽي نانگ...

ابوالحماقت قمرالسلام چوڌري مون کي ’چندي داس‘ جو اُهو ڪهڙو گيت ٻڌايو هو؟

رات اونداهي آهي ۽ ڪارا بادل. تون اهڙي رات ۾ ڪيئن ايندينءَ؟ اهو گل بن ۾ ويٺو مينهن ۾ پسندو رهيو.

منهنجون سس ۽ نڻاڻون ڏاڍيون ظالم آهن.

چندي داس چوي: سکي ڙي، سکي ڙي.

۽ مها ٻُڌ پاڌيئہ شري پروجيش ڪمار چوڌري، ’وديا پتيءَ‘ جي ڪهڙي گيت جي معنيٰ ٻڌائي هئي؟

راڌا جي اڌ ٻوٽيل اکين جي ماڻڪي، ائين آهي ڄڻ ڪنول جي گل تي ڀنور ويٺو هجي. ها ها ها.

۽ هوا جي جهوٽي جي زور تي پنکڙين ۾ سِرڪيو وڃي.

وهنجڻ ڪانپوءِ سندس اکيون، ڪجل لڳڻ سان ائين لڳنديون آهن، ڄڻ ڪنول تي سيندُور لڳل هجي.

۽ اي ي ي ڪ- اي ي ي ڪ

۽ هوءَ رات جو شب رنگ ساڙهي پائي ڪرشن سان ملڻ ويندي آهي.

اجي سُنادي سُنادي ڪرشنا،
تو بنسري ڪي تان سُنادي ڪرشنا.
آن آن آن سُنادي.
رامايڻ ۾ تلسي داس جيءَ لکيو آهي تہ نوجوان عورت شعلي جي لاٽ مثل آهي. اي آتما! تون انهيءَ جو پروانو بڻج.
پر ڪو گڏھ جو پٽ تلسي داس جي ڳالهہ ئي نٿو ٻڌي.
رتن پورا ۾ جيڪڏهن اُها چنتامڻي هيرو ملي وڃي جيڪو سڀ خواهشون پوريون ڪري ٿو ڇڏي.
سري لنڪا جا سڀ جبل ترڇا ٿي ويا.
خدا ڪري پن ڇڻ، جيڪا وشڻو جي بدن وانگر زرد آهي،
تنهنجا دک دور ڪري.
اونهو پاڻي، هيبتناڪ مڇين جي ترڻ ڪري بيقرار آهي.
تنهنجو حڪم، تازن گلن جي هارن وانگر مون پنهنجي سر تي کنيو آهي.
بيلا ڦولي آڌي رات، گجرا مين ڪي ڪي گري ڊارون...
اري پائي! مين گجراڪي ڪي گري ڊارون
مهاراج جي جئہ ٿئي! هڪ شخص، جنهن وٽ پاسپورٽ نہ هو، هڪ خط کڻي اسان جي ڪيمپ مان فرار ٿيڻ چاهيو، ڪيس گرفتار ڪيو آهي.
ٽرڊ ڊگري ڪهڙي طرح ڪيو ويندو آهي؟ ٽرڊ ڊگري. ايف-بي-آءِ.
سي-آءِ-ڊي. پي اي- ڊي. ڪي-ايل-ايم. پئن امريڪن، ايئر انڊيا انٽرنيشنل.
بنا پنن جي وڻ ائين بيٺا آهن، ڄڻ ڪنهن جي ارٿيءَ سان وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هجن.
هاڻي مان شمشانن ۾ وڃي پربت منتر ٿي جاڳايان. ڪالي ڪلڪتي والي. ماريپور جي بستيءَ ۾ شمشان گهاٽ هو، جتي ويچارن مسلمان رفيوجين جهوپڙيون ٺاهيون هيون. جئہ ڪالي ڪلڪي والي.
ڪائنات جا ابتدا جو اسرار، ڪاليءَ جي جسم وانگر ڪارو آهي. شفق جي سرخي، ڪاليءَ جو غصو آهي. طوفان ۽ بيماريون ۽ موت. سندس ساٿي آهن. اسان بنگالي، صدين کان ڪاليءَ جو تماشو ڏسندا آيا آهيون ... شري پروجيش ڪمار چوڌري جي اسٽيٽمنٽ ٿو ڊي پريس ...

بوگس ايڪسپريشنسٽڪ آهي. بوگس.

ميري ريڪا ڪانچي بلڪل بيڪار گئي

انسويا ني ڪها سنو راج ڪماري

پوترتا، پتي ورتا، معصوميت، وفاداري ... هاءِ هاءِ ... ليڊيز اينڊ جنٽلمين ... ڪامريڊس ... پائيو تي پينو ... اوهان سيني جي سڄ لاءِ اطلاع ٿو ڏجي ته سيتا اڄ جي دنيا جي خوفناڪ جهنگل ۾ گم ٿي ويئي. انهيءَ ڪي اڄ جي دنيا جو ڪو راوڻ ڪنيي ڪٽي ويو. سائين منهنجا! هيءَ دنيا، جيڪا ٻن ڪيمپن ۾ ورهايل آهي – اينگلو آمريڪن سامراج جي شڪار دنيا، جنهن ۾ معصومن کي جڏهن ترڊ ڊگري ڪيو وڃي ٿو ته ڪو هنومان بچائڻ لاءِ نٿو اچي. للتا ڊيئر، مائيڪرو فون فيل ٿي ويو. اڙي ڪيلاش ناٿ ماٿر، ٿورو ڪرنٽ ته ڏي، جلدي. ها، ته سائين منهنجا! مون چيو پئي ته اڄ جي دنيا ۾، جتي هائڊروجن بم جا راوڻ، پنهنجي ٻاٽن سان شهرن کي ڪن ۾ پسم ڪرڻ وارا آهن، جتي ايشيا ۽ آفريڪا جون لکين سيتائون اغوا ڪيون ويندڙيون آهن ... اڙي رامايڻ پڙهندڙ ٻگلا ڀڳتؤ، توهان 1947ع ۾ ڪيتريون مسلمان سيتائون اغوا ڪيون هيون، انهن جو ٿورو حساب ته ڪريو. ۽ اڙي يزيد ۽ شمر تي لعنت وجهندڙ مسلمان مجاهدو، توهان جي ...

سيتا ميرچنداڻي ... رول نمبر 963...؟

يس پليز(Yes Please).

جي ها، منهنجو نالو ئي سيتا آهي.

هاءِ سيتا ... هني...

سيتا ... منهنجي جان.

جانِ – من

سيتا ڊارلنگيسٽ

ٻڌاءِ، تنهنجي سڀ کان وڏي خواهش ڪهڙي آهي؟

منهنجي خواهش؟ اِهائي ته سري لنڪا جي جواهرن جي شهر رتن پورا جا سڀ هيرا مون کي ملن. پوءِ ڏسجو ته مان سيني جي ڪيئن ٿي خبر وٺان.

هاءِ هاءِ، مان وڏي سخت بورجوا آهيان.

هيلو هيلو هيلو... آواز ... کهڙا کهڙا آواز ... ٽيليفون جي تارن جي جهٽجهٽاهٽ ... ريل جي ڦيٿن جي ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڇڪ ... موٽر بوٽ جي گهڙ گهڙ هوائي جهاز جي انجڻ جي زون زون گهون گهون شائين شائين ٺائين چين پٽاخ رين رين اولڊ انڊين ڦٽيچر مس ڊمپلاٽ فلفٽ اظهار اختر ڈگلس اسڪاٽ ... روان رون ڏائين چوا ڇُو ... ڏوبيءَ جو آواز... بيگم صاحب اڄ ڇا پڇايون ... تمام عمر رها غمزه و ادا کا شکار.

دهل. بنارس جي مندرن جي روشن چوکي. قيصر جي جج جي بينڊ. راجا کي آئيگي بارات. سنڌي کي سنڌي ... محرم جا نغارا ... جعفر بانديءَ جو نوحو... اري بلبل کو گل پسند، گلون کو هوا پسند ... هم بوترابيون کو هي خاڪِ شفا پسند ... تجهه کو ارم پسند، همين ڪربلا پسند. همين ڪربلا ... همين ڪربلا پسند ... راوڻ جلي ٿو... سيتا جلي ٿي ... لنڪا جلي رک ٿي ويئي.

اڄهو هيءُ راهُل مشڪيو؟ راهُل جي مشڪ. جميل جو ٺهڪ. شراب جي گلاسن جي ڪڙ ڪڙاهٽ. هہ پوڙها زال مڙس، جيڪي بروڪ لِن برج تي ٻيهي مات ميٽ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي کليا پئي ... ٻارن وانگر ڏاڍا خوش ...

مان مري وينديس ... مؤت ... ۽ منهنجون ٽنگون اولهہ ڏانهن ڪيون وينديون. جيئن منهنجي آتما ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي سنڌ مها ساگر تان پار لنگهي سگهي. ڇڪيا جا شعلا ... موم بتيون ... تازا گل ... قبر جي تازي مٽي ... تلسي پور جو قبرستان. جتي ادي جميلا کي دفنائڻ ويا هئا ... اڙي جميلا ڪير هئي؟ ۽ سندس مڙس واڪا ڪري روئي رهيو هو. بلقيس ٻڌايو ٿي تہ سندس مڙس کي اُنهيءَ سال ٻي شاديءَ جو فڪر اچي ڪنيو. سوائين. آل مين آر سوائين. (Swine. All men are swine.) ... جميل ڊارلنگ، مان اڄا ہہ رات جو گهٽو ڪري اهوئي پريشان سپنو ڏسندي آهيان تہ مان ايم. اي جو پيپر حل ڪري رهي آهيان. جيڪو ڪنهن اهڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي جيڪا سمجهہ ۾ نٿي اچي. ۽ ٽي ڪلاڪ پورا ٿيڻ وارا آهن ... ہہ ڪلاڪ ... هڪ ڪلاڪ ... ويهہ منٽ ... پنج منٽ ... هڪ منٽ ...

Give me five minutes more
Only five minutes more
Only five minutes more of your charms
Give me five minutes more

In your arms.

هاٿيءَ جي شڪل جهڙي جبلن جي چوٽي! اتاهين چوٽيءَ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪريو تہ پير ترڪي ٿو وڃي، مان سِگريہ ڪان بہ اوچي چوٽيءَ تي وڃي لڪان تڏهن بہ پڪڙجي پونديس.

اوهان جي سڃاڻپ؟

جي مان؟ مسز بيچ لگزري هوٽل

۽ توهان ...؟ شري اشوڪا هوٽل ... پڏرايو پڏرايو ...

انڊيا دِئٽ از پارت، مهاراج ڏيراج اشوڪ جا ٿنيا ڳولي لڌا. اشوڪ چڪر ڳولي لڌو، اشوڪا هوٽل ڳولي لڌي.

هيءَ منهنجي نژاڻ آهي ... نژاڻ بجلي بسنت ... بلقيس انور علي ... نمبر ون ايڪٽريس پروفيسر انٽيلڪچوئل. دهليءَ جي دل جي ڌڙڪن. اي جمني بيگم ... امراءُ بيگم ... ڪيتو بيگم، سيپئي هيڏانهن اچو. اڙي هي ڪانون وارو لُڙ چو مچايو اٿو؟ جميل جي ڪنوار پنهنجي ڪُڙي ڏنياءِ، ڪٽي نظر نہ لڳي. توتي ڪا مصيبت پوي پوري بيگم، گوشہ نشين تي وئينءَ ۽ هاڻي ٻن گهڙين لاءِ آئي آهين ميار لاهڻ. ڦڦي بندي، او ڦڦي بندي، ڪالهہ ڪان ادا جميل کي بخار تي پيو آهي. منهنجي تہ دل ٿي ٻوڏي، رات مون مولا مشڪل ڪُشا جي نالي رپيو ڏوئي ڪنيو هو ... ۽ ٻُڌ ڪيتو بيگم، مون بدنصيب تي ڪيڏا نہ الزام هنيا آهن جڻ پاڻ تہ ست ونتي زال آهي. عروج جي زال وڏي چالاڪ آهي، هن جي ور نہ چڙهجانءِ امان. هوءَ ڪنهن کي چا ڪارائيندي. مانگهہ ننگي ويساڪ اگهاڙي. ... رات مولا مشڪل ڪُشا سپني ۾ آيو هو. ادا جميل ... او ادا جميل ...

آءِ ايم اَ ڪائو (I am a cow)

مسٽر سيندبِ مين ... مسٽر سيندبِ مين ... مِيري جِي کي ورنداون مين ...

In my little corner of the world
To night my love – To night my love.

ٻُڌ جي سماڌين تي رات لهي آئي آهي.

اڙي اِنهيءَ رات، وري مون تي حملو ڪيو؟
هوا ڪيڏي تيز ٿي ويئي آهي.
هوا، پراڪرم سمندر تان وهندي پيئي اچي ...
ڪاليني گنگا تان ٿيندي پيئي اچي. ڪولمبو ڏانهن سڏڪا ڀريندي روئندي پيئي وڃي ... هوا...
هوا ...
چنڊ .....
چنڊ، صندل جي تارين تي سمهندو آهي. انهن ماڻهن جي اکين ۾، جيڪي پرڙين ڪاٽيجن ۾ سمهيا پيا آهن. صدين جي ننڊ آهي. ڊون فرننڊيز ڊي ڪرستا سمر سنگهارو نامدليار. رتن سنگهه جي – سوريه. گن پال گن وردن. انهن جي اکين ۾ جهنگل جي ننڊ آهي. زره پائي پورچوگالي ڊچ قلعن تي حملو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. انگريز پلانٽرز جا روح مهاهنيا جي رستي جي پاسن کان بيهي امريڪي سياحن کان مکڻ ۽ ڪنڊ پيا گهرن. چنڊ اجا مهاويلي گنگا ۾ وهنجي پيو. هاٿي، جيڪي هزارين ورهين جي جهنگل ۾ باندي روح آهن.
چنڊ
رات.
رات، سيتا مهاراڻيءَ جا وار آهن رام رگهوراءِ جو سانورو جسم آهي. ڪاليءَ جو چهرو آهي، تخليق کان اڳ جي اونداهي. اسان سڀ هر وقت انهيءَ تخليق کان اڳ واري اونداهيءَ ۾ قيد ٿيل آهيون ۽ سمجهندا آهيون ته وڏا اووليوشن (Evolution) ٿيو آهي. ڪاري ... ڪاري ... ڪاري رات.
مون پنهنجي ننڊ نيويارڪ ۾ وڃائي ڇڏي. جهنگل ۾ تاڙيءَ جا ڪارا وڻ ڊگها ٿي آسمان سان وڃي لڳا. لنڪا جو ڪنڊر به ڏند ڪڍي کلي ٿو هي هي هي. ڪنول جو تلاءُ اوجاڳيل اکين وانگر ڪليل آهن ... ليلاوتي ... روپوتي ... سيتاوتي...
رڻ ڪوٽ وهار جي استوپا ۾ هڏيون هڪ ٻئي سان انٽرنيشنل سچوايشن ( International situation) تي گفتگو ڪري رهيون آهن. پراڪرم باهو پهريون. ايشيا ۾ ڪميونزم جو پنجون باب لکي رهيو آهي. جهنگل مون کي ڳڙڪائي ڇڏيو.

منهنجا ڳهڻا ڪهڙا ڪهڙا هئا، جيڪي وڏي ماسيءَ مون کي رونمائي جي مهل ڏنا هئا ... ڪنوار جا ڳهڻا ... رتن پورا جا سونارا، جڙاءُ چندن هار ٿاهين پيا. روشني روشني ... چمڪ چمڪ چمڪ. جهنگل جا آواز ... جهرڪين جا، سمنڊ جا، رستن جا، هاربر جا، جبلن جا ... سناٽي جا آواز...

آواز

فقط هڪ آهي:

هيڏانهن هلي آءُ ... مون وٽ هلي آءُ ... مون وٽ هلي آءُ ... هلي آءُ.

# 15

”مان اڃھو هاڻي اچي پهتي آهيان ... ڪهڙي نيوز آهي؟“ سيتا مائونٽ ليونيا ۾ پنهنجي ڪمري مان شام جو فون ڪئي.

”اوهہ ... هيلو سيتا! تون اچي وئين!! ونڊرفل ... اجازت ڏين تہ مٿي تنهنجي ڪمري ۾ اچان.“

”اچو.“

هو پنجن منٽن کان پوءِ ڪمري ۾ موجود هو.

”تون بي حد خوش پيئي لڳين. جهنگل جي هوا تو تي ڏاڍو سٺو اثر ڪيو آهي. آءِ ايم سو گلئڊ! ( I am so glad)“

”ويهو.“

هو پهريون ڀيرو سنڌس ڪمري ۾ آيو هو ۽ ٿورو گهٻرايل ٿي لڳو. ڪمري جو هڪ چڪر هڻي، هو ڪنڊ ۾ پيل صوفي تي ويٺو. هوءَ پلنگ جي ڇيڙي تي ويهي نٽنگ ڪرڻ ۾ مصروف هئي.

”ڇا تي اُٽين؟“

”راهُل لاءِ سويٽر ڪوٽ ... مون سوچيو هو تہ مڪمل ڪري جميل کي ڏيئي ڇڏينديس تہ وڃي راهُل کي پارائي ... پر مون کي خبر ئي ناهي تہ هاڻي هو ڪيڏو وڏو ٿيو هوندو. الائجي ڪيس پورو ايندو يا نہ. اٽڪل تي اُٽيان پيئي.“

هو خاموش ٿي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ هن پڇيو: ”ٻيو ٻڌاءِ ... پوءِ ڇا ٿيو؟“

”پوءِ؟ بس!“ هوءَ ٿهڪ ڏيئي کلي پيئي.

”تون هڪ هفتو ڏاڍي ياد آئينءَ. ڪانفرنس ۾ تہ منهنجي دل ئي نٿي لڳي ... خبر ناهي تہ رپورٽ ۾ ڇا جو ڇا لکيو اٿم. تنهنجو سفر دلچسپ رهيو آهي؟“

”تمام دلچسپ.“

”امريڪن پوڙهيون ڪيئن لڳيون؟“

”آمريڪن پوڙهيون تہ نہ. پر هڪ آمريڪن ٽورسٽ جو ساٿ پولو نروا ڪان ملي ويو ۽ هو پوڙهو نہ هو.“

”يُو آر اَ بچ (You are a bich).“ عرفان هڪدم چپن ۾ چيو ۽ چپ ٿي ويو.

”توهان پنهنجي عدت مطابق پڇيوئي نہ تہ پوءِ ڇا ٿيو.“ ڪجهہ ڪنن جي خاموشيءَ ڪان پوءِ سيتا پڇيو.

”تون خود ئي ٻڌاءِ.“

”او... اهو آمريڪن آرڪيالاجسٽ هو.“

”پوءِ ته خوب ساڻس لنڪا جي تاريخ ڊسڪس ڪئي هوندءِ... جيئن تو مون کي سنڌ جي تاريخ پڙهائي هئي.“

”ها.“ هوءَ بي تعلقيءَ سان نٽنگ ۾ مشغول هئي.

هو ڪجهه دير تائين ڪيس ٽڪٽڪي لڳائي ڏسندو رهيو. پوءِ هڪدم ڪاوڙ ۾ باهه ٿي صوفي تان اٿيو. سندس هٿن مان نِٽنگ جا سوئا ۽ پشم کسي هڪڙي پاسي ڪٽي اڇلايائين ۽ ڪيس گهليندو دريءَ ڏانهن وٺي ويو.

”تاريخ ڊسڪس ڪرڻ کان پوءِ ٻيو ڇا ٿيو؟“ هن گجي پڇيو.

سندس رنگ سفيد ٿي ويو.

”مان پڇان ٿو ته ڇا ٿيو؟ ڳالهائين ڇو نٿي؟“

هوءَ هڪدم ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي. ”شٽ اپ! توهان کي اهڙي طرح سوال ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ توهان حد کان وڌيڪ وڌندا ٿا وڃو.“

هو چپن کي چڪ پائيندو رهيو. ”حق ته توتي قانوني مڙس جو به ناهي، جنهن کي ڇڏي تون ٻن سالن کان موجون ڪندي وتين ٿي.“

”شٽ اپ عرفان!“ هن سموري طاقت سان رڙ ڪري چيو. ”گيٽ دي بُل آئوٽ آف هيئر. گيٽ آئوٽ گيٽ آئوٽ. (Get the bull out of here. Get out get out.) نه ته مان هاڻي ... مان هاڻي بيري کي سڏيان ٿي.“ هوءَ نهن کان چوٽي تائين ڏڪي رهي هئي.

هڪ کن تائين هو پٿر بنجي ڪيس تڪيندو رهيو. پوءِ هوريان هوريان قدم کڻندو دروازو کولي ڪمري مان نڪري ويو. دروازي کان ٻاهر نڪري هن ڏاڍي نارمل ۽ هيٺين آواز ۾ سڪون سان چيو: ”ڏاڍي ڪوشش کان پوءِ جميل ملاقات جو وقت ڏنو آهي. نيٺ هو اڄ رات ملڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. مان ساڻس گال مينس هوٽل ۾ ڊنر تي ملاقات ڪندس. انهيءَ کان پوءِ سندس جواب توکي ٻڌائيندس. گُڊ نائيٽ.“

رات جو ٻارهين وڳي کان پوءِ سندس مٿي کان رکيل فون جي بيل دير تائين وڄندي رهي، پر هن فون نه کنئي.

# 16

هوءَ ساري رات رُئندي رهي هئي. ايترو آڪتوبر 1947ع جي انهيءَ رات به نه رني هئي، جنهن جي صبح جو هوءَ ۽ سندس ڪٽنب ڪراچيءَ کان ڪانياواڙ روانا ٿيا هئا، يا جڏهن نيويارڪ ۾ جميل ڪيس گهر مان لوڏي ڪڍيو هو. قرول باغ ۾ هوءَ اڪثر راتيون جاڳي راهُل لاءِ ماٺ ميٺ ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي هئي ۽ صبح سوير اگهڙ واري نلڪي تي وڃي اکين تي چڱي طرح پاڻي جا ڇندا هڻندي هئي، جيئن پٽس کي سندس ڳوڙهن جو پتو نه پوي. پر هن وقت مائونٽ ليونيا جي هن خوبصورت ڪمري ۾ سندس لڙڪ ڏسي پريشان يا رنج ٿيڻ وارو ڪوبه نه هو. انهيءَ ڪري هوءَ اطمينان سان بستري تي سُتي رهي. سندس سامهون سارو ڏينهن، ساري زندگي، ساري دنيا خالي پيئي هئي. ڀيانڪ، اونداهي پولار جو طوفاني سمنڊ، جنهن جو ڪٿي ڪو ڪنارو نه هو... اتين وڳي ڊاري بيرو نيرن کڻي آيو... مهربان، شفيق مشڪ وارو ٻڍو سنهالي، جيڪو سندس ڳاڙهيون اکيون ڏسي فڪرمند ٿي نظر آيو، ڇو ته هو به ٻن نوجوان ڌيئرن جو پيءُ هو، ٽري ميز تي رکي چپ چاپ ٻاهر هليو ويو.

ڏهين وڳي ڊاري تيار ٿي، هُن رِزرويشن لاءِ هوائي جهاز جي آفيس ۾ فون ڪئي. سمنڊ تي تکي اُس پکڙيل هئي، جنهن جي چمڪ اکين کي نٿي وڻي. سمنڊ جي ڪناري تي ڪجهه انگريز ٻار واريءَ جا قلعا جوڙڻ ۾ مصروف هئا. تمام پري مونگيءَ جا هار وڪڻندڙ عورتون ڪنڌ جهُڪائي هڪ طرف وڃي رهيون هيون ۽ آلي واريءَ تي سندن پيرن جا نشان چٽا نظر اچي پئي آيا. ڏينهن اُجاڙ هو. سمورو مائونٽ ليونيا، سمورو ڪولمبو، سموري دنيا اُجاڙ هئي، اُجاڙ اُجاڙ اُجاڙ.

ڪجهه منٽ ريلنگ جي سهاري بيهڻ ڪانپوءِ، هن طئه ڪيو ته ٻن پهرن تائين شهر جو چڪر لڳائيندي رهي ۽ پئڪنگ ڪرڻ کان پوءِ وقت کان گهڻو اڳ ايئرپورٽ هلي وڃي. اوڏيءَ مهل هال پورٽر اچي ڪيس چيو ته رسيپشن ۾ سندس فون آهي.

هوائي جهاز جي آفيس مان اطلاع هو ته مختلف ڪانفرنس مان آيل ڊيليگيٽس واپس وڃي رهيا آهن، تنهنڪري سيٽ ملڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

هن بئگ کولي ٽريولر چيڪ بوڪ تي نظر وڌي. چيڪ ختم ٿيڻ وارا هئا.

”ميڊم، توهان ’ڪيلانيا مندر‘ ڏٺو؟“ رسيپشن ڪلارڪ کانئس پڇيو.

”نه، هاڻي وڃي ڏسنديس.“ هن ڇرڪي جواب ڏنو ۽ ٻاهر هلي ويئي.
ٻاهر اچي هُن ٽئڪسي واري کي اشاري سان سڏيو.
”ڪيلانيا ٽيمپل.“
”ساري ميڊم.“ هن ڪنڌ لوڏي چيو.
”ڇو؟“
”شايد ڪرفيو لڳي. شهر ۾ تامل- سنهالي جهيڙي جو انديشو آهي.“
’او ماءِ گاڊ....‘ هوءَ هڪ وڻ جي سهاري بيهي رهي .... ’هتي به ....‘
’هاڻي ڇا ڪريان؟‘
هڪدم ڪيس رتن سنگهه جي – سوريه جو خيال آيو. هن ڊائري ملڪ ۾ هوءَ، عرفان ۽ لزلي مارش کان پوءِ فقط ٽئين ماڻهو جي – سوريه سان ملي هئي. شايد هو ڪوشش ڪري هوائي جهاز ۾ سيٽ ڏياري. اندر موٽي هن جي – سوريه کي فون ڪيئي. ان وقت جي – سوريه جي اخبار جي آفيس ۾ هڪ هنگامي ڪانفرنس ٿي رهي هئي. ظاهر هو ته سندس آواز ٻڌي کيس ڪافي تعجب ٿيو.
”هيلو .... هيلو .... ڊاڪٽر ميرچنداڻي! ڪيئن ياد ڪيو؟“
هن رزرويشن جي باري ۾ سربستي ڳالهه ٻڌائي.
”اوهه .... ٻڌو .... هن وقت مان ڏاڍو مصروف آهيان. توهان صبح جي اخبار پڙهي هوندي؟“
هن صبح جي اخبار پڙهي نه هئي.
”جيڪڏهن توهان تڪليف وٺي هتي اچو .... مسٽر عرفان ڪڏهن واپس پيو وڃي؟“
”خبر ناهي.“
”اوهه .... چڱو، توهان اچو .... مان توهان جو انتظار ڪيان ٿو.“
اخبار جي آفيس ۾ هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هو. ٽيلي پرنٽر ۽ ٽائيپ رائيٽر جي لڳاتار ٽڪ ٽڪ، سب ايڊيٽرن ۽ رپورٽرن جي پُڻ پُڻ ۽ ٽيليفون ايڪسچينج واري ڪاري ڇوڪريءَ جي بي انتها مٺي آواز ۾ هڪ جهڙي ’لنڪا ديپ – گُڊمارننگ‘ جي رَٽ، سندس دل جي ويرانيءَ ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي ڇڏيو. ڪجهه منٽن جي انتظار کان پوءِ چيف ايڊيٽر کيس اندر گهرائي ورتو. هوءَ هال مان لنگهي جي – سوريه جي ڪئبن ۾ داخل ٿي.

هو هڪ ڊگهي ۽ ويڪري ڊيسڪ تي ويهي ٽن ٽيليفونن تي هڪ ئي وقت ڳالهائي رهيو هو ۽ وچ وچ ۾ انٽرڪام تي ڪجهه ڳالهائيندو به ويو ٿي. هوءَ ڪنڊ ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. جي- سوريه هڪ پاسي جي ٽيليفون بند ڪندي، ڦرندڙ ڪرسي ٿورو ڏانهس ڦيري، ڪيس اهڙين عجيب نظرن سان ڏٺو جو هوءَ پگهرجي ويئي .... ’ڊرٽي اولڊ مئن (Dirty old man)‘. هن شديد نفرت سان چپن ۾ پڙ پڙ ڪئي.

جي – سوريه ٻي رسيور تي هٿ رکي ڪيس مخاطب ٿي چيو: ”گُڊ مارننگ ڊاڪٽر ميرچنداڻي! اجازت ڏين ته ’سيتا‘ ڪري مخاطب ڪريان. آرام سان ويهه. ڪلهه رات مون کي عرفان سڄي ڳالهه ٻڌائي.“

ٻئي فون جي بيل وڄي ۽ هن هڪدم سنهاليءَ ۾ گفتگو شروع ڪري ڏني.

سيتا کي چڪر اچي ويو.... هن مضبوطيءَ سان ڪرسيءَ جي ٻانهن کي جهليو ۽ ڪجهه ڪنن لاءِ ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيائين .... ’چو نٿي زمين ڦاٽي پوي جيئن مان اندر هلي وڃان ....‘ پر جيئن ته سيتا ۽ ساوتريءَ جي دنيا نه هئي، ڪل يُگ هو، انهيءَ ڪري نه زمين ڦاٽي ۽ نه سيتا اُن ۾ پيهي ويئي. ٻيءَ ڪن ۾ هن پرس مان سگريٽ ڪيس ڪڍي هڪ سگريٽ دکايو.

جي- سوريه فون تي ڳالهه پوري ڪري ڏانهس مڙيو. ”اوهه معاف ڪج. مون توکي سگريٽ پيش نه ڪيو. هن سيتا کي غور سان ڏٺو. هوءَ ٻي انتها سفيد نظر پيئي آئي. ’هن ويچاريءَ جا حواس ضرورت کان وڌيڪ ڪمزور آهن.‘ هن دل ۾ اهو سوچي وري کيس چيو. ”گهبراءِ نه. مان عرفان جو پراڻو رازدار آهيان. شايد توکي خبر ناهي ته هو ۽ مان، جنگ کان اڳ ڪئين سال جرمنيءَ ۾ گڏ رهيا آهيون.... اُن وقت تون ته تمام ننڍي ٻار هوندينءَ.“ هن هڪ دفعو وري سيتا کي انهن ئي ڏڪائيندڙ نظرن سان ڏٺو. ”عرفان جي نجي جذباتي زندگيءَ جي ڪا ڳالهه مون کان لڪل ناهي. تنهنجو راز به مون وٽ محفوظ رهندو. ڪڏهن ڪڏهن جرنلسٽن تي به ڀروسو ڪري سگهجي ٿو! چڱو.... هاڻي هڪ خوشخبري ٻڌ. اڄ ڪرفيو نه لڳندو .... ڪافي پيندينءَ؟“ هن بيل وڄائي.

”نه مهرباني.“ سيتا کي پنهنجي سموري وجود کان نفرت محسوس ٿي. ’مان هتي ڇو آيس؟‘

”مان .... هو.... هوائي جهاز جي سيٽ.“ هن ڪمزوريءَ وچان چيو.

”شيور .... شيور .... ماءِ ڊيئر (Sure … sure…. Dy dear) مون کي هڪدم سياڻي جو ايڊيٽوريل لکڻو آهي .... پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چوان ٿو.“

هو انٽرڪام ڏانهن جهُڪيو. ”رتنا، ٿورو مارٽن کي هيڏانهن موڪل .... ۽ تون به اچ.“

ٻيءَ ڪن ۾ سندس سنهالي سيڪريٽري ۽ ڪلرڪ اندر آيا. سندس پويان نيوز ايڊيٽر به آيو ۽ ڊيسڪ تي جهُڪي ڪيس جلدي جلدي ڪجهه چوڻ لڳو.

هڪ دفعو وري جي – سوريه سيتا جي موجودگي وساري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. هوءَ ڪجهه وقت ويهي ڇت کي گهوريندي رهي، پوءِ اُٿي پرواري ڪمري ۾ هلي ويئي. انهيءَ ڪمري ۾ گهنڊيدار وارن ۽ گهري سانوري رنگ جو هڪ تامل نوجوان دريءَ وٽ ويهي هيٺ رستي تي ٽريفڪ ڏسي رهيو هو....

شايد هو به جي – سوريه سان ملاقات جو منتظر هو. سيتا ڊاڪٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ وک وڌائي ته جي – سوريه جي سيڪريٽري ڪيس سڏڻ لاءِ ڊوڙندي آئي ۽ ڪيس ڪئبن ۾ ٻيهر وڃڻو پيو. ايتري ۾ جي- سوريه انٽرڪام تي چيو. ”رتنا، مسٽر راما سوامي کي هيڏانهن موڪل.“

پردو مٿي ٿيو ۽ اُهوئي تامل نوجوان ڪمري ۾ داخل ٿيو. هن مشڪندڙ نظرن سان سيتا ڏانهن ڏٺو ۽ ديوار سان ويهي رهيو.

پنهنجي  اسٽاف سان ڳالهيون ڪندي ڪندي، ڪرسي سيتا ڏانهن گهمائي جي – سوريه چيو. ”سيتا، هي بيحد شرير نوجوان منهنجو دوست راما سوامي آهي. اسان جي ملڪ جو شعله بيان ڪالم نويس آهي. اسان جي مخالف اخبارن ۾ لکندو آهي پر مون جهڙن فرقي پرستن سان ڪڏهن ڪڏهن ملندو آهي .... ويهه رام، اسان جي هندستاني مهمان ڊاڪٽر ميرچندائيءَ سان مل. هندستاني هئڻ جي ناتي، ٿي سگهي ٿو ته هيءَ تنهنجي هم خيال هجي!“ انهيءَ تعارف کان پوءِ جي- سوريه وري پنهنجي گفتگو ۾ لڳي ويو.

راما سوامي سيتا کي نمستي ڪيو ۽  ڏاڍي سلجهيل ۽ ميل جول واري انداز سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو: ڇا هوءَ بمبئيءَ کان آئي آهي؟ دهلي کان .... هو به دهلي ۾ رپورٽر جي حيثيت سان ڪيئن سال رهي چڪو آهي .... دهليءَ ۾ هو فلاڻن فلاڻن صحافين کي سڃاڻي ٿو؟ وغيره وغيره. هن اهو به ٻڌايو ته هن جو اڌ ڪٽنب مدراس ۾ رهندو آهي، پر هو پاڻ  اوورسيز انڊين آهي.

۽ ان وقت اوچتو هڪ ڏاڍي نرالي ڳالهه ٿي .... اجنبي سنهالين جي مجموعي ۾ گهيريل، سيتا پنهنجي هم عمر انهيءَ تامل نوجوان لاءِ هڪ عجيب ويجهائپ محسوس ڪئي .... جهڙي  طرح صدين پراڻي، ابديت پرست پولونروا جي سنسان کنڊرن جي وچ ۾ هُن جديد انسان، لزلي مارش لاءِ انهيءَ جذبي کي

محسوس ڪيو هو.... ڇو ته هو سندس ڇاتل سڃاتل، ويهين صديءَ جي مغربي، ماده پرست دنيا جو هڪ فرد هو. پولونروار ابديت هئي. ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش تاريخي وقت. جهڙي طرح انهيءَ لزلي مارش جي پيٽ ۾، جابلو رستن تان لنگهندي هن مٽي جي وارن جون چوٽيون ڪنڌڙ ۽ سيررنگ پائيندڙ سنهالي هاري مردن ۽ عورتن لاءِ ويجهائپ محسوس ڪئي هئي، ڇو ته اُهي هن جي پنهنجي تهذيب جو حصو هئا ۽ لزلي مارش غير ملڪي، مسيحي، مغربي انسان هو.... جهڙيءَ طرح مائونٽ ليونيا جي ڊائننگ هال ۾ وينل فيشن ايبل سيلوني مردن ۽ عورتن جي پيٽ ۾، پاڪستان کان آيل عرفان بلڪل هن جو پنهنجو معلوم ٿي ٿيو، ڇو ته هن جي اُپڪنڊ جو رهاڪو هو، جيڪو هن جي تهذيب جو هڪ حصو هو... انسان پنهنجي پيچيده زندگيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن مختلف ۽ متضاد سطحن تي زنده رهي ٿو.

هاٽي راما سوامي به جي – سوريه سان گڏ ڪنهن بحث ۾ اڙجي ويو هو. ڪئبن ۾ ڳالهين جو گوڙ تمام وڌي ويو. سندس مٿي ۾ سور پئجي ويو هو. اوچتو بي انتها بيزار ٿي هوءَ ڪئبن کان ٻاهر نڪتي ۽ تيزيءَ سان ڏاڪڻ لهي رستي تي آئي.

دڪانن جي سامهون وراندي ۾ بنا مقصد جي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ کان پوءِ هوءَ ڪتابن جي اسٽال تي اچي بيٺي ۽ اسٽال واري کان آءِ – اي- سي جي آفيس جي ڏس پڇيائين.

”هلو، مان ٿو توهان کي اُتي پهچايان.“

هن مڙي ڏٺو. راما سوامي مشڪي رهيو هو.

”مهرباني، مون کي فقط ڏس ڏيئي ڇڏيو، مان پاڻيهي هلي وينديس.“

”توهان جي وڃڻ کان پوءِ مسٽر جي – سوريه ڏاڍو پريشان ٿيو ته توهان ڪيڏانهن غائب ٿي ويون. پر هِن تامل – سنهالي ڪرائسس ڪري اهو ايترو منجهيل هو جو ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ ڪجهه نٿي آيو. جنهن وقت توهان اُتي هليون ويون ته هو فون تي پنهنجي وڏي پاءُ سان ڳالهائي رهيو هو. جيڪو ڪئبنيٽ ۾ منسٽر آهي. اڄ هن جي وزارت به خطري ۾ آهي.“

هو وراندي ۾ سيتا سان گڏ هلڻ لڳو.

”هيءُ جهيڙو ڇا تي ٿي رهيو آهي؟“ سيتا گهڙي ڏسي بي خياليءَ سان سوال پڇيو.

اچو، ڏهه منٽ ڪٿي ويهي ڪافي پيئون.... تون اڄ ئي دهلي واپس وڃڻ ٿي چاهين؟“

اُهي هڪ ڪافي هائوس ۾ گهڙيا، جتي يونيورسٽيءَ جا شاگرد ۽ اخبار نويس زور شور سان بحثن ۾ مصروف هئا. هتي به ڏاڍو گوڙ پئي ٿيو. اُهي دروازي جي ڀرسان هڪ ميز تي ويٺا. سيتا آهستي آهستي آڱرين سان دروازي جي ڀرسان ڪن بند ڪيا. ڪيڏو شور هو. سموري دنيا ۾ ڪيڏو هنگامو هو.

”اوهه.... معاف ڪجو.... مان اجهو اچان ٿو.“ ايترو چئي رام تيزيءَ سان مرشد آبادي ريشمي ساڙهي واري هڪ ڇوڪريءَ ڏانهن ويو، جيڪا انهيءَ وقت ڪافي هائوس مان ٻاهر وڃي رهي هئي. ڇوڪري مڙي ڦهڪيل نگاهن سان سيتا کي ڏٺو ۽ ٻاهر هلي وئي. رام رومال سان مٿي جو پگهر اگهندو واپس اچي ويٺو.

”هيءَ منهنجي مڱ هئي....“ سيتا جي سوالي نظرن سان نظرون ملائي هن ٿورو هٻڪي جواب ڏنو. هو ڪيڏو ننڍو ۽ جوشيلو هو.

هو سندس هم عمر هو. هوءَ سندس زبان، سندس جوش، سندس جذبو سمجهي سگهي ٿي.

”هئي .... ڇا مطلب؟ هاڻي ناهي؟“ سيتا مشڪندي پڇيو.

”انهيءَ جو مدار تازن ترين سياسي صورت حال تي آهي.“

”ڪافيءَ جي پيالي ڏانهن اُداسيءَ سان ڏسندي هن ٻڌايو. ”هيءَ ڇوڪري سنهالي ٻُڌسٽ آهي .... جيئن ته منهنجو تامل هندو گهراڻي سان تعلق آهي، تنهنڪري ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ انهيءَ شادي جي خلاف آهن. ڇوڪري بلڪل غير سياسي آهي پر هو ڪيس ايجوڪيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. انهيءَ ڇوڪري جو پيءُ يو-اين – جو ليڊر به آهي ۽ سندس سمورو فيوڊل خاندان بي انتها دولتمند، بي انتها ري ايڪشنري ۽ بي انتها آمريڪا پرست آهي.

”گذريل هفتي مان ساڻس وڙهي پيس. منهنجو ضد هو ته ٻئي ڪنهن شهر هلي سول ميريج ڪريون ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪجهه عرصي لاءِ مدراس هليا وڃون. پر هوءَ انهيءَ لاءِ تيار ناهي. ڏڄڻي ڪنهن جاءِ جي! نه ڄاڻان ڇو مان پنهنجو داستان ٻڌائي توکي بور پيو ڪريان.“

”مون کي پنهنجي باري ۾ اچا ٻڌاءِ....“ سيتا هن جي لاءِ ڪافيءَ جو ٻيو ڪپ اڳيان ڪندي چيو.

”تون هتي نيٽو (Native) ماڻهن سان ملي آهين؟“

”سواءِ جي- سوريه جي، ٻئي ڪنهن سان نه ملي آهيان ۽ هڪ ڏچ برگر ڇوڪري جو نغمو ٻڌو اٿم.“

”يعني مسترجي-سوريہ کان سواءِ، پهريون خالص نيٽو مان آهيان، جنهن سان تنهنجو مُڪاميلو ٿيو آهي؟ ڊچ برگر هتي جا اينگلو انڊين آهن.... هيترا ڏينهن ڀيو چا ڪيو؟“

”بس.... سارو وقت نوارا ايليا ۾ گذري ويو.

”پوءِ تہ تون صحيح معنيٰ ۾ غير ملڪي سياح آهين؟ توکي مسترجي-سوريہ پنهنجي ڊنر ۾ مدعو ڪيو هو؟“

”ها، توکي ڪيئن خبر پيئي؟“

شايد توکي انهيءَ جو اندازو ناهي تہ ڪولمبو ننڍو شهر آهي ۽ تو انهيءَ ۾ چگو چؤپول مچايو آهي. منهنجي هڪ ساٿڻ، پنهنجي اخبار جي سوشل ڪالم ۾ تنهنجو ذڪر بہ ڪيو هو.... ’مائونٽ ليونيا ۾ ترسيل دلفريب هندستاني خاتون، جيڪا انتها خوبصورت ساڙهيون پائي ٿي.‘ هن تنهنجو انٽرويو بہ وٺڻ ٿي چاهيو پر تون ڪيس ڪنهن صورت ۾ ملي نہ سگهينءَ!“

”گڊ گاڊ!“

رام نظر پيري ڪيس ڏٺو. ”تون مون کي پهرين ڇو نہ مليئنءَ؟“

’خدايا .... خدايا .... هي بہ....‘

”منهنجو مطلب آهي .... مان فقط ايترو چوان ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ توسان ملاقات ٿئي ها تہ مان توکي هتي جي اصلي ڌڙڪندڙ زندگيءَ جي جهلڪ ڏيکاريان ها، تامل گهراڻن ۾ مدعو ڪريان ها، پنهنجي پينرن سان ملايان ها.“

”پنهنجي مَگَ سان نہ؟“

”هوءَ منهنجي گهر ڪتي ٿي اچي!“ هو پوءِ اُداس ٿي ويو. ”۽ منهنجي تمنا آهي تہ هوءَ پنهنجو محل ڇڏي منهنجي ٽن ڪمرن جي فليٽ ۾ اچي رهي! سيتا، تو ڪينڊيءَ جي فيوڊل طبقي جي ۽ يوروپين پلانٽرز جي زندگي ڏٺي ناهي .... برطانيا جي حسين ترين ’ڪرائون ڪالوني‘ واقعي اُنهن ماڻهن لاءِ جنت هئي ۽ هاڻي بہ آهي. تون تہ مڊل ڪلاس آهين نہ؟“

”ها، لوئر مڊل ڪلاس.“ سيتا وراڻيو.

”منهنجي بي انتها ارسٽو ڪريٽڪ ويلما، هاڻي مون کان پڇي رهي هئي تہ تون هندستان جي ڪهڙي فلائنگ مهاراڻيءَ کي ڪافي پيو پيارين!!!“

سيتا ڪِلي پيئي.

”اج صبح واريون خبرون تہ ڏاڍيون پريشان ڪندڙ آهن. اُتر ۾ وڏو فساد ٿيو آهي.“ هن رام جي هٿ مان اخبار وٺي چيو.

ميز جي پرسان لنگهندي ڪجهہ دوستن کي ڏسي هو مشڪيو. ايڏو بدشڪل ڪارو شخص، پر سندس چهري مان ذهانت پئي بکي! هن جا ڏند ڏاڍا خوبصورت هئا ۽ کلندي ڏاڍو وڻيو پئي. سيتا کيس بي  ڊياني ۽ سان ڏٺو ”ها .... ٻڌاءِ.“ هن ڪنڌ جهُڪائي ڪن تي آڱر رکي چيو. ”توهان وٽ ايڏا جهيڙا ڇو ٿا ٿين؟ هڪ ملڪ جا رهواسي ٿي ڪري پاڻ ۾ وڙهو ٿا.“

”سيڪجهہ ڄاڻيندي، ايڏو اڻڄاڻائي ۽ جو سوال شايد تون انهي ۽ ڪري ٿي ڪرين جو واقعي بور ٿي چڪي آهين.... تو لاءِ اجا ڪافي گهرايان .... براءِ!“ هن سڏ ڪيو. ”توهان وٽ جهيڙو ڇو ٿو ٿئي؟ توهان بہ هڪ ملڪ جا رهواسي آهيو. توهان ۽ اسان ٻئي سرمائيدار بورجوا سياست جو شڪار آهيون.“

سندس لهجي جي تلخي سيتا کي ياد ڏياريو تہ هڪ دفعي نيويارڪ ۾ جميل جو تعارف سندس وڏي ڀاءُ جي هڪ هم وطن سان جڏهن ڪرايو ويو هو تہ جميل انهي ۽ تلخي ۽ سان جواب ڏنو هو. جي .... مان هاڻي بہ انهي ۽ ملڪ جو آزاد شهري آهيان، جنهن کي توهان ڪجهہ سال اڳ ’جنت نشان‘ چوندا هئا.“

”توهان تاملن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اُهي مين لينڊ (Main land) ڏانهن نهاريندا آهن .... جهڙي طرح سڀ اوورسيز چيني، مين لينڊ چائنا ڏانهن نهاريندا آهن“  سيتا کيس چيو.

”مون دهلي ۽ جي اخبارن ۾ لنڪا جي انڊين پرابلم جي باري ۾ سلسليوار مضمون لکيا هئا. توکي انهن جي ڪٽنگ موڪليندس.... شام جو منهنجي گهر مون سان ماني کائج.“

”ضرور رام! توکي خبر آهي تہ منهنجي هميشہ کان اها خواهش رهي آهي تہ سموري دنيا ۾، جتي جتي اوورسيز انڊين رهن ٿا، انهن کي وڃي ڏسان .... ويسٽ انڊيز.... ماريشس .... آفريقا .... فِجي .... ملايا .... ۽ نہ ڄاڻان ڪٿي ڪٿي .... مدتن کان پنهنجي وطن کان هزارين ميل پري رهندي، انهن جي زندگي ڪيئن هوندي .... انهن جي تهذيب، رهڻي ڪهڻي، انهن جي نفسيات. منهنجو مضمون سوشيولاجي آهي .... انهي ۽ کان سواءِ .... منهنجي دماغ ۾ خلل بہ آهي.“ هن ٻيهر گهڙي ۽ تي نظر وڌي.

”توکي ڪولمبو مان پڇڻ جي ايڏي جلدي ڇو آهي؟ تو جهڙا خوبصورت مهمان هتي روز روز ڪڏهن ٿا اچن.“

”چو؟ اسان جا هندستاني فلم اسٽارز ۽ ڊانسرز ته هتي اڪثر ايندا رهندا آهن!“ سيتا سندس آواز جي وڏندڙ جذباتيت کان گهبرائجي، ڳالهه کي چرچي ۾ ٽارڻ چاهيو.

”توکي خبر آهي .... تون ’لنڪا ديپ‘ جي انهيءَ ڪمري ۾ جڏهن داخل ٿئينءَ ته مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪشمير جي خوشگوار هوا جو جهوٽو ڪٿان اچي ويو هجي!“

”مان سنڌي آهيان.“

”ها، پر بلڪل ڪشميري ٿي لڳين!“

”سنڌي به بدصورت نه هوندا آهن.“

”هو ڪلهه لڳو. انهيءَ وقت .... ڪولمبو جي هڪ ننڍي ڪافي هائوس ۾ ويٺل ٻه نوجوان .... هڪ سيلوني اورسيز انڊين تامل .... هڪ هندستان کان آيل پاڪستان جي ’سنڌي شرنار ٿي‘.... ساڳئي وقت ڪيترا خوش ۽ ڪيترا اُداس ٿي لڳا .... ڪين خبر هئي ته زمين، سندن اڄ جي نوجوان پيڙهيءَ جي پيرن هيٺان نڪري چڪي آهي ۽ سموري دنيا جو مستقبل سندن ڪيڏي وڏي ذميداري آهي! ڇا وڏن کي اها خبر هئي ته سندن پيڙهيءَ جي سياستدانن جي بنايل دنيا ۾ سندن اولاد کي ڇا ڇا سهڻو پوندو؟

”هل، توکي ڪولمبو گهمايان.“ رام ڪرسيءَ تان اٿندي چيو.

”پر ايئر لائنز جي آفيس؟“

”جهنم ۾ وڃي تنهنجي ايئر لائينز جي آفيس، هي لنچ ٽائيم آهي. سڀ آفيسون ٽين وڳي تائين بند رهنديون. فڪر نه ڪر، توکي سڀاڻي هوائي جهاز ۾ روانو ڪيو ويندو.“

”شايد تون انهيءَ جو علاج نٿي ڪري سگهين جو ماڻهو تو ۾ دلچسپي وٺن. اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجي حد تائين تون به انهن جي دل ٽوڙڻ نٿي چاهين.‘

”تو کهڙي جاءِ اجا تائين نه ڏٺي آهي؟“ ٽئڪسيءَ جو دروازو بند ڪري رام پڇيو.

”ڪيلانيا ٽيمپل.“ هن مرٽينگ آواز ۾ جواب ڏنو. مندر جي چڙهائيءَ تي پهچي، چؤطرف نظر ڊوڙائيندي سيتا چيو، ”توهان وٽ سياسي صورت حال کهڙي به هجي، پر مون کي گذريل اٺن ڏهن ڏينهن کان بلڪل ائين پيو لڳي ڄڻ ته ڏکڻ هندستان ۾ آهيان. ساڳيا منظر آهن، ساڳيو ڪلچر.“ هوءَ ٽڪجي ڏاکڻ تي ويهي رهي. ’دنيا ۾ ايڏو هنگامو ڇو متل آهي؟‘

”گائيڊ .... ليڊي ....؟ فرسٽ ڪلاس گائيڊ!“ هڪ سنهالي اوچتو ڪٿان نروار ٿي اچي پڇيو.

هو ڏاڪڻ تان اُٿي. ”توهان جي ٻُڌست مندرن ۾ هندو ديوي ديوتائن جو ايڏو زور ڇو آهي؟“ هُن عمارت ڏانهن هلندي سوال پڇيو. رام ڪنڌ جهڪائي خاموشيءَ سان ساڻس گڏ پئي آيو.

”اهي هندُو ديوي ديوتا، لنڪا ۾ اسان جي ٻڌ ڌرم جا رکپال آهن.“

گائيڊ وڏي پروسي سان چيو.

”ها، هي به ٻڌي ڇڏ!“ سيتا، رام کي چيو ۽ کيس ڊاڪٽر لزلي مارش ياد اچي ويو.

”پورچوگالين جي اچڻ کان اڳ تائين، لنڪا تهذيبي لحاظ کان بلڪل هڪ هو ۽ برطانوي تسلط کان تامل – سنهالي جهيڙي جو وجود به نه هو.“ رام چوڻ شروع ڪيو پر وري تنگ ٿي چُپ ٿي ويو.

نارنگي رنگ جي ڪپڙن ۾، وڏا وڏا تاڙيءَ جا وڃڻا کڻي، پکشوئن جي هڪ ٽولي سامهون اچي لنگهي.

”تون مون کي ڪجهه چئي رهيو هئين؟“

”ڪجهه نه. تون سوشيولاجسٽ آهين نه .... تو هاڻي ڏکڻ هندستان جي ڳالهه پئي ڪئي. تو صحيح پئي چيو ته سنهالي رهڻي ڪهڻيءَ جو طريقو، بنيادي طور تي هندُو رهڻي ڪهڻي جو طريقو آهي. پر پوءِ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته ٻُڌازم يا گهٽ ۾ گهٽ لنڪا جو ٻڌازم، هندو مُت جو هڪ ورشن (Version) آهي يا کيس جدا مذهب ۽ ڪلچر سمجهيو وڃي؟ سنهالي سماج جو بنياد ڪاسٽ تي هو، جيتوڻيڪ ڪاسٽ سسٽم ٻُڌازم ۾ ناهي. گهڻائي ٻُڌست هندُوئن جي خدائن کي پوڄيندا آهن .... پوءِ قومي ڪلچر ڇا آهي؟ نج سنهالي قومي ڪلچر....؟ نج هندستاني قومي ڪلچر؟ نج پاڪستاني قومي ڪلچر؟

مون جي – سوريه جي ڊنر ۾ اُنهيءَ ڏينهن مين لينڊ کان آيل ڪجهه هندستاني ۽ پاڪستاني مهمانن کان پڇيو هو ته ڇا پاڪستاني اسلام، اُهوئي آهي جيڪو سعودي عرب يا مصر ۾ رائج آهي؟ ۽ ڇا هندستاني هندو عوام جو ڪلچر اُهوئي آهي جيڪو اشوڪ جي زماني ۾ هو؟ جڏهن مان جي – سوريه کي چوان ٿو ته توهان تاريخ جي ارتقا کي ڪهڙي رُخ کان ٿا ڏسو ته هو هڪدم اسان جلاوطنن جي نفسيات تي هڪ تقرير شرع ڪري ٿو ڏي.“

”هتي برطانوي دؤر جي نئين مدل ڪلاس، نوڪريون ۽ سياسي سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ ايجي ٽيشن ڪيا هوندا .... ۽ مدل ڪلاس جي مختلف نسلي ۽ مذهبي فرقن جي مفادن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيو هوندو؟“

سيتا پڇيو.

”ها .... هاڻي ٻڌست ڪانگريس جو مطالبو آهي ته لنڪا جي تاريخ نئين سر لکي وڃي .... ايشيا جي هر ملڪ ۾ نئين سر لکي پيئي وڃي .... پر تاريخ کي ڪهڙي زاويي کان انٽرپريٽ ڪيو ويندو؟“

مندر جي پاسي واري ديوار تي ٻين خدائن سان گڏ، راوڻ جو ننڍو ڀاءُ وڀيشڻ ڏند ڪڍي کلي رهيو هو. ڀڳوان وڀيشڻ ويچارو ڀڳوان هئڻ جي باوجود راڪشس به هو. انهيءَ ڪري سندس به ڏند ٻاهر نڪتل هئا. ”گهر جو ڀيدي، اهو مهاشيه هو!“ سيتا رام کي چيو ۽ وري ڪيس انهيءَ ڀاڪي جو مطلب سمجهايائين.

هال ۾، آرٽ اسڪول جو هڪ شاگرد، فريسڪوز جو نقل ڪرڻ ۾ مصروف هو. رام کي ساڻس ڳالهيون ڪندو ڇڏي، هوءَ اڳتي وڌي ويئي.

پرواري ڪمري ۾ گوتم ٻڌ جي تمام ڊگهي ليٽيل مجسمي جي قدمن ۾ پوڄارٽين مان ڪنهن هڪ جو ننڍڙو ٻار ميري ڪپڙي ۾ ويڙهيل، مٿي ننڊ ۾ ستو پيو هو ۽ سندس ماءُ ٿڌي مرمرين فرش تي سجدي ۾ جهڪيل هئي.

راهُل .... راهُل .... راهُل....

تمام هوريان هوريان ۽ سنڀال سان قدم رکندي، متان سندس پيرن جي آهٽ تي ٻار جاڳي نه پوي، هوءَ ٻي ڪمري ۾ ويئي، جتي هڪ ٻيو سونهري گوتم ٻڌ هميشه وانگر ڪنول تي سڪون سان ويٺو هو. هوءَ اکيون ٿورو بند ڪري مورتيءَ اڳيان مرمرين ڏاڪڻ تي ويهي رهي .... ڪجهه پل رکي هن اکيون کوليون ....

سامهون عرفان بيٺو هو.

# 17

هن خاموشيءَ سان منهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو ۽ ديوار جون تصويرون غور سان ڏسڻ لڳي.

عرفان اڳتي وڌيو.... ”سيتا .... ٻڌ.... ڏس.... ڳالهه ٻُڌ.... گوتم ٻڌ امن جو شهزادو هو.... مان سندس سامهون جهُڪي توکان معافي ٿو وٺان .... سيتا مون کي معاف ڪر.... مون کي معاف ڪر.... سيتا ....“

هن فريسڪوز تي نظرون ڄمائي ڇڏيون.

”سيتا .... ٻڌين پيئي....؟ سيتا .... سيتا.... سيتا....“

# 18

”ڪالهه مان دل جو آرام پائڻ لاءِ مهاتما ٻُڌ جي مندر ويو هوس، پر اڄ منهنجو موڊ ايترو ڊرامائي ناهي .... تنهنڪري اڄ شام جو هلو ته شهر کي رونق بخشيون.“ مائونٽ ليونيا جي بالڪنيءَ تي جهڪيل عرفان رڙ ڏني.ڊ

”هلو.“ سيتا خوش ٿي جواب ڏنو.

”ليٽل هَٽَ (Little hut) هلي، چيني ڪئبري (Cabret) ڏسنداسين .... سيني نائيٽ ڪلبن ۾ هلنداسين.“

”هلنداسين.“

”سان مشيل هلي، ڊچ برگر ڇوڪريءَ کان پنهجي فرمائش جا نغما ٻڌنداسين.“

”ٻڌنداسين.“

”زُو ۾ هلي هاٿي کي هارمونيم وڄائيندي ڏسنداسين.“

”ڏسنداسين.“

”پر توکي ته پنهنجي جرنلسٽ دوست جي گهر وڃي اوورسيز ۽ اسٽيٽ ليس انڊينس ( Overseas and Stateless Indians) جيم سئلن جي تجزيي جي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻو هو.“

”او عرفان .... واقعي ....!“ هوءَ ٿهڪ ڏيئي کلي پيئي.

”تون به کهڙن کهڙن قسمين قسمين ماڻهن کي ڪٿان ڪٿان پڪ اپ ڪري ٿي وٺين! ڪمال آهي!“ عرفان جي لهجي ۾ ڪا طنز، ڪا تلخي نه هئي. هو هڪ بي تڪلف ساٿي وانگر ڳالهائي رهيو هو.... جيڪو حاسد، بد گمان، شڪي، ڪم ظرف عاشق نه هو پر فقط هڪ پراڻو دوست هو.... انسان ڪيئن نه جدا جدا وقتن ۾ مختلف ٿيندو رهندو آهي. ”اڄ .... پنهنجي هُن هنومان کي فون ته ڪر ته سندس ڊنر ۾ اچي نٿي سگهين.“

”هنومان ڪير؟“

”اهوئي تنهنجو راماسوامي اپاسوامي ڪير آهي؟“

اها حقيقت آهي ته ان وقت تائين هوءَ راما سواميءَ کي بلڪل وساري چڪي هئي. عرفان ڪيس ڪڏهن جو واپس گهرائي ورتو هو. راما سوامي جي ننڍي عمر، سياسي هم خيالي، تهذيبي ويجهائپ —هر شيءِ، سندس دماغ مان ڪيلانيا جي مندر ۾ ئي نڪري ويئي هئي .... دنيا ۾ ماڻهو فقط هڪ ئي هو .... عرفان .... عرفان .... اول ۽ آخر .... عرفان .... ٽيون ڏينهن شام جو جڏهن عرفان سندس بيعزتي ڪئي هئي ۽ سندس روح، سندس دل ۽ دماغ جا چوڏا لاهي ڇڏيا هئائين.... ڪالهه رات .... جڏهن هوءَ ڦٿي هانءُ روئندي رهي هئي .... اُها خوفناڪ صبح جڏهن ڪيس جي —سوريه جي آفيس ۾ ويهڻو پيو هو.... اُها اُجاڙ منجهند، جڏهن هن راماسواميءَ سان گڏ سگريٽن جي دونهين سان ڀريل ڪافي هائوس ۾ سيلون جي سياست تي ڳالهيون ڪيون هيون .... اهي سڀ هڪ دفعو سندس ذهن مان نڪري ويا .... ڪن .... حال .... ڪن، جيڪو موجود آهي .... جيڪو تنهنجي هٿ ۾ آهي .... اهو قابو ڪري رک .... مضبوطيءَ سان قابو ڪري رک .... چو ته ڏينهن ۽ رات تيزيءَ سان کسڪندا ٿا وڃن.

وقت اجهو ختم ٿيڻ وارو آهي.

# 19

انهيءَ رات عرفان لِتل هَٽَ کان موٽندي پهريون پيرو جميل جو ذڪر ڪيو. هن چيو تہ لڙائي واري رات، هن ٻارهين وڳي اهو ٻڌائڻ لاءِ فون ڪئي هئي تہ جميل سان ملاقات تہ ٿي هئي، پروٽس ڪي ماڻهو اچي ويا، جنهنڪري ڪا ڳالهہ ٿِي نہ سگهي، پر سياڻي شام جو تہ هو ضرور ڪنهن بہ صورت ۾ جميل سان ملندو.

”مان توهان جي انهيءَ ملاقات جي ڪوشش ۽ ملاقاتن مان ايڏي بور ٿي چڪي آهيان جو هاڻي مون کي بلڪل ڪا پرواهہ ناهي.“ سيتا بي ڌيانيءَ سان جواب ڏنو. ”مان هاڻي وچان ٿي دهلي واپس.“

پر ٻئي ڏينهن صبح جو سوير سندس دروازو کڙڪيو.

”ڪير آهي؟“ هوءَ ڇرڪي اُٿي ويٺي ۽ وجي دروازو کوليائين.

”آ....چي....“ عرفان ڇڪون ڏيندو اندر داخل ٿيو.

”اڙي .... توهان ڪيئن آهيو....؟ سيتا پريشان ٿي پڇيو.

”بلڪل ٺيڪ آهيان .... فڪر نہ ڪر.... منهنجو حشر قمر جهڙو نہ ٿيو آهي .... دراصل ڪلهہ رات گهڻي دير تائين سمنڊ جي ڪناري گهمندي زڪام ٿي پيو اٿم .... هوا ڏاڍي تيز هئي.“

”هون....! تہ توهان سمنڊ ڪناري گهُميا پئي! ڪنهن سان گڏ؟“

”هيلو!“ عرفان ڪيس غور سان ڏٺو. صوفي تي ويهي هو خوشدليءَ وچان ڪليو. ”تنهنجي پتي ديو سان گڏ.“ هو بي انتها سُٺي موڊ ۾ هو. ”ڏاڍو لطف آيو.... تنهنجي مڙس سان منهنجي تہ دوستي ٿي ويئي .... خوب شيءِ اهي.“ هو سگريٽ دڪائڻ کان پوءِ ڏاڍو ڪليو.

””ڳالهہ تہ ٻڌايو....“ سيتا وهاڻن جي سهاري اونڌو ليٽي سوال پڇيو.

عرفان ساڳي طرح خوشيءَ وچان ڪلندو رهيو. ”تنهنجي پراڻ ناٿ جو جواب ناهي والله. ڪلهہ شام جو جڏهن مان گال مينس پهتس تہ هن مون کي مٿي پنهنجي ڪمري ۾ سڏائي ورتو. هميشہ وانگر تمام گهڻو ڊرنڪ (Drunk) هو. نہ دعا نہ سلام، گهڙندي ئي هن مون کي ’پدماوت‘ جو ’سنگلديپ کنڊ‘ ٻڌائڻ شروع ڪيو.... ائين لڳو ڄڻ مَلڪ محمد جائسيءَ جي روح منهنجو واسو ڪيو هجي .... دوها

پڙهندو ٿي ويو ۽ توکي ياد ڪري زاروزار روئندو ٿي ويو. جڏهن ’سنگلديپ ڪنڊ‘ پڙهي چڪو تہ پنهنجي موجوده زال جي تصوير ڏيکاريائين ۽ علامہ اقبال جا اسپين وارا شعر پڙهڻ لڳو.“
موجوده زال جي ذڪر تي عرفان محسوس ڪيو تہ سيتا جي چهري تي هڪ هلڪو بادل ڇانئجي ويو ۽ هن بي چئنيءَ وچان پاسو بدلايو.... عرفان توري ڳالهہ مٽائي چيو, ”سيتا .... تون نيرن ڪيڏي مهل ڪندي آهين؟“
نيرن جو فڪر نہ ڪريو.... ڳالهہ ٻڌايو....“
”چڱو سائين ....“ هن نڙي صاف ڪئي. ”انهيءَ کان پوءِ جميل صاحب ۾ تلسي داس جيءَ جي روح اچي واسو ڪيو ۽ هن رامايڻ جون چؤپايون وني پڙهڻ شروع ڪيو.... ڪيس ب ي انت چؤپايون زباني ياد آهن .... واقعي تو ڪنهن ڪرڪ سان شادي ڪئي هئي!“
سيتا کي اها ڳالهہ نہ وڻي. ”هو ڪرڪ بلڪل ناهي .... لٽريري شخص آهي .... اوهان جهڙا خالي ماٺهو پدماوت ۽ رامايڻ کي ڇا سمجهن.“
”اوهہ .... ڪاوڙجي وئينءَ. اڙي تون حڪم ڪرين تہ سمورو مهاڀارت، سمورو ڪاليداس، سمورو ديوان حافظ، سمورو شيڪسپيئر، سمورو ايليٽ، جيڪو چاهين ٻڌايان .... پر انهيءَ فراڊ ۾ منهنجو يقين ناهي .... توهان عورتون، اهڙين ڳالهين جي چڪر ۾ اچي تہ بيوقوف بنبيون آهيو.... ڇا توکي خبر ناهي تہ اهي وڏا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار، جيڪي محبت ۽ زندگيءَ جي حسن جي ساراهہ ۾ هزارين صفحا ڪارا ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻان زمين ۽ آسمان کي ڪٿان جو ڪٿان پاڻ ۾ ملائيندا آهن، گهرن ۾ پنهنجين زالن سان سلوڪ ڪيئن ڪندا آهن؟ خبر.... پوءِ تہ هو، رامايڻ ڇڏي وري ’سنگلديپ ڪنڊ‘ کان شروع ٿيو.... ۽ انهيءَ پيري مون کي ڇينيپندو بہ ويو تہ مان بہ ايترو وڏيڪ شراب چو نٿو پيان .... پوءِ هڪ هڪ دوهو ڏهہ ڏهہ پيرا مون کان پڙهايائين. ڪمال جو ماڻهو آهي والله .... گريٽ مين .... ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي ويچارو ....“
عرفان پنهنجي ايڪسائيٽمنٽ (Excitement) ۾ اُتي دريءَ ڏانهن ويو. هو بيحد خاموش هو.
”هڪ بہ دوها تون بہ ٻڌندينءَ؟“ هُن مڙي سيتا کان پڇيو.
”نہ.“

”نہ ڪيئن....؟ ٻُڌڻا پوندا .... توکي شڪايت آهي تہ مان لتريري ناهيان.“ هن پسار ڪندي نڙي صاف ڪئي. ”ڪهتا هي اُستاد ڪہ

”سنگلديپ ڪتا اب گائون
او سو ’پدمن‘ هرڻ سناؤن!“
ٻڌايان؟“
”نہ.“
”تنهنجا تہ وڏا بہ ٻُڌندا. جيئن تنهنجي مڙس مون سان ويڌن ڪئي آهي، تيئن مان بہ تنهنجي خبر چو نہ وٺان.... ٻُڌ.... ويچاري جميل ڪيتري قدر روئندي ٻڌايو هو:
راگهو جو سيتا سنگ لائي – راوڻ هَرلي ڪون سڌ پائي
يہ سنسار سُپن ڪر ليڪا – بچڙ گئي جانو نہ ديڪا (1)
هاءِ هاءِ .... اجا ٻُڌ:
سنگديلپ جو نانھ نياهو
يهي ٿانون سانڪر سب ساهو (2)
”ها.... انهيءَ جو ڪجھ اندازو تہ مون کي بہ آهي....!
سيتا کي بي اختيار کل اچي ويئي. هو پنهنجي جوش ۾ پسار ڪندو وري دريءَ وٽ آيو ۽ هيٺين طاق تي ٿونٽيون رکي دوهي مٿان دوهو ٻڌائيندو رهيو. هو واقعي ايڏو خوش هو جڻ ڪو وڏو مقابلو جيتي آيو هجي .... سيتا کيس اڄ تائين ايڏو خوش نہ ڏٺو هو.
”اجا ٻڌ، چا چيو اٿس ظالم ....
محمد جيون جل پرن رهنٿ گهري کي ريت
گهري جو آئي جيون پري يري جنم گا بيت (3)

فٽ نوٽ

(1) رام چندر جيءَ سان گڏ سيتا هئي پر ڪنهن کي خبر هئي تہ ڪيس راوڻ ڪٽي ويندو. هيءَ دنيا سپني مثل آهي، اُهي ائين وڇڙيا جڻ هڪ ٻئي کي ڏٺو بہ نہ هئائون.

(2) سنگلديپ جهڙي جاءِ تي ڪيئن پهچندين، اهو هنڌ لنگهڻ سيني لاءِ ڏکيو آهي.
(3) اي محمد! هيءَ زندگي نار مثل آهي جنهن ۾ پاڻي پريو آهي ۽ هاربو آهي. گهڙي ۾ پاڻي پرجڻ چڻ زندگي آهي ۽ پاڻي جو هارجڻ موت.

"توهان تي به منهنجي پتيءَ جي ڪرڪيٽي جو اثر ٿيو ٿو ڏسجي." هن عاجز ٿي چيو. "هاڻ اصل ڳالهه تي اچو."

"اجا ٻُڌ.... ٻُڌ .... پوءِ نه چئجان ته مون کي نه ٻڌايئه .... اڙي هاءِ هاءِ .... هو سندس ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪري ٻُڌائيندو رهيو:

"هي ڪي جوت ديپ جو سوجها — يه جو ديپ انڌيرا بوجها
جو پي ناهين استرو سا — جگ اجار کا ڪيجئي بسا."

"ڇا مطلب آهي؟" سيتا پڇيو.

"ملڪ محمد چوي ٿو ته دل جي روشنيءَ ۾ سنگلديپ ڏٺم .... ۽ هن اونداهي دنيا ۾ بلڪل ڪارو ڪارونيار آهي. جڏهن محبوب ئي وس ۾ ناهي، ته دنيا آباد هجي يا ويران. تنهن کي ڇا ڪبو.... ۽ ٻڌ...." هو هڪدم رائٽنگ ٽيبل تي ويٺو....

"محمد چنگ پيم کي سن مهه گگن ڊرائي،
ڌن برهن او ڌن هيا جيهين يه آگ سمائي" (1)

هن سيتا کي انهيءَ دوهي جو مطلب وري سمجهائڻ جي ضرورت نه سمجهي ۽ منهن هيٺ ڪري خاموش ٿي ويو.

"توهان به وڏا گُڻوان نڪتا!" سيتا چيو.

هن جهُڪي سلام ڪيو. "اڙي، توکي ڪهڙي خبر، مان وڏو لڪل رستم آهيان. ڇا ٿي سمجهين، بس اڪيلو تنهنجو جميل خان ئي اُستاد آهي؟"

"اوهان ديوانا آهيو بلڪل!" هوءَ ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

"سيتا"

"جي؟"

"هاڻي هو هڪ دفعو بيحد سنجيدو بڻجي غور سان پنهنجي بوٽن

فٽ نوٽ

(1) اي محمد!محبت جي ڇٽنگ ڪان تہ زمين ۽ آسمان بہ ڏڄن ٿا. شاباس آهي محبتين ۽ انهن جي دلين کي، جن ۾ اها آگ سمائجي وڃي ٿي.

ڏانهن ڏسي رهيو هو. پوءِ هن پنهنجي بي چئني لڪائڻ لاءِ قلمدانن ۾ رکيل پينسلن سان کيڏڻ شروع ڪيو... ”سيتا....“ هن ٻيهر چيو.

”جي....؟ جميل.... جميل.... ڇا چيو؟“ سيتا ساهہ روڪي پڇيو.

”جميل کي مون سموري ڳالهہ سمجھائي، اڏي رات جو جڏهن مون ڪيس سمنڊ جي ٿڌي هوا پئي کارائي تڏهن هو سوبر (Sober) ٿي چڪو هو.... مون کيس چيو تہ توکي طلاق ڏيئي ڇڏي .... ڇو تہ .... ڇو تہ.... ڇوتہ .... مان توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. سچوئيشن بيحد پراڻي ۽ گنل آهي نہ.... پر تون پاڪستان نہ ايندينءَ .... يا ايندينءَ؟“

گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ تيز ٿي ويئي، ٻاهر سمنڊ ۾ گجگوڙ هڪدم وڌي ويو. ڪجهہ ڪنن جي ماٺ ڪان پوءِ سيتا چيو: ”توهان اِهو ڪيئن سمجھيو تہ مان....“

”منهنجو سمجهڻ يا نہ سمجهڻ بلڪل منهنجو فعل آهي.... ۽ جيتري قدر منهنجو خيال آهي تہ مان پنهنجي فعل جو پاڻ مختيار آهيان. اوهان منهنجي سوال جو جواب ڏيو، مهرباني فرمائي....“

”اوهان هتان هليا وڃو.“

”ڪيڏانهن....؟ ڪمري کان ٻاهر....؟ هليو ويندس. هڪ دفعو تون اڳ ۾ بہ ٻاهر ڪڍي چڪي آهين. هونئن اهو سمجهي ڇڏ تہ مان ننر آهيان.... ۽ خبر ناهي تہ ڪهڙي مصيبت آهي جو هاڻي توتي غصو نٿو اچيم .... بس پيار آهي، جو وٽين ٿي ....پُڌ، اينڊرُ مهيني مان پئرس پيو وڃان .... تون هڪ ڪم ڪر ....“ هن بي انتها نروس (Nervous) ٿي وري پينسلن سان کيڏڻ شروع ڪيو.... ”تون هيئن ڪرجو اُتي اچ.“

هوءَ پلنگ تان اُتي بيٺي. ”جو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو .... هاڻي وڃو.“

”چڱو.... هڪ دوهو ٻيو بہ ٻُڌي ڇڏ. انهيءَ تي سوچجانءِ....“ هن دروازي تي پهچي چيو.

”محمد! مڏ جو پيم ڪا هيي ديپ نيهہ راک!

سيس ندئي پتنگ جيون تب لگ جائي نہ پاڪ (1)

فٽ نوٽ

(1) اي محمد! محبت جي شراب سان دل جو ڏيئو ٻار. پرواني وانگر جيستائين سر نہ ڏيندين تيستائين پرين وٽ ڪيئن پهچي سگهندين؟

# 20

”...۽ جڏهن ڪامديو، شمپو کي آڻ مچائڻ لاءِ روانو ٿيو تہ سپيئي مقدس صحيفا بيڪار ٿي ويا، پوترتا، صبر، سنياس، فرض، معرفت، علم، بي نيازي، سپيئي ميدان ڇڏي اٿي ڀڳا. عقل ڪتابن ۾ وڃي لڪو.

رتيءَ جو پتي (1) پنهنجو تير ڪمان ڪٽي ايڏي غصي ۾ ڪنهن کي ٿو پنهنجو شڪار بڻائڻ وڃي؟ ساري ڪائنات محبت ۾ گرفتار ٿي ويئي. وڻ جهُڪي ولين تي ڇانئجي ويا. نديون وڃي سمنڊ جي ڀاڪر ۾ ڀيڙيون ٿيون .... جل ٿل هڪ ٿي ويا .... پکي ۽ جانور، ديوتا ۽ پريون انسان ۽ نانگ، لطيف ارواح ۽ جهنگلي ڀوت پريت، شمشان جا ڀوت ۽ ساڌو سنت سڀ سندس طلسلم ۾ وٺي ويا.

عاقل، جيڪي هيستائين دنيا کي برهما جو ڀاڃو سمجهندا هئا، سموري دنيا هاڻي کين عورت جي روپ ۾ نظر اچڻ لڳي .... اهڙي حالت ۾ ڪامديو، شمپو وٽ وڃي پهتو.“ (2)

۽ ڪاليداس لکيو آهي ....“

تہ اُنهيءَ وقت مدن جي ٻاڻ تي، جيڪو انب جي مُکڙين سان سجيل هو، بهار جي ماڪيءَ جون ڪاريون مکيون اهڙي طرح ويهاريون ويون هيون، ڄڻ اُهي خيال مان پيدا ٿيل خدا جي نالي جا اکر هئا. هلال جهڙا گل، نهن جي نشانن جهڙا هئا، جيڪي بسنت رُت جي ويڙهجڻ ڪري جهنگل جي بدن تي پئجي ويا هئا.... بهار، تلڪ جو گل لڳائي، ڀنؤرن جي ڪاري ڪجل سان گڏ، پنهنجي چپن کي (جيڪو انبن جو ٻور هو) صبح جي سج جي سرخيءَ سان سجايو هو.... پيال

فٽ نوٽ

(1) ڪامديو، هندو ديومالائي عشق جو ديوتا.
(2) تلسي داس جي لکيل رامايڻ مان.

جي وڻن مان ڇٽندڙ زرگُل سان هرڻن جو اکيون ڏنڏلائجي ويون هيون ۽ اُهي جهنگل جي پنن تان ڇلانگ ڏيندا ٿي ڦريا .... ڪوئل جو آواز، خود محبت جو آواز بنجي ويو هو .... ڪوئل جو آواز، جيڪو مغرور عورتن جي سرد مهريءَ کي ٽوڙڻ ۾ ڏاڍو ماهر آهي .... مدن جي حڪم سان وڻ هڪ هنڌ بيهي ويا هئا. ڀنؤرا خاموش، جهرڪيون چپ چاپ ۽ هرڻ ماٺ ٿي ويا هئا .... سارو جهنگل ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ هڪ وڏي تصوير هجي.” (1)

فٽ نوٽ
(1) ڪاليداس جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ ’شڪنتلا‘ مان

ڇهه مهينا ٻيا لنگهي ويا. سيتا پروجيش سان گڏ ’اسپرنگ فيسٽيول‘(Spring festival) لاءِ سرينگر ويل هئي. اُتان موٽي هوءَ ساڻس گڏجي ڪلڪتي هلي وئي. نيٺ ڊسمبر ۾ پروجيش جي جاپان وڃڻ کان پوءِ هوءَ دهلي واپس آئي. اچڻ سان سندس ماءُ کيس ٻه لفافا ڏنا. هڪ تي روم جي مهر لڳل هئي. تمام مختصر خط هو:

”تازه ترين خبرون جيڪي تنهنجي باري ۾ ٻڌيون اٿم، صحيح آهن؟
- عرفان.“

ٻيو ڏکو لفافو نيويارڪ مان آيو هو. سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. جميل جو خط .... جميل جي هٿ سان لکيل سندس نالو .... سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. شام ٿي رهي هئي. دريءَ تي وڃي هن پڙهڻ شروع ڪيو.... اهو خط به تمام مختصر هو:
”راهُل بلڪل ٺيڪ آهي. مان توکي طلاق ڏيان ٿو. تون هاڻي آزاد آهين ۽ جنهن سان چاهين، شادي ڪري سگهين ٿي. راهُل کي مان ايندڙ سال دهلي جامعه مليه موڪليندس، جيئن هو پنهنجي ملڪ ۾

رهي ۽ هندستاني ٿئي، هتي بلڪل امريڪن ٿي ويو اهي. هو دهليءَ ۾ اچي تہ تون فرخنده وٽ وڃي ساڻس ملي بہ سگهين ٿي. مون کي ڪو اعتراض ناهي.
فقط جميل"

ڪيس ڏاڍي ڪمزوري محسوس ٿي رهي هئي. هوءَ اُٿيئي دريءَ وٽ فراسيءَ تي ويهي رهي ۽ ديوار جي سهاري ويهي هنومان جي تصوير ڏسڻ لڳي. جيڪو هٽ جي ٽريءَ تي جبل کنيو اُڏامندو پئي ويو.
ٻئي ڏينهن هن عرفان کي ايترو مختصر جواب لکيو:

"مان پنهنجي پاءُ جو انتظار پيئي ڪريان. هو جيئن ئي هتي ايندو تيئن ئي ممي ۽ ليلا ۽ موهنيءَ کي ساڻس درگاپور موڪلي، هڪدم تو وٽ پهچنديس. منهنجو انتظار ڪر. مان توکي .... ۽ فقط توکي پيار ڪريان ٿي ۽ انت سمي تائين اهڙيءَ طرح پيار ڪندي رهنديس."

'وقت نڪرندو پيو وڃي. وقت ڊوڙندو پيو وڃي. هاڻي مون کي دير ڪرڻ نہ گهرجي.' هن لفافو بند ڪندي پنهنجو پاڻ کي چيو.
پر هاڻي وقت جي ڪهڙي پرواهہ آهي! هن ٻيهر پاڻ کي ياد ڏياريو .... هاڻي هوءَ تمام جلدي مسز عرفان بنجي ويندي. هوءَ هاڻي قانوني طور تي آزاد آهي. هوءَ عرفان سان شادي ڪندي، جيڪو انٽيلڪچوئل يا بوهيمين ناهي .... بيحد سمجهدار سڌو سادو سالڊ (Solid) ماڻهو آهي .... پوءِ هوءَ پاڪستان هلي ويندي ۽ پاڪستاني شهري جي حيثيت سان پنهنجي شهر ڪراچي واپس هلي ويندي، جيڪو هاڻي سندس ناهي پر پوءِ ٿي ويندو .... شايد .... پوءِ هوءَ انهن سپني جاين تي ٻيهر ويندي .... حيدرآباد .... ساڌ ٻيلو .... سکر .... ملتان .... پنج ند جو اهو ڊاڪ بنگلو جتي رات جي راڻي مهڪي هئي.
جميل ۽ قمر ٻنهي سندس روح کي مالا مال ڪرڻ بدران اٿلندو سندس روح کي گهايل ڪيو هو. پروجيش پنهنجي عظمت ۾ ايڏو گم ٿيل هو، هو سندس روح کي ڇهيائين بہ نہ .... پر عرفان .... عرفان.
سيتا ميرچنداڻي .... سيتا جميل .... سيتا عرفان .... ۽ هاڻي تمام جلدي سندس پراڻا دوست، بلقيس، هيما، للتا، هن جي لاءِ غير ملڪي ٿي ويندا. سندس ماءُ، سندس پاءُ پيڻ، سموري هندستان ۾ پکڙيل سندس ماڻهو .... سنڌ مها ساگر هاڻي جن جو ناهي .... پر سيتا ميرچنداڻي سنڌ ديس واپس وڃي رهي

آهي. نيٽ ڪيس پنهنجو گهر ملي ويو .... عرفان جو خيال، هن جي لاءِ هاڻي ائين هو جيئن اُماس جي رات ۾ اوچتو چنڊ نڪري اچي.

ﭜ هفتا ڪيس سفر جي تياري ۾ لڳي ويا. جنهن ڏينهن هوءَ جلدي جلدي پنهنجون ساڙهيون استري ڪري سوٽ ڪيس ۾ رکي رهي هئي ته هن جي ماءُ سندس ڪمري ۾ اچي پڇيو: ”هاڻي ڪٿي ٿي وڃين؟“

”ممي .... مان عرفان سان شادي ڪرڻ وڃان ٿي.“ هن سوٽ ڪيس بند ڪري سڪون سان وراڻيو.

منجهند جي وقت ڪناٽ پئليس ۾ ايئرلائنز جي آفيس مان ٻاهر نڪري هن سوچيو ته سڀني دوستن کي آخري ڀيرو ’خدا حافظ‘ چوي. ڪافي هائوس اجا سنسان پيو هو. هونئن للتا ۽ ڪيلاش جو گروپ گهڻو ڪري شام جي وقت يا آچر جي صبح جو اتيئي ملي ويندو هو.

آٽو رڪشا ۾ هوءَ سڀ کان اول نظام الدين ويسٽ ويئي، جتي چوڌاري پري پري تائين نون بنگلن ۾ گهڻو ڪري وچئين طبقي جا پنجابي آباد هئا. هوءَ پهريون ڀيرو للتا وٽ وڃي رهي هئي. ڏاڍي مشڪل سان ڪيس للتا جو ننڍڙو گهر مليو. هوءَ اندر اڱڻ ۾ سليپنگ سُوٽ تي شال اوڍي اُس ۾ ويٺي هئي. سندس ٻار اسڪول مان موٽي اڱڻ ۾ ٽرائيڪل هلائي رهيو هو. سندس مڙس اجا آفيس مان واپس نه آيو هو. رسويو بورچيخاني ۾ ماني تيار ڪري رهيو هو. سيتا وڃي للتا وٽ کٽ تي ويٺي.

”اڄ جمعدارڻ اجا تائين ناهي. سموري گهر ۾ ايترو ڪچرو پيو آهي.“ للتا مطمئن آواز ۾ ڪيس چيو. ڪيس زڪام ٿي پيو هو. ”هيڏانهن اچ، هاڻي اُس تان ڪسڪي پريان هلي ويندي.“

نئين هندستاني اسٽيج جي هيءَ بلندپايه اداڪارا پنهجي گهر جي چوديواريءَ ۾ محفوظ، ڪيڏي سڪون سان ويٺي هئي.

هوءَ ڪلاڪ کن سيتا سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي رهي. هن ﭜ سيتا کان وڌيڪ ڪجهه نه پڇيو. جڏهن اُس اڱڻ مان ڪسڪي هلي ويئي ته هن چيو: ”اچ، سامهون هلي ويهون.“ هوءَ چپ چاپ اُٿي ٻاهر آئي، جتي ننڍڙي لان ۾ ﭜ موڙا وجهي للتا ڪيس ويهڻ لاءِ چيو.

”هاڻي هلنديس.“ ڪجهه دير رکي سيتا چيو.

”واهه! ماني کائي وڃجانءِ.“

”نه، دير ٿي ويندي.“

”چڱو، موهن جو ته انتظار ڪر، هاڻي ايندو هوندو.“

”چڱو.“

سامهون ڪجهه قدمن جي مفاصلي تي نظام الدين اولياء جي مقبري جي ديوار تي اُس لهرون هڻي رهي هئي. فضا ۾ ڏاڍي بي چئني ۽ اُداسي هئي. سيتا ٽڪجي پاسو بدلايو. للتا چپ چاپ رستي ڏانهن ڏسندي رهي.

نظام الدين اولياء جي مسجد مان آذان جو آواز آيو. فضا جو سناٽو گهرو ٿي ويو.

”للتا، هاڻي مان هلنديس. ڪيلاش، پرديپ، ڪامران، سيني کي منهنجا سلام چئج ۽ ڪافي هائوس واري سموري ڪرائوڊ (Crowd) کي.“

”چڱو.“

نوڪر آٽو رڪشا وٺي آيو.

رستي تي هنڌ هنڌ تي واچوڙا هئا. هوءَ للتا کان موڪلائي آٽورڪشا ۾ اچي ويٺي. آٽو رڪشا واري سردارجيءَ جي ڊگهي اڇي ڏاڙهي، سياري جي تيز هوا ۾ لهرائي رهي هئي.

للتا پنهنجي ننڍڙي ڦاٽڪ تي جهُڪي دير تائين رستي ڏانهن ڏسندي رهي.

املتاس جا پيلا پن واچوڙي ۾ اُڏري رهيا هئا. اُس هاڻي تيزي پئجي چُڪي هئي.

”ڪيڏانهن هلون بيبي؟“ سردارجي ٻاهر مين روڊ تي اچي پڇيو.

بلقيس جي گهر ۾ اُن وقت ڏوبي آيو هو. ننڍي ماسي پنئين ورانڊي ۾ ڀاڄي واري کان پٽاٽا ترائي رهي هئي. فرخنده جا ٻار اسڪول مان موٽي هميشه وانگر پاڙي جي ٻارن سان پنئين لان ۾ ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هئا. بلقيس لائونج ۾ بيد جي ڪرسين جا ڪور لاهڻ ۾ مصروف هئي.

”هن ڪمري ۾ اچ، مان ٿورو اِهي چادرون لاهي وٺان.“ سيتا کي ڏسي هن سڪون سان چيو.

تمام عمر رها غمزه و ادا کا شکار

ڊائننگ روم جا ميز پوش سميٽي هوءَ فرخنده جي بيڊ روم ۾ آئي.

”هن پاسي وارو دروازو بند ڪرينس، ڏاڍي هوا پيئي لڳي.“ هن سيتا کي چيو. پوءِ هوءَ جلدي جلدي ڊريسنگ ٽيبل جون شيون هٽائي فرش تي رکڻ لڳي. سيتا صفائي ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪندي ويئي.

بلقيس، فرخنده ۽ گهوٽس جي پلنگن جا پوش لاٿا. ائش – ٽري صاف ڪيائين. نيرن پردن جي پٽيان لڪيل، ’هندستان ٽائيمز‘ جي ڍير تان مٽي ڇنڊيائين، گهوٽس جا ڪپڙا، جيڪي ڪمري ۾ وکريا پيا هئا، سميٽيائين.

تمام عمر رها غمزه و ادا ڪا شڪار

پر واري ڪمري ۾ ننڍي ماسي هيٽر جلايو ۽ شال ۾ نهن ڪان وني چوٽي تائين ويڙهجي پلنگ تي اوڪڙون ويهي رهي ۽ سوپاري ڪترڻ لڳي. ٻاهران ٻارن جي ڪلڻ ۽ وڙهڻ جا آواز آيا پئي.. سردي هاڻي وڌي ويئي هئي.

چاڻڪيا پوريءَ جي ڊپلوميٽڪ ڪالونيءَ ۾ اعليٰ آفيسرن جا سرڪاري فليٽ ۽ سفارت خانن جون عمارتون پري پري تائين بي نيازيءَ سان ڦهليل هيون. مسرور ۽ مطمئن انسان، انهن عمارتن ۾ رهندا هئا. پريان گردوغبار جي ڌنڌ ۾ ويڙهيل اشوڪا هوٽل پنهنجي عظمت ۾ سربلند ۽ اٽل ڳاڙهي پٿر جي اوچي عظيم الشان جبل وانگر بيٺي هئي. باغن ۾ سرءُ جا گل ٽڙي چڪا هئا.

تمام عمر رها غمزه و ادا ڪا شڪار

لائونج جو دروازو کڙڪيو. ڪيلاش آيو هو. پرديپ جي فون آئي. ٻارن ڊرائنگ روم ۾ ٽڪاءُ سان گلاس پيجي وڌو. ادي بتول ورانڊي ۾ ٽيهريءَ جي نماز کان پوءِ وظيفو پڙهندي هونگر ڏني.

چاڻڪيا پوريءَ مان روانِي ٿي، سيتا شام جو ڪمشنر لين پهتي. ’نيري ڪوٺيءَ‘ جي ورانڊي ۾ بيٺل ٻن ٽن چوڪرين ڪيس نمستي ڪيو.

گارڊن هائوس ۾ هيما پنهنجي ٻار سان بيڊروم ۾ وڃي چڪي هئي. سندس مُڙس لنڊن مان موٽي آيو هو ۽ هوءَ ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ ساڻس گڏجي پنهنجي ساهورن شولاپور وڃڻ واري هئي.

گارڊن هائوس ٻاهران گاهه تي ٻه ننڍڙا تبتي ڪتا ڪيڏي رهيا هئا: ’چنگ ۽ چائو.‘ شهزاد انهن ڪي هنج ۾ کڻي سيتا سان انهن جو تعارف ڪرايو: ”اهي ٻئي دلائي لاما سان گڏ هتي آيا آهن.“

”اڇا!؟“

”اقبال وٽي آيو آهي سرحد تان. هو دلائي لاما جي قافلي سان ڊيوٽيءَ تي هو نہ! خبر اٿيئي، اقبال هاڻي ليفٽننٽ ڪرنل ٿيڻ وارو آهي!“

”هائو ونڊرفل!“

امان ٻاهر نڪري آئي.

”اڙي سيتا، ڪافي ڏينهن کان پوءِ ڏسڻ ۾ آئي آهين. ڪيئن آهين؟“

”ٺيڪ آهيان امان.“

”شام ٿي ويئي آهي، سرديءَ ۾ ٻاهر نہ ويهہ.“

”چڱو امان.“

”انهيءَ گهڙي، جڏهن ٻئي وقت پاڻ ۾ ملندا آهن، تڏهن مهاديو ۽ پاروتي ڪيلاش تان لهي اُڏامندا ڦرندا آهن.“ اهڙي ئي هڪ سرد شام جو امان ڪيس ٻڌايو هو.

هيما ۽ شهزاد کان موڪلائي هوءَ رات جو قرول باغ موٽي. صبح جو سوير هوءَ پئرس لاءِ فلاءِ ڪرڻ واري هئي.

# 22

جنوري 1961ع جي انهيءَ اونداهي ٽپهريءَ جو مينهن اوهيڙا ڪري وسي رهيو هو. جڏهن ٽئڪسي ’بوليوار سوشي‘ جي هڪ ڇاتل سجاتل عمارت هيٺيان وڃي بيٺي، تہ سيتا کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ صدين کان پنهنجي گهر موٽي آئي هجي، جو تہ جتي عرفان آهي، اُهو سندس گهر آهي. جميل سندس نوعمري جو پيار هو، جيڪو ڪجهہ مهينن کان پوءِ ئي ختم ٿي ويو. قمر جي بي پرواهي، ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. پروجيش چوڌري کي ساڻس همدردي محسوس ٿي هئي.، شهرت، عزت، دولت، ۽ مقبوليت، انهن ڇئني شين جي وٽس گهٽائي هئي. عورتون مٽس ساهہ ڇڏينديون هيون. مرد مٽس رشڪ ڪندا هئا. پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هو بيڪس لڳندو هو. سيتا کي پهريون پيرو اهو محسوس ڪري شديد خوشي ٿي هئي تہ اُن وقت تائين ڪيس رحم جي قابل سمجهيو ويندو هو. پر هاڻي هوءَ پاڻ بہ ڪنهن تي رحم ڪائي سگهي ٿي. انهيءَ رات پروجيش ڪانسٽيٽيوشن هائوس ۾ سيتا کي چيو هو: ”سيتا ديوي، مان ساري عمر بلڪل اڪيلو رهيو آهيان. دنيا منهنجين تصويرن کي

سمجهي سگهي ٿي پر مون کي نٿي سمجهي. منهنجا دوست، منهنجا نقاد، منهنجا مداح، ڪوبہ اصلي پروجيش چوڌري کي نٿا سڃاڻين. ڪوبہ اُنهي پروجيش چوڌري کي نٿو سڃاڻي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ آڌيءَ رات جو ڪلڪتي جي سنسان گهٽين ۾ پنهنجي روح جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو وتندو هو. ۽ هاڻي شهرت ۽ عظمت جي سڀ کان اوچي سنگهاسن تي ويٺو آهي، پر پوءِ بہ خوش ناهي. بي شمار سهڻيون ڇوڪريون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون، سيتا ديوي، پر منهنجي روح جي گهراين تائين ڪابہ پهچي نہ سگهي."

سيتا کي خبر هئي تہ پروجيش ڪمار چوڌري لباڙ پئي هڻئي پر پروجيش جي انهيءَ فراڊ تي تہ کيس ترس اچي ويو. جڏهن هو ٻارن وانگر کيس چوندو هو تہ مون کي تنهنجي ضرورت آهي سيتا ديوي، تہ سندس اندر لڪل ماءُ جاڳي اُٿندي هئي.

پر عرفان. عرفان ....

هيستائين هوءَ قانوني طور تي مسز جميل هئي، پر هاڻي اهو ڪاغذ آمريڪا مان اچي ويو. 'مسز عرفان' سڏائڻ جو حق هاڻي ڪانئس ڪوبہ نٿو کسي سگهي. هاڻي اُهي جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد شادي ڪندا. عرفان هاڻي سندس 'عاشق' نہ هوندو پر سندس 'مڙس' هوندو. مجازي خدا، ديوتا، سيني سڳن کان اُتم، مقدس، خوبصورت ۽ پيارو سڳ. سندس قانوني مڙس.

هوءَ تيزيءَ سان ڏاڪڻ چڙهي مٿي آئي ۽ پنهنجي فليٽ جي دروازي تي وجي زور زور سان ڪال بيل وڄائڻ لڳي. دروازو کليو، اندران هڪ اجنبي مهاندي ڪنڌ ڪڍيو.

"ڪير؟"

"مان 'ميڊم عرفان' آهيان."

"جي؟ ميڊم عرفان؟" اجنبي، جيڪو ڪُراڙو فرانسيسي هو، دروازي مان اڌ ٻاهر نڪري، کيس غور سان ڏٺو. "توهان کي يقين آهي تہ توهان ميڊم عرفان آهيو؟"

"جي ها. ڇو؟ ڇا مطلب؟" غصي، شرم ۽ خفت کان سندس ٽنگون ڏڪڻ لڳيون.

"پر موسيو عرفان تہ ڪالهہ ئي صبح جو ميڊم عرفان سان ٻن مهينن جي موڪل تي 'ڪرانسي' ويو آهي، اوتري عرصي لاءِ تنهنجو فليٽ مون کي ڏيئي ويو آهي، اچو مئڊم، اندر اچو."

"ميڊم عرفان؟" سيتا ٻُڏندڙ آواز ۾ اهڙي طرح ڇيوڇڻ ڪوهہ جي اونهائيءَ مان ڳالهائي رهي هجي.

”اُهائي ميڊم، جيڪا اڳ ۾ ’مادموزيل مارسيل دوبير‘ هئي. هوءَ موسيو عرفان جي آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. شادي گذريل آچر تي ٿي هئي، ميڊم. سابق مادموزيل دوبير، نارمنديءَ جي ملڪھ حُسن رهي چڪي اهي. ننڍي عمر جي آهي. لڳ ڀڳ اُڻويهن سالن جي ٿيندي.“

رومال سان هٿ اگهندي بالڪنيءَ ۾ وڃي هوءَ آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”ڪيترن ڏينهن کان سج نڪتوئي ناهي. اڄ ڏاڍي ٿڌ آهي. خبر ناهي تہ بهار هن سال ڪيتري دير کان پوءِ ايندو. اچو اندر اچو. هتي هوا ڏاڍي تيز آهي.“

تمام عمر رها غمزه و ادا کا شکار

اجا ڏينهن باقي آهي. پوءِ رات پوندي. پوءِ صبح ٿيندو. هڪ ٻيو ڏينهن، هڪ ٻي رات.

سلسلۂ روز و شب نقش گرِ حادثات.

ڏينهن ۽ رات جو حساب رکڻ جي غلطي ڪڏهن نہ ڪج. وقت جو حساب ڪوبہ لڳائي نہ سگهيو آهي.

تُجھي پرکتا هي یہ، مُجھي پرکتا هي یہ

سلسلۂ روز و شب صيرفي ڪائنات

”ڏينهن ۽ رات جو حساب. زندگي کا تنهنجي کا ڊاڪيومينٽري فلم آهي جو سموري زندگيءَ کي ڪٽي لانگ مڊڪلوز (Long mid-close) ۾ سموئي ڇڏيندينءَ؟“ بليس هڪ ٻيري صولت کي چيو هو.

سلسلۂ روز و شب تارِ حرير دو رنگ

هوا جي جهوٽي سان دروازو زور سان بند ٿي ويو. ....

**(پورو ٿيو)**

## پيشڪش : آن لائين ڪتاب گھر

## ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

5/06/2014